ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 05 جنوري 2026ع 15 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (143)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن بامعنيٰ ڳالهين ۽ سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عملدرآمد سان ئي ممڪن آهي: صدر زرداري

والاريل جمون ڪشمير جي صورتحال اڄ به ڳڻتي جوڳي آهي ست ڏهاڪن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود ڪشمير جي عوام جي خودارادیت واري حق جو واعدو اڃان تائين پورو نه ٿي سگهيو آهي

ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير ۾ سياسي سرگرمين ۽ اظهار راءِ جي آزادي تي وڏيون پابنديون، ڳڻهين نظربنديون ۽ جابرانا قانونن جي استعمال خوف واري فضا قائم ڪري ڇڏي

جابرانا قانونن جي استعمال سميت عام شهري تشدد جو نشانو بڻجي رهيو آهي، ڪيترائي خاندان بي گهر ۽ ماڻهو روزگار کان محروم ٿي رهيا آهن، دريائن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي ڪوشش سنگين چئلينج آهي

ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي هڪ طرفي معطلي پنهنجي عالمي ذميوارين کان انڪار ۽ پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي هڪ خطرناڪ سازش آهي، جنهن سان خطي جي امن کي شديد خطرا ٿي سگهن ٿا

گڏيل قومون صرف ڳڻتي جي اظهار کان اڳتي وڌنديون ڪشميري عوام کي سندن فتح نه ٿيڻ جوڳو خود ارادیت واري حق لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري ۽ حقن جي ڀڃڪڙين جي خاتمي سان گڏوگڏ شهرين جي تحفظ لاءِ قدم کڻي

پاڪستان ڀارت جي غير قانوني طور تي قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي عوام جي مسلسل اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو، اسان سندن منصفاڻي ۽ پرامن جدوجهد ۾ ساڻن گڏ آهيون: پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري والاريل جمون ڪشمير جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته 7 ڏهاڪن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود هي واعدو اڃان تائين پورو نه ٿي سگهيو ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن صرف بامعنيٰ ڳالهين ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عملدرآمد سان ئي ممڪن آهي ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري پيغام ۾ خود ارادیت واري حق جي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر مملڪت چيو ته 5 جنوري تي پاڪستان جي عوام جمون ڪشمير جي عوام سان گڏجي خودارادیت واري حق جو ڏهاڙو ملهائيندا آهن هي ڏينهن بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اڄ هنگامي اجلاس، طلب اڳڀرائي عالمي قانونن لاءِ خطرو آهي: سيڪريٽري جنرل

وينزويلا جو صدر نيو يارڪ جيل منتقل، نائب صدر ذميواريون سنڀالي ورتيون، ملڪ ۽ وسيلن جو دفاع ڪنداسين: ڊيلسي روڊريگز

آمريڪي فوجي آپريشن دوران گرفتار صدر نڪولس مادورو کي اهلڪارن طرفان هٿڪڙيون هڻي نيو يارڪ جي علائقي مين هيٽن ۾ ڊي اي اي جي هڪ جيل منتقل ڪيو ويو

وينزويلا جي نائب صدر ڊيلسي روڊريگز عدالتي حڪم تي صدارتي ذميواريون سنڀالي ورتيون، صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيان سان اختلاف ۽ نڪولس مادورو جي فوري طور آزادي جو مطالبو

ملڪ جو صدر نڪولس مادورو ئي آهي، وينزويلا ڪنهن به ملڪ جي ڪالوني نه بڻجندو، اسان پنهنجي ملڪ ۽ قدرتي وسيلن جو ڀرپور دفاع ڪنداسين: نيوز ڪانفرنس ۾ اظهار

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل اڄ هنگامي اجلاس گهرائي ورتو، آمريڪا جي فوجي ڪارروائي تي وڌندڙ عالمي ڳڻتي ۽ عالمي نظام کي پيش امڪاني خطرن تي غور ڪيو ويندو

وينزويلا ۾ آمريڪا جي تازي اڳڀرائي عالمي قانونن لاءِ هڪ خطرناڪ مثال خطي ۾ عدم استحڪام پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن جي ڀڃڪڙي ٿي آهي: سيڪريٽري جنرل

چين پاران وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس گهرواري جي فوري طور آزادي جو مطالبو، آمريڪا وينزويلا کي غير مستحڪم ڪرڻ جون ڪوششون بند ڪري: پرڏيهي وزارت

نيو يارڪ (م ڊ) وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي نيو يارڪ جي هڪ جيل منتقل ڪيو ويو آهي نڪولس مادورو ۽ سندس گهرواري کي ڇنڇر ڏينهن وينزويلا ۾ آمريڪي فوجي آپريشن دوران گرفتار ڪيو ويو هو نيو يارڪ ۾ نڪولس مادورو تي منشيات جي سمگلنگ ۽ هٿيار رکڻ بابت الزام لاڳو آهن وائيٽ هائوس طرفان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل هڪ وڊيو ۾ ڏسي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

وينزويلا کي اسان هلائينداسين، ڊونلڊ ٽرمپ طرفان آمريڪي تيل ڪمپنيون موڪلڻ جو اعلان

آمريڪي فوج منهنجي حڪم تي وينزويلا کي نشانو بڻائي فوجي قوت کي ناڪاره بڻائي ڇڏيو

اسان ٻئي حملي لاءِ به تيار آهيون پر ايئن لڳي ٿو ته ٻئي حملي جي ضرورت نه پوندي

آپريشن تاريخي هو هاڻ وينزويلا جا سمورا معاملا اقتدار جي منتقلي تائين آمريڪا هلائيندو: پريس ڪانفرنس

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪي تيل ڪمپنيون وينزويلا موڪلڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته وينزويلا کي اقتدار جي منتقلي تائين اسان هلائينداسين تفصيل مطابق وينزويلا ۾ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جا مختلف ملڪن جي پرڏيهي وزيرن سان رابطا، سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

ملائيشيا جي پرڏيهي وزير محمد بن حاجي حسن سان ٽيليفونڪ رابطي ۾ ٻه طرفن لاڳاپن تي ڳالهيون ٿيون

بنگلاديش جي پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار سان رابطي دوران مختلف شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جو عزم

رابطن دوران تازي اڳڀرائي جنهن ۾ ايشيا ۽ وچ اوڀر جي بدلجندڙ صورتحال تي به ڳالهيون ڪيون ويون

بيجنگ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ملائيشيا جي پرڏيهي وزير محمد بن حاجي حسن سان ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي پرڏيهي آفيس مان جاري بيان بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

سرگوڌا: سردي وڌڻ سبب ماڻهو باهه تي هٿ سهڪي رهيا آهن

والاريل ڪشمير ۾ ريلوي اسٽيشن تي فائرنگ دوران ڀارتي فورسز جو اهلڪار زخمي

جمون (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ والاريل ڪشمير ۾ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير ۽ گورنر پاران لڪي مروت ۾ پوليس اهلڪارن تي فائرنگ واري واقعي جي مذمت

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخواهه جي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

حوالي ۽ هنڊي جو ڪاروبار برداشت نه ڪيو ويندو، بنا امتياز ڪارروائي ٿيڻ گهرجي: محسن نقوي

وفاقي گهرو وزير ايف آءِ اي ڪراچي زون جو دورو ڪري هڪ خصوصي اجلاس جي صدارت ڪئي

معصوم ماڻهن کي نوڪري جو لالچ ڏئي ٻاهرين ملڪن موڪلڻ وارا عنصر ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن

جعلي دوائن جو ڪاروبار ڪندڙ انساني زندگين سان کيڏي رهيا آهن، ملوث ماڻهن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ايف آءِ اي ڪراچي زون جو دورو ڪيو جتي هن هڪ خصوصي اجلاس جي صدارت ڪئي وفاقي گهرو وزيرايف آءِ اي ڪراچي زون ۽ سائوٿ زون جي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

تعليم کي رڳو انتظامي معاملو نه پر قوم جي مستقبل جي ضمانت سمجهون ٿا: وڏو وزير

شهيد ذوالفقار ڀٽو هڪ اهڙي تعليمي اداري جو تصور ڏنو جنهن وقت، فاصلي ۽ حالتن جون رڪاوٽون ٽوڙيون

سندس اهو نظريو اڄ هڪ سگهارو وڻ بڻجي چڪو آهي، جيڪو لکين شاگردن کي ڇانوَ فراهم ڪري پيو

شاگردن تعليم کي ذاتي فائدي بجاءِ سماجي انصاف، رواداري ۽ انساني وقار جي واڌاري طور اختيار ڪن

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه تعليم بابت سنڌس حڪومت جي پڪي پهه جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته تعليم ئي متوازن سماج ۽ مضبوط رياست جي واحد ضمانت آهي هن اها ڳالهه علامه اقبال اوپن بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

ڪشمير مسئلو ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي اڻ مڪمل ايجنڊا آهي: سردار اياز صادق

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته ڪشميري عوام کي سندن بنيادي ۽ فتح ته بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

سکر: تماچاڻي ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويلن جا لاش

سکر: علاج لاءِ ايندڙ بگٽي برادري جي ماڻهن تي فائرنگ، ٻه ڄڻا قتل

تماچاڻي ٿاڻي جي حد فراش موڙ ڀرسان هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني

هٿياربند جي فائرنگ جي نتيجي ۾ بالاچ بگٽي ۽ خميسو بگٽي مارجي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) علاج لاءِ ايندڙ بگٽي برادري جي ماڻهن تي فائرنگ، ٻه ڄڻا قتل.ان سلسلي ۾ سکر جي تماچاڻي ٿاڻي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2


واشنگٽن: آمريڪا پاران گرفتار ڪيل وينزويلا جي صدر کي عدالت آندو پيو وڃي

ڪشمير سميت سڄي دنيا ۾ رهندڙ ڪشميري اڄ يوم خودارادیت ملهائيندا

سرينگر (اي پي پي) ڪنٽرول لائين جي ٻنهي پاسن سميت سڄي دنيا ۾ رهندڙ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

چين ۾ گهٽ بلندي واري فضائي سامان جي صنعت ۾ تيز رفتار ترقي جو رجحان برقرار

صنعت جي پيداواري ماليت جي ساليانه سراسري اوسر واري شرح 10 سيڪڙو کان وڌيڪ رڪارڊ ڪئي وئي

ملڪ ۾ گهٽ بلندي واري فضائي سامان جي استعمال جا منظرناما تيزي سان وسيع ٿي رهيا آهن: عملدار

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ 14 هين پنجن سالن واري منصوبي دوران گهٽ بلندي واري فضائي سامان جي صنعت جي پيداواري بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

پاڪستان جي اسٽارٽ اپس جي فنڊنگ ۾ گذريل سال 62.66 سيڪڙو نمايان اضافو ٿيو

سال 2024ع دوران پاڪستان ۾ اسٽارٽ اپس کي 22.5 ملين ڊالرن جي فنڊنگ ڪئي وئي هئي

گذريل سال دوران پاڪستان جي اسٽارٽ اپس کي 10 راؤنڊز ۾ 36.6 ملين ڊالر جي فنڊنگ ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي اسٽارٽ اپس جي فنڊنگ ۾ 2025ع دوران 62.66 سيڪڙو جو نمايان اضافو ٿيو آهي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

چين دنيا جو سڀني کان وڏو ۽ جديد ترين هاءِ اسپيڊ ريل نيٽ ورڪ تعمير ڪري ورتو

پنجن سالن واري ريلوي منصوبي جي ڪل ڊيگهه هڪ لک 65 هزار ڪلوميٽر هوندي

سڄي ملڪ ۾ 2030ع تائين ريلوي جي ڪل ڊيگهه هڪ لک 80 هزار ڪلوميٽر تائين پهچي ويندي

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ ريلوي جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ وينزويلا مٿان جنگي حملي صدر ۽ سندس گهرواري جي گرفتاري خلاف مظاهرو

سول سوسائٽي جي اڳواڻن ناصر منصور، عبدالخالق جونيجو ،ڪامريڊ زهره ۽ ٻين احتجاج ڪيو

آمريڪا جي وينزويلا خلاف جنگ دنيا جي سمورن آزاد ملڪن ۽ عوام خلاف کليل ڌمڪي آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آمريڪا طرفان بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

ڊاڪٽر سعديه ڪمال
ڪراچي: ڊاڪٽر سعيده ڪمال جي ڪتاب جو مهورت ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ حضرت علي ع جو جشن ولادت انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

جعفريه الائنس پاڪستان جي اهتمام هيٺ نشتر پارڪ ۾ جشن مولود ڪعبه منعقد

حضرت عليؓ جي زندگي علم، بهادري، صبر ۽ خدمت خلق جو حسين امتزاج آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جعفريه الائنس پاڪستان جي اهتمام هيٺ نشتر پارڪ ۾ مولودِ ڪعبه حضرت علي عليه السلام جي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ ضلعي لوئر جي رهواسين جو مطالبن جي مڃتا لاءِ مظاهرو

اڳوڻي ايم پي اي ملڪ سربلند خان، عامر خان، حاجي جهانزيب، اول خان ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رانوليا ۽ ديهن ۾ واپڊا پاران 2010 کان عوام سان مسلسل ناانصافيون ڪيون پيون وڃن: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي لوئر بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

بيجنگ: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ چين جو پرڏيهي وزير وانگ يي ٻنهي ملڪن جي سفارتي تعلقاتن جي 75 هين سالگرهه جي لوگو جو نماءُ ڪري رهيا آهن

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

وفاقي آئيني عدالت ۾ سپر ٽيڪس بابت اهم ڪيسن جي ٻڌڻي اڄ سومر تي ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ انڪم ٽيڪس آرڊيننس 2001ع بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار ڀٽو جي 98هين سالگرهه اڄ ملهائي ويندي، سڄي ملڪ ۾ تقريبون رٿيل

مختلف شهرن ۾ سياسي، سماجي ۽ عوامي تنظيمن طرفان تقريبون ۽ سيمينارز منعقد ڪيا ويندا

پيپلز پارٽي جي انتظام هيٺ مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي خاص پروگرام ترتيب ڏنا ويا، مرڪزي اڳواڻ شرڪت ڪندا

شهيد ڀٽو جي سياسي جدوجهد، آئين جي جوڙجڪ ۽ ملڪ کي ايٽمي پروگرام ڏيڻ جهڙن قدمن کي اجاگر ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 98هين سالگرهه (اڄ) 5 جنوري تي سڄي ملڪ ۾ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2



خيبر پختون خواهه صوبي ۾ وڏي مثبت تبديلي نظر اچي رهي آهي: امير مقام

صوبائي حڪومت عوام کي تعليم، صحت، روزگار ۽ انفرا اسٽرڪچر جي شعبن ۾ ڪجهه به ناهي ڏنو

هاڻ صوبي جي عوام، سوچ ۽ ڪوڙ، وفاداري ۽ بي وفائي ۾ فرق ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي

بٽ خيلا (اي پي پي) ڪشميس گلگت بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

آمريڪا عالمي قانون لتاڙيندي وينزويلا تي حملو ڪري کليل دهشتگردي ڪئي آهي: جماعت اسلامي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان ادارو نورحق ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

وفاقي آئيني عدالت ۾ اڄ اهم نوعيت جي مختلف ڪيسن جي ٻڌڻي ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

خصوصي ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۽ هڪجهڙا موقعا ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

پاڪستان ۾ نور کان محروم ماڻهو مختلف شعبن ۽ چٽاپيٽي واري امتحان ۾ به ڪاميابي ماڻي رهيا آهن

پرڏيهي وزارت جي آفيسر صائمه سليم گڏيل قومن جي مشن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي

حڪومت ڪانسراءِ تعليمي ادارن، سول سوسائٽي، نجي شعبا به تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف نور کان محروم ماڻهن سميت سمورن خاص ماڻهن جي حقن جي تحفظ، هڪجهڙن موقعن جي فراهمي ۽ برابري واري معاشري جي جوڙجڪ لاءِ عزم جو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

صدر ۽ وزير اعظم پاران لڪي مروت ۽ بنون ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ پوليس اهلڪارن جي شهادت تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

وفاقي وزير انجنيئر امير مقام سان شانگلا ۽ سوات جي مختلف علائقن جي وفدن جي ملاقات

سوات (اي پي پي) ڪشميس گلگت بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

سيالڪوٽ: وفاقي بچاءُ وارو وزير خواجه آصف پنهنجي رهائشگاهه تي ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

سعودي عرب ۾ وڌيڪ 18 هزار 805 ماڻهو گرفتار، 12 هزار غير قانوني پرڏيهي بيدخل

غير قانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 739 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار ٿيلن ۾ 62 سيڪڙو ايٿوپين، 37 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان جا ماڻهو شامل

انهن کي سفر، رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 14 ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي: ترجمان

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ هڪ هفتي دوران اقامه ليبر ۽ سرحدي قانونن جي ڀڃڪڙين تي وڌيڪ 18 هزار 805 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو جڏهن ته 12 هزار 238 غير قانوني پرڏيهين کي سندن بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٻن نوجوانن جو جرڳو، پوليس عملدارن تي 3 ڪروڙ رپيا ڏنڊ

رستم ٿاڻي جي حد ڳوٺ فريد جتوئي ۾ جرڳو مقامي بااثر امين ٻليدي ۽ ٻين جي سرپرستي ۾ ٿيو

ٻنهي ڌرين جي بيانن کي ٻڌڻ بعد 3 ڪروڙ رپين جو معاوضو ادا ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو ويو

جرڳي دوران 18 اهلڪارن کي برابر ڏوهي قرار ڏيڻ ۽ معاوضو ادا ڪرڻ جو فتوا ٻڌائي وئي

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٻن نوجوانن جو جرڳو پوليس عملدارن تي 3 ڪروڙ رپيا ڏنڊ، ڪن قسطن ۾ ادا ڪيو ويندو پوليس اهلڪار ڊسمس فراهم سروس ٿيل هئا. بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

شڪارپور: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٻن نوجوانن جو جرڳو

پوليس جي بهادرانه ڪاررواين سبب ڌوهارين جا حوصلا پست ٿي رهيا آهن: ضياءُ لنجار

امن، سڪون، آزاد ڪاروبار جو فروغ ۽ شهرين جو تحفظ سنڌ پوليس جي ترجيح آهي

اسان ڪراچي سميت سڄي سنڌ کي ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين کان پاڪ ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته بهادرانه ۽ جرائتمندانه پوليس ڪاررواين سبب ڌوهاري بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ رحمان ڏڪيت جو پائيٽر ساٿي سميت گرفتار، هٿيار، گوليون ۽ موٽرسائيڪل هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياري ۾ اڳوڻي گينگ وار ڪمانڊر رحمان ڏڪيت جي پائيٽي کي سندس ساٿي سميت گرفتار ڪيو بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

MINISTRY OF FINANCE GOVERNMENT OF PAKISTAN
STATE BANK OF PAKISTAN
Pakistan Banks Association
حکومتِ پاکستان کی جانب سے کسانوں کے لیے ایک اور اہم قدم
zarkhez
آسان زرعی قرضہ
بغیر ضمانت زرعی قرضہ
زرعی مرکز
کسانوں کے لیے 10 لاکھ روپے تک قرض کی سہولت | زرخیزی ایپ کے ذریعے گھر بیٹھے درخواست دیں | بینکوں کے مقرر کردہ مستند مراکز سے معیاری کھاد، بیج اور ادویات حاصل کرنے کی سہولت | مقررہ پمپس سے ڈیزل خریدنے کی آسانی
زرخیزی آئی، خوشحالی لائی
آج ہی زرخیزی ایپ ڈاؤن لوڈ کریں
GET IT ON Google Play
شرائط وضوابط لاگو ہیں۔
زرخیزی ایپ ابھی ایپل اسٹور پر دستیاب نہیں ہے۔

لڪي مروت ۽ بنون ۾ دهشتگردن جي فائرنگ جي واقعن ۾ 4 پوليس اهلڪار شهيد

سرائي نورنگ شهر ۾ موٽر سائيڪل سوار دهشتگردن جي فائرنگ ۾ 3 ٽريفڪ اهلڪار شهيد ٿي ويا

شهيدن ۾ ٽريفڪ پوليس انچارج جلال خان، ڪانسٽيبل عزيز الله ۽ ڪانسٽيبل عبدالله شامل

بنو منڊان جي علائقي ۾ اڻڄاتل ماڻهن جي فائرنگ ۾ ڊيوٽي ويندڙ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو

پشاور (م ر) لڪي مروت ۽ بنون ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ 4 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا. لڪي مروت پوليس جي ترجمان موجب سرائي نورنگ شهر ۾ اڻڄاتل موٽر سائيڪل سوار دهشتگردن فائرنگ ڪئي جنهن سان ڊيوٽي تي مقرر 3 ٽريفڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا، جن ۾ ٽريفڪ پوليس انچارج جلال خان، ڪانسٽيبل عزيز الله ۽ ڪانسٽيبل عبدالله شامل آهن هوڏانهن بنون پوليس ٻڌايو ته منڊان ۾ اڻڄاتل ماڻهن جي فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو ڪانسٽيبل رشيد خان گهر کان منڊان ٿاڻي ڊيوٽي تي وڃي رهيو هو ته کيس نشانو بڻايو ويو.

پاڪستان ۽ چين پاران گهڻ رخي فورمز تي گڏيل هم آهنگي وڌيڪ مضبوط بنائڻ تي اتفاق

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چين پرڏيهي وزيرن جي اسٽريٽجڪ ڊائيلاگ جي ستين دور جي گڏيل صدارت ڪئي

ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن جي سمورن پهلوئن جو جائزو ورتو ۽ علائقائي ۽ عالمي سطح جي اهم معاملن تي ڳالهيون ٿيون

اڳواڻن پاران اسٽريٽجڪ سهڪار تي ٻڌل پائيداري ٻنهي ملڪن لاءِ امن، استحڪار ۽ خوشحالي لاءِ اهم قرار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي جي دعوت تي بيجنگ جو دورو ڪيو ۽ پاڪستان - چين پرڏيهي وزيرن جي اسٽريٽجڪ ڊائيلاگ جي ستين دور جي گڏيل صدارت ڪئي. آچر ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان مطابق ڌرين پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن جي سمورن پهلوئن جو جائزو ورتو ۽ علائقائي ۽ عالمي سطح جي اهم معاملن تي ڳالهيون ڪيون سي پيڪ، واپار، گهڻ رخي سهڪار ۽ عوامي رابطن کي هٿي وڌائڻ لاءِ تفصيلي ڳالهيون ڪيون ٻنهي اڳواڻن اسٽريٽجڪ سهڪار تي ٻڌل پائيداري جي اهميت کي اجاگر ڪندي ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان ۽ چين جي دوستي خطي ۽ ٻنهي ملڪن لاءِ امن استحڪار ۽ خوشحالي لاءِ انتهائي اهم آهي. گهڻ رخي فورمز تي گڏيل هم آهنگي وڌيڪ مضبوط بنائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ چين وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 75 هين سالگرهه کي شاندار انداز ۾ ملهائڻ تي به اتفاق ڪيو

وينزويلا تي آمريڪي هوائي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 ماڻهو مارجي ويا آهن: حڪومتي رپورٽ

ڪراڪس سميت ڪيريبين جي سامونڊي ڪناري وارين رياستن ۾ پڻ فوجي هدفن کي نشانو بڻايو

صدر نڪولس ۽ مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪارروائي دوران صبح جو سوير حملا ڪيا ويا هئا

حملن ۾ عام شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن سميت گهٽ ۾ گهٽ 40 ماڻهو مارجي ويا آهن

ڪراڪس (اي پي پي) وينز ويلا تي آمريڪي هوائي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 ماڻهو مارجي ويا آهن جن ۾ عام شهري ۽ سيڪيورٽي اهلڪار شامل آهن پرڏيهي ميڊيا وينزويلا جي حڪومت جي هڪ عهديدار جي حوالي سان رپورٽ ڪيو آهي ته ڇنڇر ڏينهن آمريڪا جي هوائي حملن ۾ وينزويلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا آهن جن ۾ عام شهري ۽ فوجي اهلڪار شامل آهن رپورٽ موجب اهي حملا صبح جو سوير ان وقت ڪيا ويا جڏهن آمريڪي فوج وينزويلا جي صدر نڪولس ۽ مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل مختلف ويڊيو فوٽيجز سان ان رپورٽ جي تصديق ڪئي وئي آهي ويڊيو فوٽيجز ۾ وينزويلا جي گادي واري شهر ڪراڪس جي لاڪارلوٽا ايئرپورٽ ويجهو شديد دونهون ۽ ڌماڪا نظر اچي رهيا آهن ميڊيا رپورٽن موجب ڪراڪس سميت ڪيريبين جي سامونڊي ڪناري وارين رياستن ۾ پڻ فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ويو واضح رهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي ته مادورو کي گرفتار ڪرڻ واري ڪارروائي دوران آمريڪي فوجي زخمي ٿيا جڏهن ته ڪنهن به فوجي مارجڻ جي تصديق ناهي ٿي

بقايا 1 ڊيلسي روڊريگز

سگهجي ٿو ته آمريڪي ڊرگ انفورسمينٽ ايڊمنسٽريشن (ڊي اي اي) جا اهلڪار نڪولس مادورو کي هٿڪڙيون هڻي نيو يارڪ جي علائقي مين هيٽن ۾ ڊي اي اي جي هڪ عمارت جي اندر وٺي وڃي رهيا آهن. وڊيو ۾ 63 ورهين جو نڪولس مادورو انگريزي ۾ چئي ٿو ته ”گڊ نائيٽ، هيپي نيو ايئر“ جڏهن ته وينزويلا جي نائب صدر عدالتي حڪم تي صدارتي ذميواريون سنڀالي ورتيون نيوز ڪانفرنس ۾ ڊيلسي روڊريگز آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيان سان اختلاف ڪيو ۽ نڪولس مادورو جي فوري طور آزادي جو مطالبو ڪيو. هن چيو ته وينزويلا جو واحد صدر نڪولس مادورو ئي آهي. وينزويلا ڪنهن به ملڪ جي ڪالوني نه بڻجندو ملڪ ۽ قدرتي وسيلن جو دفاع ڪنداسين ٻئي طرف گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل سومر ڏينهن هنگامي اجلاس گهرائي ورتو جنهن ۾ وينزويلا ۾ آمريڪا جي فوجي ڪارروائي تي وڌندڙ عالمي ڇڪتاڻ ۽ عالمي نظام کي پيش امڪاني خطرن تي غور ڪيو ويندو. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس خبردار ڪيو آهي ته وينزويلا ۾ تازي اٿل پٿل عالمي قانونن لاءِ هڪ خطرناڪ مثال بڻجي سگهي ٿي. سندس ترجمان موجب سيڪريٽري جنرل کي ڳڻتي آهي ته آمريڪا جي ڪارروائي سان خطي ۾ عدم استحڪام پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن جي ڀڃڪڙي ٿي آهي. اهو اجلاس ڪولمبيا جي درخواست تي گهرايو ويو آهي، جنهن جي چين ۽ روس حمايت ڪئي آهي. جڏهن ته وينزويلا به باضابطا طور سلامتي ڪائونسل سان رابطو ڪيو آهي. هوڏانهن چين آمريڪا کان وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس گهرواري جي فوري طور آزادي جو مطالبو ڪري ڇڏيو. چيني پرڏيهي وزارت موجب مادورو ۽ سندس گهرواري جي گرفتاري عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهي ۽ ان قدم تي چين کي سخت ڳڻتي آهي. چيني پرڏيهي وزارت زور ڏنو ته آمريڪا وينزويلا کي غير مستحڪم ڪرڻ جون ڪوششون بند ڪري، مادورو ۽ سندس گهرواري جي ذاتي سلامتي کي يقيني بڻائي وڃي ۽ کين فوري طور آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 2 ملهائيندا

ڪشميري (اڄ) سومر تي يوم خودارادي ملهائيندا ته جيئن عالمي برادري کي ڪشميرين سان ڪيل واعدن جي ياد ڏياري سگهجي. ڪشمير ميڊيا سروس موجب ان ڏينهن کي ملهائڻ جي اپيل ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس ڪئي آهي اڄوڪي ڏينهن تي والاريل جموں ڪشمير ۽ آزاد جموں ڪشمير سميت پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ احتجاجي مظاهرا، ريليون، سيمينار ۽ ٻيا مختلف پروگرام منعقد ڪيا ويندا ته جيئن دنيا جو ڌيان ڪشميرين کي درپيش ڏکيائين ۽ ناانصافين طرف ڇڪرائي سگهجي. واضح رهي ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل 5 جنوري 1949ع تي هڪ تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته ڀارت يا پاڪستان سان جموں ڪشمير کي ڳنڍڻ جو فيصلو آزاد ۽ غيرجانبدار ووٽنگ جي جمهوري طريقي سان ڪيو ويندو جڏهن ته ڀارت جي هٺ ڌرمي ٺهراءَ تي عملدرآمد ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي.

بقايا 3 انگ اکر جاري

چوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن گذريل ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو معاٿهون وهڪرو 17 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 7 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو معاٿهون وهڪرو 9 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 9 هزار 200 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو معاٿهون وهڪرو 14 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 14 هزار 400 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو معاٿهون وهڪرو 5 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 5 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو معاٿهون وهڪرو 7 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 7 هزار 200 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1490.37 فٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.672 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1200.00 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.249 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 640.70 فٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.038 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

بقايا 4 اعلان

حملي ۽ صدر ۽ سندس زال جي گرفتاري جي حوالي سان صدر ٽرمپ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته آمريڪي فوج پنهنجي حڪم تي رات جو دير سان ۽ صبح جو وينزويلا کي نشانو بڻايو ۽ فوجي قوت کي ناڪاره بڻائي ڇڏيو هن چيو ته آمريڪي ڪارروائي سان ڪراڪس جو وڏو حصو اونداهي ۾ ٻڏي ويو جڏهن ته اسانجي فوجين وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال کي پڪڙي ورتو ٽرمپ چيو ته ٻئين مهاڀاري جنگ کانپوءِ سڄي اهڙو حملو ناهي ڏٺو آمريڪا وٽ دنيا جا بهترين هٿيار آهن ۽ اسان ٻئي حملي لاءِ به تيار آهيون پر ايئن لڳي ٿو ته ٻئي حملي جي ضرورت نه پوندي ۽ وينزويلا جا سمورا معاملا اقتدار جي منتقلي تائين آمريڪا هلائيندو هن چيو ته آمريڪا ۾ 97 سيڪڙو منشيات سمنڊ رستي آئي آهي. آمريڪا وينزويلا جي دل ۾ تاريخي آپريشن ڪيو جو اتان جا ماڻهو ڏهاڪن کان ڏکيائين جو شڪار هئا.

بقايا 5 صدر

آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب اهڙو اظهار هن بريل جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو هن چيو ته بريل جو عالمي ڏهاڙو لوئيس بريل جي پيدائش واري ڏهاڙي جي موقعي تي ملهايو ويندو آهي جنهن جي ايجاد ڪيل بريل صورتخطي سڄي دنيا ۾ لکين ماڻهن لاءِ تعليم معلومات ۽ پاڻ پڙهڻ تائين پهچ کي ممڪن بڻايو صدر مملڪت چيو ته بريل صرف پڙهڻ ۽ لکڻ جو ذريعو ناهي پر هي آزادي اعتماد ۽ هڪجهڙن موقعن جي هڪ پائيدار علامت آهي هن چيو ته پاڪستان جو بنياد برابري، سماجي انصاف ۽ انساني وقار جي احترام جي اصولن تي رکيو ويو هو هڪ قوم طور اسان جي ترقي ان ڳالهه سان مشروط آهي ته هر شهري کي معاشري ۾ بامعنيٰ ڪردار ادا ڪرڻ جا موقعا ميسر هجن صدر چيو ته نور کان محروم ماڻهن لاءِ تعليم جي رسائي جامع عوامي خدمتون ۽ برابري جي موقعن جي فراهمي نه رڳو هڪ آئيني ذميواري پر هڪ اخلاقي فرض پڻ آهي هن چيو ته پاڪستان بريل خواندگي کي هٿي ڏيڻ جامع نصاب ۽ مددگار ڊجيٽل ٽيڪنالاجيز جي استعمال لاءِ پرعزم آهي ته جيئن تعليم ۽ معلومات تائين رسائي کي وڌيڪ هٿي ڏئي سگهجي. ان سان گڏوگڏ عوامي عمارتن، سرڪاري خدمتون ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمز ۾ رسائي جوڳين معيارن کي لاڳو ڪرڻ نهايت اهم آهي ته جيئن ڪو به فرد شهري زندگي کان محروم نه رهي. صدر چيو ته پاڪستان معذور ماڻهن جي حقن بابت گڏيل قومن جي ڪنوينشن ۽ پائيدار ترقي جي هدفن سميت عالمي ذميوارين جي پاسداري جاري رکي آهي جيڪي باوقار ۽ برابري وارن حقن تي ٻڌل جامع ۽ منصفاڻي معاشرن جي قيام تي زور ڀرين ٿا. هن چيو ته مان نور کان محروم ماڻهن جي ثابت قدمي ۽ عزم کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو ان سان گڏوگڏ انهن استادن، والدين، سارسنڀال لهندڙ ۽ تنظيمن کي به سلام پيش ڪريان ٿو جيڪي سڄي ملڪ ۾ بريل جي تعليم ۽ سماجي شموليت کي هٿي ڏيڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ڪري رهيا آهن سندن ڪوششون خودمختياري ۽ پائيدار ٿيڻ جون راهون هموار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون صدر مملڪت چيو ته ان موقعي تي مان وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن، ادارن، سول سوسائٽي، نجي شعبي ۽ پوري قوم کي اپيل ڪريان ٿو ته هو گڏيل تعاون سان رڪاوٽن جي خاتمي، رسائي جوڳين سهولتن کي هٿي ڏيڻ ۽ همدردي ۽ شموليت تي ٻڌل نظام کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪم ڪن اهڙي طرح اسان هڪ اهڙي پاڪستان جي قيام جي ويجهو پهچي سگهون ٿا جتي هر ماڻهو کي پنهنجي مڪمل صلاحيتن کي ڪتب آڻڻ جا موقعا حاصل هجن

بقايا 6

ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو محسن نقوي مني لانڊرنگ ۾ ملوث مافيا خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون جا حڪم جاري ڪيا. گهرو وزير چيو ته وڏن مني لانڊرن تي مضبوط هٿ وڌو وڃي ۽ مني لانڊرنگ ۾ ملوث عنصرن جي مڪمل مني ٽريل کي بي نقاب ڪيو وڃي هن چيو ته حوالہ ۽ هنڊي جو ڪاروبار ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو بغير امتياز ڪارروائي نظر اچڻ گهرجي محسن نقوي انساني اسمگلنگ ۾ ملوث ايجنٽن ۽ مافيا خلاف مؤثر ڪارروائي جا به حڪم ڏنا هن چيو ته معصوم ماڻهن کي نوڪري جو لالچ ڏئي ٻاهرين ملڪن موڪلڻ وارا عنصر ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن ايجنٽن مافيا خلاف بغير ڪنهن دٻاءَ جي ڪارروائي ڪئي وڃي وفاقي گهرو وزير چيو ته جعلي دوائن جو ڪاروبار ڪندڙ انساني زندگين سان کيڏي رهيا آهن اهڙن مڪروهه ڌنڌن ۾ ملوث ماڻهن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. محسن نقوي چيو ته ايف آءِ اي ڪراچي زون ۾ انساني وسيلن جي ڪوٽ کي ترجيحي بنيادن تي پورو ڪيو ويندو هن چيو ته ايف آءِ اي آفيسرن کي سڀ ضروري وسيلا فراهم ڪيا ويندا، پر کين پنهنجي ڪارڪردگي سان اداري جي نيڪ نامي ۾ اضافو ڪرڻو پوندو بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته گذريل 4 مهينن دوران انساني اسمگلنگ ۾ ملوث 20 ايجنٽ گرفتار ڪيا ويا آهن 4 مهينن ۾ 140 ملين رپين جون نان ڪسٽم شين ۽ منشيات ضبط ڪيون ويون آهن مسافرن جي سهولت لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ تي سهولت سينٽر قائم ڪيو ويو آهي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي انچارج آفيسرن کان سندن لاڳاپيل سرڪلن جي ڪارڪردگي رپورٽ طلب ڪئي ۽ وڌيڪ محنت سان ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ڊائريڪٽر ايف آءِ اي ڪراچي زون وفاقي گهرو وزير کي تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل ايف آءِ اي سائوٿ مجاهد اڪبر خان ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي مني لانڊرنگ، اينٽي ڪرپشن اينٽي اسمگلنگ، اميگريشن ڪرائمن ڪمرشل بينڪنگ سميت سڀني ڊپٽي ڊائريڪٽرز ۽ لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 7 ڏنڊ مقرر

حسين شاهه جيلاني سردار معظم خان عباسي سردار حسين بخش تاريجو جي سرپنچي ۾ فيصلو ٿي گذريو ڏر نمبر هڪ تاريجا تي مجموعي طور تي 60 لک ڏنڊ مقرر ٿي ڏريون کير کنڊ ٿيون ڏرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي امن جي فضا قائم ٿيندي ٻئي پاسي ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو جي حڪم تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هيا

بقايا 8 قتل

جي حد فراش موڙ پرسان هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني .فائرنگ جي نتيجي ۾ بالاچ بگٽي ۽ خميسو بگٽي مارجي ويا.مقتول ڏر عمر حيات بگٽي جي علاج لاءِ وڃي رهيا هئا ته ڪار سوار هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني پوليس موجب فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن.ان ڏس ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته بگٽي ۽ مزاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي سبب واقعو پيش آيو آهي.

بقايا 9 اتفاق

مطابق ٻنهي اڳواڻن ٻه طرفن لاڳاپن جي موجوده صورتحال جو جائزو ورتو ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۽ وڌائڻ جي گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪيو هنن تازي اڳڀرائي جنهن ۾ ايشيا ۽ وچ اوڀر جي بدلجندڙ صورتحال تي به ڳالهيون ڪيون. ٻنهي اڳواڻن مسلسل مشاورت جي اهميت تي زور ڀريو ۽ سمورن سطحن تي ويجهن رابطن ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو ٻئي طرف نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بنگلاديش جي پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار محمد توحيد حسين سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو آهي ٻنهي اڳواڻن ڳالهه ٻولهه دوران پاڪستان بنگلاديش لاڳاپن جو جائزو ورتو ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو پرڏيهي آفيس سان جاري بيان مطابق ٻنهي اڳواڻن ايشيا ۽ وچ اوڀر ۾ تازي اڳڀرائي تي ڳالهيون ڪيون ۽ بدلجندڙ صورتحال کي نظر ۾ رکندي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 10 زخمي

ڪلوءِ ريلوي اسٽيشن تي فائرنگ جي هڪ واقعي ۾ ريلوي پروٽيڪشن فورس جو هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو ڪشمير ميڊيا سروس موجب اهو واقعو آچر ڏينهن پيش آيو جنهن کانپوءِ واقعي واري هنڌ پوليس ۽ ريلوي سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا. هڪ سينئر پوليس اهلڪار ٻڌايو ته زخمي اهلڪار کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس علاج جاري آهي واقعي کانپوءِ ريلوي اسٽيشن جي لاڳاپيل علائقن جو گهيراءُ ڪيو ويو ۽ اضافي نفري مقرر ڪئي وئي. پوليس ۽ ريلوي عملدارن فائرنگ جي واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 11 مذمت

وڏي وزير محمد سهيل آفريدي ۽ گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي لڪي مروت ۾ پوليس اهلڪارن تي دهشتگردن جي فائرنگ جي واقعي جي شديد مذمت ڪئي آهي جنهن ۾ ٽريفڪ پوليس انچارج سميت ٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا. آچر ڏينهن هتي جاري پنهنجي بيان ۾ وڏي وزير چيو ته واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي هن چيو ته شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون رائيگان نه وينديون بزدلاڻن حملن سان ملڪ دشمن عنصر پنهنجي ناپاڪ عزمن ۾ ڪامياب نه ٿيندا هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوليس اهلڪار فرنٽ لائين تي قربانيون ڏئي رهيا آهن ملوث عنصرن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو هن شهيدن جي پوئين سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي شهيد اهلڪارن جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي.

بقايا 12 مظاهرو

ڪوهستان جي علائقن دبير ۽ رانوليا جي سوين رهواسين پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران ڪوهستان ويلفيئر آرگنائزيشن پاڪستان جي چيئرمين ۽ اڳوڻي ايم پي اي ملڪ سربلند خان عامر خان، حاجي جهانزيب، اول خان اختر خان، جمال ڪوهستاني، عبدالرحمان، فضل خان، سعيد ڪوهستاني، سڪندر ڪوهستاني، نواز ڪوهستاني، فياض ڪوهستاني، سعيد جان، شانگلا قومي اتحاد جي صدر روزي خان ايڊووڪيٽ غلام آزاد ايڊووڪيٽ حبيب خان (صدر سوات قومي اتحاد)، مولانا نورالحق سميت ٻين اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڪوهستان ويلفيئر آرگنائزيشن پاڪستان جي چيئرمين ۽ اڳوڻي ايم پي اي ملڪ سربلند خان چيو ته رانوليا ۽ دبير ضلعي لوئر ڪوهستان ۾ واپڊا پاران 2010 کان عوام سان مسلسل ناانصافيون ڪيون پيون وڃن هن چيو ته 2010 جي تباهي واري ٻوڏ کان پوءِ دبير ۽ رانوليا جو شهر سان زميني رابطو مڪمل طور ڪٽجي ويو آهي جنهن سبب علائقي جا رهواسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته رستي جي ڪوٽ سبب عوام کي پنج هزار رپين جو آٽو لاءِ وڌيڪ پنج هزار رپيا ڪرائي جي مد ۾ ادا ڪرڻا پون ٿا ايمرجنسي جي صورت ۾ مريض اسپتال تائين به نٿا پهچي سگهن، ڪيترائي شهري سفر دوران دريا ۾ ٻڏي چڪا آهن هن وڌيڪ چيو ته 2022 ۾ واپڊا سان ٿيل معاهدن تي اڃا تائين عملدرآمد نه ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري علائقي جا مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن هن ٻڌايو ته مجبور ٿي عوام گذريل هڪ مهيني کان رونيا هائيڊرو پاور پراجيڪٽ جي مرمتي ڪم ۽ دبير ڊيم ۾ سپلائي جي فراهمي بند ڪري ڇڏي آهي. پر ان باوجود خيبرپختونخوا حڪومت، وفاقي حڪومت ۽ واپڊا طرفان ڪا به سنجيده يا واضح حڪمت عملي سامهون نه آئي آهي ملڪ سربلند خان چيو ته حڪومتي بي ڌياني سبب لکين خاندان شديد مشڪلاتن ۾ ڦاٿل آهن ۽ وفاقي حڪومت عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي هن مطالبو ڪيو ته دبير ۽ رانوليا، لوئر ڪوهستان جي عوام جا مطالبا فوري طور منظور ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سڄي ملڪ ۾ ڦهلايو ويندو

بقايا 13 ملهايو ويو

يوم ولادت جي موقعي تي مرڪزي جشن ولادت انتهائي عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪيو ويو جشن ۾ علما ڪرام سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت اهل بيتؑ سان محبت رکندڙ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته حضرت علي عليه السلام سموري انسانيت لاءِ مشعل راهه آهن. جيڪڏهن اڄ عالم اسلام حضرت عليؑ جي علمي، فڪري ۽ عملي تعليمات کي اختيار ڪري، ته امت مسلمه ترقي ۽ سربلندي طرف وڌي سگهي ٿي هن چيو ته رسول اڪرم ﷺ جو فرمان ”مان علم جو شهر آهيان ۽ عليؑ ان جو دروازو آهن“ اڄ به انسانيت لاءِ مڪمل ضابطهءِ حيات آهي ان موقعي تي جعفريه الائنس پاڪستان جي سرپرست علامه سيد رضي جعفر نقوي خطاب ڪندي چيو ته حضرت علي عليه السلام رڳو ڪنهن هڪ فرقي يا طبقي جا نه پر سموري انسانيت جا امام آهن هن چيو ته مولاءِ ڪائناتؑ جي سيرت عدل اجتماعي انساني وقار مساوات ۽ حق گوئي جو مڪمل نمونو آهي علامه رضي جعفر نقوي زور ڏنو ته اڄ جي پُرفتن دور ۾ امت مسلمه کي فرقيواريت، نفرت ۽ تعصب کان نڪري حضرت عليؑ جي اسوهءِ عدل ۽ وحدت کي اختيار ڪرڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته حضرت عليؑ جو طرزِ حڪمراني اڄ جي حڪمرانن لاءِ بهترين مثال آهي جتي ڪمزور کي به طاقتور جي برابر انصاف ملندو هو تقريب کي صوبائي وزير رياض حسين شاهه، وقار مهدي، علامه باقر حسين زيدي، مولانا اصغر درس، سيد شبر رضا ۽ علامه نثار قلندري پڻ خطاب ڪيو مقررين چيو ته حضرت عليؑ جي زندگي علم بهادري، صبر ۽ خدمت خلق جو حسين امتزاج آهي ۽ نوجوان نسل کي سيرت عليؑ سان واقف ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي جشن دوران منقبت خوانن بارگاهه مولاءِ ڪائناتؑ ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا، جنهن سان نشتر پارڪ روحاني ۽ وجداني ڪيفيت ۾ ٻڏي ويو جشن جي پڄاڻي تي شاندار آتشبازي جو مظاهرو ڪيو ويو جنهن کي شرڪت ڪندڙن وڏي واکاڻ سان ساراهيو مرڪزي جشن ولادت مولود ڪعبه جي موقعي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي لاءِ دعا ڪئي وئي ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته حضرت علي عليه السلام جي پيغام عدل امن ۽ وحدت کي سماج جي هر طبقي تائين پهچايو ويندو

بقايا 14 مظاهرو

وينزويلا مٿان جنگي حملي ۽ ان جي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس گهر واري کي اغوا ڪري آمريڪا کڻي وڃڻ خلاف ڪراچي جي سول سوسائٽي جي اڳواڻن ناصر منصور، عبدالخالق جونيجو، ڪامريڊ زهره،اقبال ابڙو، ڪامريڊ گل رحمان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي آمريڪا جي صدر ٽرمپ جي پتلي کي باهه ڏني وئي. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته وينزويلا مٿان جنگي حملو ڪرڻ ۽ ان جي صدر ۽ سندس گهر واري کي اغوا ڪرڻ واري عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي آمريڪا جي صدر ٽرمپ جي خلاف عالمي عدالت ۾ ڪيس هلايو وڃي، وينزويلا جي صدر مادورو ۽ سندس زال سيليا فلورس کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي، پاڪستان حڪومت طرفان ٽرمپ جهڙي جنگي جنوني کي نوبل امن انعام ڏيڻ لاءِ تجويز ڪرڻ تي دنيا جي مظلوم عوام کان معافي ورتي وڃي ۽ سموري دنيا جون امن پسند ۽ جمهوري قوتون سامراج جي بربريت خلاف مقابلو ڪرڻ لاءِ اٿي بيهن .هنن چيو ته آمريڪا جي وينزويلا خلاف جنگ دنيا جي سمورن آزاد ملڪن ۽ عوام خلاف کليل ڌمڪي آهي ۽ آمريڪا عراق تي حملي جي لاءِ ڪيميائي هٿيارن جي موجودگي جي من گهڙت سازش بعد اڄ نشي آور شين جي اسمگلنگ جي آڙ ۾ وينزويلا جي عوامي حڪومت کي جنگي هٿيارن وسيلي خاتمي وسيلي دنيا جي تيل جي وڏن ذخيرن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿي ان مقصد لاءِ آمريڪي ڪمپنين جي مفادن جي محافظ ڪٺ پتلي حڪومت مڙهڻ جي سازش ٿي رهي آهي هنن چيو ته ٽرمپ پنهنجي سامراجي مزاج ڪري غزه بعد وينزويلا مٿان مجرماڻي جنگ مڙهي آهي ۽ اها جنگ بوليورين انقلاب کي ڪچلڻ ۽ آمريڪا نواز نوآبادياتي نظام مڙهڻ جي ڪوشش آهي اڳواڻن چيو ته ٽرمپ جي هيءُ جارحيت لاطيني آمريڪا ۾ آمريڪي مداخلت جي خوني شام جو پراڻو سلسلو آهي جنهن خلاف سموري دنيا ۾ مزاحمت پيدا ٿيندي

بقايا 15 ڪري ورتو

ڪل ڊيگهه هڪ لک 65 هزار ڪلوميٽر هوندي پرڏيهي خبررساں اداري چين جي قومي ريلوي گروپ ڪمپني لميٽڊ جي حوالي سان ٻڌايو ته 14 هين پنجن سالن واري منصوبي دوران سڄي ملڪ ۾ ريلوي جي ڪل ڊيگهه هڪ لک 46 هزار 300 ڪلوميٽر کان وڌي هڪ لک 65 هزار ڪلوميٽر ٿي وئي ۽ ان ۾ 12.8 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ريل جي ڊيگهه 32.98 سيڪڙو جي اضافي سان 37 هزار 900 ڪوميٽر کان وڌي 50 هزار 400 ڪلوميٽر ٿي وئي آهي جيڪا ان ڳالهه جي تصديق آهي ته چين دنيا جو سڀني کان وڏو ۽ جديد ترين هاءِ اسپيڊ ريل نيٽ ورڪ تعمير ڪري ورتو آهي رپورٽ مطابق 15 هين پنجن سالن واري منصوبي دوران چين پنهنجي ريلوي نيٽ ورڪ جي تعمير کي وڌيڪ اڳتي وڌائيندو ۽ 2030ع تائين سڄي ملڪ ۾ ريلوي جي ڪل ڊيگهه هڪ لک 80 هزار ڪلوميٽر تائين پهچي ويندي جنهن ۾ هاءِ اسپيڊ ريل اٽڪل 60 هزار ڪلوميٽر هوندي

بقايا 16 اضافو ٿيو

گذريل سال دوران مقامي اسٽارٽ اپس 36.6 ملين ڊالرن جي فنڊنگ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو هو جڏهن ته سال 2024ع دوران پاڪستان ۾ اسٽارٽ اپس کي 22.5 ملين ڊالرن جي فنڊنگ ڪئي وئي هئي ڊيٽا دربار ڪنسلٽينسي جي انگن اکرن موجب گذريل سال 2025ع دوران پاڪستان جي اسٽارٽ اپس کي 10 رائونڊز ۾ 36.6 ملين ڊالر جي فنڊنگ ڪئي وئي جڏهن ته سال 2024ع دوران مقامي اسٽارٽ اپس کي 15 مختلف ٽرانزيڪشنز ذريعي 22.5 ملين ڊالر جي فنڊنگ ڪئي وئي هئي اهڙي طرح سال 2024ع جي ڀيٽ ۾ گذريل سال 2025ع دوران پاڪستان ۾ اسٽارٽ اپس کي ڪيل فنڊنگ ۾ 14.1 ملين ڊالر يعني 62.66 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي

بقايا 17 رجحان برقرار

ماليت جي ساليانو سراسري اوسر واري شرح 10 سيڪڙو کان وڌيڪ رڪارڊ ڪئي وئي پرڏيهي ميڊيا صنعت ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزارت جي حوالي سان ٻڌايو ته 14 هين پنجن سالن واري منصوبي دوران چين جي گهٽ بلندي واري فضائي سامان جي صنعت جو دائرو مسلسل وسيع ٿيندو رهيو ۽ صنعت جي پيداواري ماليت جي ساليانو سراسري اوسر واري شرح 10 سيڪڙو کان وڌيڪ رهي آهي ان عرصي دوران مصنوعات جي انگ ۽ قسمن ۾ به مسلسل اضافو ٿيو ۽ 30 ڊسمبر 2025ع تائين 1081 ڪمپنين رجسٽريشن مڪمل ڪئي هن وقت تائين 3623 قسمن جي مصنوعات جي رجسٽريشن ٿي چڪي آهي اختيارين مطابق ملڪ ۾ گهٽ بلندي واري فضائي سامان جي استعمال جا منظرناما تيزي سان وسيع ٿي رهيا آهن، جيڪي روايتي هوابازي جي ڪمن، فلائنگ ٽريننگ سان زراعت، ٻيلن ۽ ٻوڪن جي تحفظ، لاجسٽڪس ڊيليوري، ايمرجنسي ريسڪيو جهڙن ڪيترن ئي شعبن تائين ڦهلجي رهيا آهن هن وقت چين ۾ زرعي ڊرونز جو انگ 2 لک کان وڌيڪ آهي

بقايا 18 صدر زرداري

1949ع ۾ گڏيل قومن جي ان قرارداد جي منظوري جي ياد ڏياري ٿو جنهن ۾ جموں ڪشمير جي تڪراري حيثيت جي توثيق ڪئي وئي ۽ جموں ڪشمير جي عوام کي آزاد ۽ غيرجانبدار حق راءِ دهي ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق تسليم ڪيو ويو صدر چيو ته 7 ڏهاڪن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود هي واعدو اڃان تائين پورو نه ٿي سگهيو وقت گذرڻ سان نه ته گڏيل قومن جي قراردادن جي اهميت ۾ ڪا گهٽتائي آئي آهي ۽ نه ئي ڪشميري عوام جي خود ارادايت واري حق جي مطالبي جي قانوني ۽ اخلاقي حيثيت ڪمزور ٿي آهي هن بنيادي حق کان مسلسل انڪار گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي قانون جي اصولن جي ڀڃڪڙي آهي صدر آصف علي زرداري چيو ته ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل جموں ڪشمير ۾ زميني صورتحال لاڳيتو نهايت ڳڻتي جوڳي آهي. سياسي سرگرميون ۽ اظهار راءِ جي آزادي تي وڌيون پابنديون، ڊگهيون نظربنديون ۽ جابرانه قانونن جو استعمال خوف واري فضا قائم ڪري ڇڏي آهي. عام شهري تشدد جو نشانو بڻجي رهيو آهي جڏهن ته خاندان بي گهر ۽ ماڻهو روزگار کان محروم ٿي رهيا آهن هن چيو ته هاڻوڪن سالن ۾ جموں ڪشمير مان نڪرندڙ درياهن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي ڪوشش هڪ بي سنگين چيلينج طور سامهون آئي آهي جن جا ڪشميري عوام جي زندگين ۽ علائقائي استحڪام تي گهرا اثر پئجي سگهن ٿا، ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي هڪ طرفي معطلي پنهنجي عالمي ذميوارين کان انڪار ۽ پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي هڪ خطرناڪ ڪوشش جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن سان لکين ماڻهن جي روزگار غذائي تحفظ ۽ خطي جي امن کي شديد خطرا ٿي سگهن ٿا. صدر مملڪت چيو ته پاڪستان جو پختو يقين آهي ته جموں ڪشمير تڪرار ڪشميري عوام جي خواهشن سان جڙيل آهي ۽ ان کي طاقت يا هڪطرفي قدمن ذريعي حل نٿو ڪري سگهجي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن صرف بامعنيٰ ڳالهين ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي عملدرآمد ذريعي ئي ممڪن آهي جيڪو ڪشميري عوام جي امنگن موجب هجي صدر آصف علي زرداري چيو ته ان موقعي تي مان عالمي برادري خاص ڪري گڏيل قومن کان مطالبو ڪريان ٿو ته هو صرف ڳڻتي جي اظهار کان اڳتي وڌندي ڪشميري عوام کي سندن فتح ته ٿيڻ جوڳو خود ارادايت واري حق لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري جاري انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي خاتمي سان گڏوگڏ شهرين جي تحفظ لاءِ قابل اعتماد قدمن جي به سخت ضرورت آهي. پاڪستان ڀارت جي غير قانوني طور تي قبضي هيٺ جموں ڪشمير جي عوام جي مسلسل اخلاقي سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو اسان سندن وقار انصاف ۽ پنهنجي مرضي جي مستقبل کي حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي ۽ پرامن جدوجهد ۾ ساڻن گڏ آهيون

بقايا 19 موسميات کاتو

ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان آهي پنجاب، معاٿهين سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي ميداني علائقن ۾ رجولي کان شديد ڪوهيڙو پوڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهي پنجاب، هيٺاهين خيبر پختونخوا ۽ معاٿهين سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ڪوهيڙو ڇانئيل رهيو آچر ڏينهن رڪارڊ ڪيل گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد ليه ۾ ڪاتو 11، گوپس، قلات ۾ ڪاتو 05، اسڪردو، استور ۾ ڪاتو 04، پاڙاچنار مالم جبه، هنزه ۾ ڪاتو 03، ڪالام ڪوئيٽا ۽ راولاڪوٽ ۾ ڪاتو 02 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 20 ٿيندي

جي شق بي -4 تحت لاڳو ڪيل سپر ٽيڪس خلاف داخل آئيني اپيلن جي ٻڌڻي اڄ سومر تي ٿيندي انهن ڪيسن ۾ سپر ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۽ ان جي آئيني حيثيت کي چيلينج ڪيو ويو آهي عدالت پاران جاري ڪاز لسٽ موجب انهن ڪيسن جي ٻڌڻي وفاقي آئيني عدالت جو چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ قائم ٽي رڪني بينچ ڪندي بينچ جي ٻين ميمبرن ۾ جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس سيد ارشد حسين شاهه شامل آهن ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيسن ۾ ڊي جي سيمينٽ ڪمپني لميٽيڊ، ميپل ليف سيمينٽ فيڪٽري لميٽيڊ، ابراهيم فائبرز لميٽيڊ سميت ٻين ڪمپنين طرفان داخل اپيلون شامل آهن جن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سپر ٽيڪس جو لاڳو ٿيڻ آئين ۽ قانون سان ٽڪراءُ ۾ آهي درخواست گذارن عدالت کان گذارش ڪئي ته انڪم ٽيڪس آرڊيننس 2001ع ۾ شامل شق بي – 4 کي غير آئيني قرار ڏنو وڃي جڏهن ته وفاقي حڪومت طرفان ڪيسن ۾ ڊرڄجي سپر ٽيڪس جي قانوني جواز جو دفاع ڪيو ويندو. واضح رهي ته اهي سمورا ڪيس هڪ ئي نوعيت جي قانوني نڪتن تي ٻڌل هجڻ سبب هڪ ئي بينچ آڏو ۽ هڪ ئي ڏينهن ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن

بقايا 21 شهيد ڀٽو ورسي

عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي ان موقعي تي مختلف سياسي، سماجي ۽ عوامي تنظيمن طرفان تقريبون ۽ سيمينارز منعقد ڪيا ويندا جن ۾ سندس قومي خدمتن، جمهوريت کي هٿي ڏيڻ ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو ويندو پيپلز پارٽي جي انتظام هيٺ مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي خاص پروگرامز منعقد ڪيا ويندا، جن ۾ قائد عوام جي سياسي جدوجهد، پاڪستان جي آئين جي جوڙجڪ ۽ ملڪ کي ايٽمي پروگرام ڏيڻ جهڙن تاريخي قدمن کي اجاگر ڪيو ويندو پيپلز پارٽي مرڪزي پنجاب جي نائب صدر ميان محمد ايوب چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پيپلز پارٽي جو بنياد رکيس هو واحد سياسي اڳواڻ هو جنهن سياست کي ڊرائنگ روم مان ڪڍي غريبن جي گهرن تائين پهچايو جنهن ڪري کيس قائد عوام جو خطاب ڏنو ويو، سندس سالگرهه جي موقعي تي پارٽي اڳواڻ ۽ ڪارڪن ان عزم جو ورجاءُ ڪندا ته هو قائد عوام جي فڪر ۽ نظرين مطابق جمهوريت ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندا.

بقايا 22 امير مقام

بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ وڏي مثبت تبديلي نظر اچي رهي آهي. عوام سچ ۽ ڪوڙ، وفاداري ۽ بيوفائي ۾ فرق ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي خيبرپختونخوا جي حڪومت 13 سالن جي دور ۾ عوام کي تعليم، صحت، روزگار ۽ انفرا اسٽرڪچر جي شعبن ۾ ڪجهه به نه ڏنو 2025ع ۾ پاڪستان نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون، ڀارت کي عبرتناڪ شڪست ڏني اهڙو اظهار هن ڪالهه طوطا ڪان بٽ خيل مالاڪنڊ ۾ نادرا سينٽر جي افتتاح جي موقعي تي وڏي عوامي جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير طوطا ڪان ۾ نادرا سينٽر جو افتتاح ڪيو جلسي کي خطاب ڪندي وفاقي وزير امير مقام چيو ته سياست بعد ۾، پر پاڪستان سڀني کان پهرين آهي. چار جنوري تي بٽ خيل جي علائقي طوطا ڪان ۾ هي عظيم الشان عوامي اجتماع ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته خيبرپختونخوا جي عوام سوچ ۽ ڪوڙ وفاداري ۽ بي وفائي ۾ فرق ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. هزارين ماڻهن جو جوش سان نڪرڻ ان تبديلي تي عوامي مهر وانگر آهي وفاقي وزير عوام جو ڀرپور استقبال ۽ محبت تي ٿورو مڃيندي چيو ته هو اهو جذبو پنهنجي ذات تائين نه پر قائد محمد نواز شريف، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پوري پارٽي قيادت طرفان قبول ڪري ٿو.

بقايا 23 جماعت اسلامي

چيو آهي ته آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي قانونن کي لتاڙيندي وينزويلا جي صدر ۽ سندس گهرواري تي سندن رهائشگاهه تي حملو ڪري کليل دهشتگردي ڪئي آهي هن چيو ته آمريڪا هاڻي زوال طرف وڃي رهيو آهي ۽ خود آمريڪا اندر به ٽرمپ خلاف ردعمل سامهون اچي رهيو آهي. پر افسوس جو پاڪستان جي حڪومت طرفان ان معاملي تي ڪو به واضح بيان نه آيو آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته وزيراعظم طرفان نوبل انعام لاءِ بار بار سفارش ڪرڻ مناسب ناهي ڇو ته آمريڪا دنيا جي ملڪن جي اندروني معاملن ۾ سڌي مداخلت ڪري رهيو آهي هن چيو ته اسرائيل گذريل ٻن سالن دوران 80 هزار کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ڪيا آهن جڏهن ته غزه ۾ اسرائيل کي آمريڪا کلي عام سرپرستي فراهم ڪري رهيو آهي ۽ اربين ڊالرن جو هٿيار ڏئي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته جمهوريت ۽ انساني حقن جون ڌڄيون اڏايون ويون آهن هاڻي سڄي دنيا کي انهن سامراجي طاقتن خلاف اٿي بيهڻ گهرجي پاڪستان جي حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته آمريڪي ايجنڊا پورو ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو هن واضح ڪيو ته پاڪستاني فوج کي ڪنهن به صورت ۾ غزه نه موڪليو وڃي، ڇو ته جيڪڏهن ائين ٿيو ته فوج کي اسرائيل سان نه پر حماس جي مجاهدن سان منهن ڏيڻو پوندو، جيڪو ڪنهن به صورت قبول ناهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪمران طبقو جيڪڏهن سمجهي ٿو ته آمريڪا جي خوشنودي حاصل ڪري سگهبي ته اهو سندن ڀُل آهي ڇو ته آمريڪا ڪنهن جو به دوست ناهي هن چيو ته غزه ۾ صورتحال انتهائي خراب آهي سخت سردي ۽ برسات سبب انساني الميو وڌي رهيو آهي. جڏهن ته اسرائيل گڏيل قومن جي ادارن ۽ اين جي اوز کي مدد کان به انڪار ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته غزه ۾ رڳو 20 سيڪڙو امدادي ۽ ريسڪيو ڪم ٿي رهيو آهي ملڪي معاملن تي ڳالهائيندي هن چيو ته ادارن کي وڪرو ڪرڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا، حڪومت کي جواب ڏيڻو پوندو ته منافعي وارا ادارا ڇو وڪرو ڪيا ويا هن چيو ته هاڻي سرڪاري اسڪولن کي به حڪومت پنهنجن ذميوارين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پنجاب ۽ سنڌ جي حالتن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته پنجاب جو تقابلو پنجاب جي قبضن سان ڪيو وڃي، جيڪڏهن قنڌ ۽ ڪم ڏنو وڃي ته هزارين ارب رپين جي ڪرپشن سامهون ايندي، جڏهن ته سنڌ جي صورتحال ڏسي دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڪراچي جي مردم شماري ۾ مسلم ليگ (ن)، پي پي آءِ، پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ملي ڪري ڪراچي جي اڌ آبادي گهٽ ڏيکاري هن الزام هنيو ته صوبائي حڪومت 3360 ارب رپيا هڙپ ڪري وٺي آهي هن چيو ته نعمت الله خان جي دور ۾ ڪي ٿري منصوبي کي مڪمل ڪيو ويو ۽ ڪي فور منصوبي تي 2005 ۾ ڪم شروع ٿيو پر 21 سال گذرڻ باوجود پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم گڏجي ڪي فور منصوبو مڪمل نه ڪري سگهيا آهن هن چيو ته ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي جو رشتو اهڙو آهي جو جڏهن سياسي نقصان ٿيندو آهي ته مصنوعي ويڙهه شروع ڪري ڏيندا آهن پر عوام ٻنهي کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي ڪراچي دشمن جماعت آهي جنهن کي ڪراچي مان ووٽ نٿا ملن ان ڪري ڪراچي سان دشمني ڪئي وڃي ٿي بلدياتي نظام بابت ڳالهائيندي هن چيو ته ڪراچي سرڪلر ريلوي 2012 کان افتتاح ٿي رهي آهي پر اڄ تائين هلائي نه وئي آهي. ايس ٿري منصوبو 18 سالن کان نامڪمل آهي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي ذميواري قابض ميئر تي عائد ٿئي ٿي گٽرن جا ڍڪ ۽ سيوريج مسئلا حل ڪرڻ سندس سڌي ذميواري آهي هن چيو ته جماعت اسلامي جا ٽائون چيئرمين جيڪي ڪم ڪري رهيا آهن ان تي قابض ميئر کي شڪرگذار ٿيڻ گهرجي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته آئين جي آرٽيڪل 140-اي مطابق اختيارن جي هيٺين سطح تي منتقلي ۾ ڪا به رڪاوٽ ناهي پر سڀئي صوبائي حڪومتون بلدياتي نظام کي ڪمزور ڪرڻ تي متفق آهن هن چيو ته پنجاب ۾ به بلدياتي چونڊون سالن کان ناهن ٿيون ۽ جمهوريت کي ڪمزور ڪيو پيو وڃي هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن عوام جو اعتماد جمهوريت تان ختم ٿيو ته ان جا نتيجا خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. پريس ڪانفرنس ۾ جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان، نائب امراءِ ڪراچي سيف الدين ايڊووڪيٽ، راجا عارف سلطان، سليم اظهر سنڌ اسيمبلي ميمبر محمد فاروق، سيڪريٽري اطلاعات زاهد عسڪري، ڊائريڪٽر ميڊيا سيل ڪراچي صهيب احمد سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 24 ٻڌڻي ٿيندي

عدالت جي بينچ نمبر 3 ۾ اڄ سومر تي اهم نوعيت جي مختلف ڪيسن جي ٻڌڻي ٿيندي بينچ جي سربراهي جسٽس علي باقر نجفي ڪندي جڏهن ته جسٽس محمد ڪريم خان آغا به بينچ جو حصو هوندو ڪاز لسٽ موجب بينچ آڏو F.C.P.L.A 41/2025 جي ٻڌڻي ٿيندي جيڪو پڊرائي ۽ قبضي بابت آهي جنهن ۾ محمد جنيد وفاق طرفان ۽ ٻيون ڌريون آهن اهڙي طرح F.C.P.L.A.125/2025 جي تحت حبس بي جا بابت ڪيس به ٻڌڻي لاءِ مقرر آهي بينچ آڏو F.C.P.L.A.210/2025 ۾ هيڊماسٽر جي مقرري بابت رٽ پٽيشن به غور هيٺ ايندي خانداني نوعيت جي ڪيسن ۾ ٻارن جي تحويل ۽ والدين جي ملاقات جي حقن بابت ڪيس به ٻڌڻي لاءِ مقرر آهي اهڙي طرح هڪ ٻيو ڪيس F.C.P.L.A.558/2025 جيڪو حبس بي جا ۽ ديئيني جي آزادي بابت آهي، بينچ جي ايجنڊا ۾ شامل آهي انهن سمورن ڪيسن جي ٻڌڻي وفاقي آئيني عدالت جي بينچ 3 ۾ ڪئي ويندي

بقايا 25 وزيراعظم

اظهار ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ۾ نور کان محروم ماڻهو مختلف شعبن ۾ ايسدائين جو چتايتي واري امتحان ۾ به ڪاميابي کانپوءِ وڏي محنت سان ڪم ڪري رهيا آهن اهڙو اظهار هن آچر ڏينهن بريل جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته هو ان ڏينهن جي مناسبت سان پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ نور کان محروم ماڻهن لاءِ خيرسگالي جي جذبن جو اظهار ڪري ٿو لوئي بريل جي انقلابي لمسي تحريري نظام سڄي دنيا ۾ لکين نور کان محروم ماڻهن لاءِ تعليم معلومات تائين پهچ ۽ باوقار زندگي جا موقعا پيدا ڪيا. هن نظام جي گهري اهميت کي تسليم ڪندي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي 2018ع ۾ 4 جنوري کي بريل جو عالمي ڏهاڙو قرار ڏنو وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ نور کان محروم ماڻهن جو بريل کي اختيار ڪندي مختلف شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته صلاحيت ۽ اعليٰ ڪارڪردگي هر مشڪل کي پار ڪندي پنهنجو رستو ٺاهي ٿي هن چيو ته پاڪستان حڪومت نور کان محروم ماڻهن سميت سمورن خصوصي ماڻهن جي حقن جي تحفظ، هڪجهڙن موقعن جي فراهمي برابري واري معاشري جي جوڙجڪ لاءِ پرعزم آهي پاڪستان ۾ نور کان محروم ماڻهو مختلف شعبن ايسدائين جو چتايتي واري امتحان ۾ به ڪاميابي کانپوءِ وڏي محنت سان ڪم ڪري رهيا آهن هن ان سلسلي ۾ صائم سليم جو مثال ڏنو جيڪا پرڏيهي وزارت جي آفيسر جي حيثيت سان پاڪستان جي گڏيل قومن جي مشن ۾ نمايان طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي وزيراعظم چيو ته بي شڪ اهڙيون ڪاميابيون استقامت اهليت ۽ قومي وقار جا روشن مثال آهن ۽ بنا شڪ جي رسائي جوڳي تعليم معاشرتي تعاون جي مضبوطي جي به عڪاس آهن هن ياد ڏياريو ته پاڪستان گڏيل قومن جي خاص ماڻهن جي حقن جي ڪنوينشن (UNCRPD)جو ميمبر آهي ۽ علم ۽ ڄاڻ تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پاڪستان 2023ع ۾ مراڪش معاهدي جي به توثيق ڪئي ان معاهدي تحت نور ۾ گهٽتائي يا محروم ماڻهن لاءِ شايع ٿيندڙ مواد کي رسائي جوڳي فارميٽس ۾ فراهم ڪرڻ جي عزم کي ورجايو ڪيو ويو آهي وزيراعظم نور کان محروم ماڻهن جي حقن جي تحفظ لاءِ حڪومت کانسواءِ معاشرتي سطح تي تعليمي ادارن سول سوسائٽي نجي شعبي ۽ ميڊيا کي اپيل ڪئي ته هو بريل خواندگي، رسائي جوڳين سهولتن کي هٿي وڌائڻ لاءِ پنهنجي گڏيل ڪوششن ۽ تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪن هن دعوت ڏني ته اچو قوم جي حيثيت سان ان عزم جي تجديد ڪريون ته ڪو به شهري پنهنجي صلاحيتن کي ڪتب آڻڻ لاءِ موقعن جي فراهمي ۾ پوئتي رهجي نه وڃي هر ماڻهو بصري صلاحيت کان مٿانهون ٿي پاڪستان جي ترقي ۾ پنهنجو قيمتي وقت ۽ بامعنيٰ ڪردار ادا ڪري سگهي

بقايا 26 اظهار

شهباز شريف لڪي مروت ۽ بنون ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ پوليس اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. آچر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق صدر مملڪت، شهيد پوليس اهلڪارن جي قربانين کي سلام پيش ڪيو ۽ شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ پوئين لاءِ صبر جي دعا ڪندي چيو ته امن امان جي قيام لاءِ پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جون خدمتون ۽ قربانيون فخر جوڳيون آهن

بقايا 27 ملاقات

بلتستان ۽ سيفران معاملن بابت وفاقي وزير انجنيئر امير مقام سان سندس رهائشگاهه مسلم ليگ(ن) هائوس سنگوٽه ۾ شانگلا ضلعي ۽ سوات جي مختلف علائقن کان آيل وفدن ملاقات ڪئي وفاقي وزير وفدن جا مسئلا تفصيل سان ٻڌا ۽ موقعي تي ئي لاڳاپيل اختيارين کي انهن مسئلن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ ضروري حڪم جاري ڪيا

بقايا 28 بيدخل

ملڪ واپس موڪليو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق 25 کان 31 ڊسمبر وچ ۾ مجموعي طور تي 11 هزار 752 ماڻهن کي اقامه قانون، 4 هزار 239 کي غير قانوني سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 2 هزار 814 کي ليبر قانون جي ڀڃڪڙي تي حراست ۾ ورتو ويو غير قانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 739 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو انهن ۾ 62 سيڪڙو ايٿوپين 37 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکن ٿا. ان کان علاوه 46 اهڙن ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب مان پاڙيسري ملڪن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، سفر رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 14 ماڻهن کي به حراست ۾ ورتو ويو آهي

بقايا 29 جرگو/ڏنڊ

تفصيل موجب، گذريل ڏينهن رستم ٿاڻي جي حد ڪوٽ فريد جتوئي ۾ جرگو ٿيو واضح ته گذريل پهرين جون سال 2025 تي ڪوٽ عطا محمد محلي ۾ جعلي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٻن نوجوانن وارو واقعو پيش آيو هو ،ڌرين موجب جرگي ۾ مبينا مقابلي ۾ معطل ٿيل پوليس آفيسرن جي رشتيدارن شرڪت ڪئي جن ۾ مارجي ويل نوجوانن امجد لهر ۽ مرتضيٰ جتوئي جا وارث به شامل هئا. ڌرين موجب، جرگو مقامي بااثر امين بليدي ۽ ٻين جي سر پنچي ۾ ٿيو جرگي دوران ٻنهي ڌرين جي بيانن کي ٻڌي، ٻڌڻ کان پوءِ 3 ڪروڙ رپين جو معاوضو ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جرگي دوران 18 اهلڪارن کي برابر ڏرهي قرار ڏيڻ ۽ معاوضو ادا ڪرڻ جو فتوا ٻڌائي وئي، جيڪا ڌرين فتوا قبول ڪئي ڏنڊ جي رقم ٽن قسطن ۾ ادا ڪئي ويندي ياد رهي ته 1 جون 2025 تي شڪارپور پوليس دعوا ڪئي هئي ته انهن اسٽورٽ گنج ٿاڻي جي پوليس اسٽيشن جي حد ۾ ڪوٽ عطا محمد محلي ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران ٻن ڦورن کي ماريو هو واقعي کان پوءِ عدالت جي حڪم تي جاچ ڪميٽي ان مقابلي کي جعلي قرار ڏنو واقعي کان پوءِ ايس ايس پي طرفان ڪارروائي ۾ ايس ايڇ او مير محمد سومرو 15 مدد گار پوليس انچارج جادل جتوئي ۽ ٻين سميت 12 اهلڪارن کي برطرف ڪيو ويو هو هوڏانهن جوابدارن طرفان ڪيترائي پيرا مارجي ويل ٻن نوجوانن جي وارثن ڏانهن شاهه لاءِ منٿ ميڙ قافلا موڪليا هئا. واضح ته پوليس جي مڪمل انڪوائري ڪرڻ کان پوءِ پوليس اهلڪارن کي نوڪري مان برطرف ڪيو ويو

بقايا 30 ضياءُ لنجار

عنصرن جا حوصلا پست ٿي رهيا آهن هن چيو ته امن سڪون، آزاد ڪاروباري سرگرمين جو فروغ ۽ شهرين جو تحفظ سنڌ پوليس جي اولين ترجيح آهي گهرو وزير چيو ته ڪراچي سميت سڄي سنڌ کي ڌاڙيلن، ڪرمنلز ۽ انهن جي سهولتڪارن کان پاڪ ڪرڻ جو عزم ڪيو ويو آهي پوليس جي مؤثر ڪاررواين سان شهرين جو اعتماد بحال ٿيو آهي ۽ پوليس فورس جو مورال بلند ٿيو آهي. تفصيل موجب ڪراچي جي سيڪٽر A/1 15 ۾ ڌاڙ دوران پوليس مقابلو ٿيو ڊي آءِ جي ويسٽ موجب چار نامعلوم ڌاڙيل گهر ۾ گهڙي اهل خانه کي يرغمال بڻائي ڌاڙ ڪري رهيا هئا. علائقي جي پوليس کي اطلاع ملڻ شرط فوري ڪارروائي ڪئي وئي، جنهن دوران ملزمن فائرنگ ڪئي پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ٽي ڌاڙيل موقعي تي مارجي ويا، جڏهن ته هڪ ملزم قيوم ولد محبوب زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو زخمي ملزم کي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 31 هٽ

ويو آهي واقعي دوران جوابدارن کي لياري ڪالاڪوٽ مان گرفتار ڪيو ويو ۽ هٿيار ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪئي وئي. ايس ايس پي سٽي عارف عزيز موجب شهر ۾ پوليس واقعي دوران بدنام لياري گينگ وار ڪمانڊر رحمان ڊڪيٽ جي ڀائٽي کي سندس ساٿي سميت سگ سوڏو گرفتار ڪيو جوابدارن کي ڪالاڪوٽ پوليس ٿاڻي جي حد مان گرفتار ڪيو ويو جتي اهي واقعي ۾ ملوث هجڻ جو الزام هو گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ حارث ۽ راشد علي جي نالي سان ٿي آهي ايس ايس پي سٽي جي ترجمان موجب گرفتار جوابدار حارث اڳوڻي لياري گينگ وار ڪمانڊر رحمان ڊڪيٽ جو ڀائٽيو آهي پوليس جوابدارن جي قبضي مان هٿيار گوليون ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي پوليس موجب هٿ ڪيل موٽرسائيڪل چوري ڪرڻ جو ڪيس ڪالاڪوٽ پوليس ٿاڻي ۾ اڳ ئي درج ٿيل آهي ضلعي سٽي پوليس جي ترجمان موجب، ٻئي جوابدار ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گرفتار ٿي چڪا آهن ۽ جيل موڪليا ويا آهن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بقايا 32 وڏو وزير

يونيورسٽي سنڌ چيپٽر جي 2025ع واري ڪانووڪيشن ۾ خاص مهمان طور تقريب کي خطاب ڪندي ڪئي، جيڪا بحريا آڊيٽوريم ڪار ساز ڪراچي ۾ منعقد ٿي گريجوئيٽس استادن ۽ والدين جي وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هي ڪانووڪيشن رڳو ڊگرين جي ورهاست نه پر صبر محنت ۽ اميد سان ڀرپور هڪ ڊگهي فڪري سفر جو جشن آهي. وڏي وزير پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو هڪ اهڙي تعليمي اداري جو تصور ڏنو جنهن وقت، فاصلي ۽ حالتن جون سڀئي رنڊڪون ٽوڙي ڇڏيون هن چيو ته علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ان نظريي جي علامت آهي جتي علم هڪ اهڙي روشني آهي جيڪا عام ماڻهو تائين پهچي سماج جي تقدير بدلائي ٿي. اڄ اهو نظريو هڪ سگهارو وڻ بڻجي چڪو آهي جيڪو سڄي پاڪستان ۾ لکين شاگردن کي ڇانوَ فراهم ڪري رهيو آهي سيد مراد علي شاهه هڪ متاثر ڪندڙ تاريخي واقعو پڻ بيان ڪيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي پهرين وزارتِ عظميٰ واري دور ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ۾ هڪ مختصر مدتي ڪورس ۾ داخلا ورتي هئي هن چيو ته اهو عمل ان ڳالهه جي علامت آهي ته قيادت جي اصل خوبصورتي سکڻ جي لڳاتار عمل ۾ لڪل هوندي آهي گريجوئيٽس کي واڌايون ڏيندي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سندن ڊگريون ”ڪاميابيءِ جون رسيدون“ آهن جيڪي سندن اندروني طاقت ۽ قربانين جو ثبوت آهن هن شاگردن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي تعليم کي رڳو ذاتي فائدي جو ذريعو نه سمجهن پر سماجي انصاف، رواداري ۽ انساني وقار جي واڌاري جي ذميواري طور اختيار ڪن هن شاگردن کي خطاب ڪندي چيو ته اوهان کي پنهنجي علم کي سماج جي فڪري ترقي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي سنڌ حڪومت تعليم کي رڳو هڪ انتظامي معاملو نٿي سمجهي پر اسان ان کي قوم جي مستقبل جي ضمانت سمجهون ٿا. تقريب جي هڪ جذباتي حصي ۾ وڏي وزير والدين ڏانهن ڌيان ڏيندي چيو ته ٻارن جي سوڀ پويان والدين جون خاموش قربانيون شامل هونديون آهن جيڪي اڪثر پنهنجي ضرورتن کي قربان ڪري ٻارن جي تعليم لاءِ خرچ پورا ڪندا آهن هن وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ناصر محمود ۽ يونيورسٽي جي فيڪلٽي جي پڻ واکاڻ ڪئي جن بي شمار چيلينجن باوجود علم جي ڏيئي کي روشن رکيو ۽ تعليم کي هر شاگرد جي در تائين پهچايو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت فاصلاتي تعليم ۽ تاحيات تعليمي موقعن کي وڌائڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان اپاءَ وٺي رهي آهي هن گريجوئيٽس جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا ڪئي ۽ کين تلقين ڪئي ته هو ايمانداري، انسانيت ۽ قومي خدمت کي پنهنجي پيشورانه زندگيءَ جي سڃاڻپ بڻائين تقريب جي پڄاڻيءَ تي سڄي صوبي مان سوڀ ماڻيندڙ شاگردن ۾ گولڊ ميڊلز ۽ ڊگريون ورهايون ويون

بقايا 33 سردار اياز صادق

ٿيڻ جوڳو خود ارادايت وارو حق ڏيارڻ عالمي برادري جي اخلاقي ۽ قانوني ذميواري آهي. ڪشمير مسئلو ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي اڻ مڪمل ايجنڊا آهي جنهن جو منصفاڻو حل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب اٽل آهي ڪالهه ڪشمير جي خود ارادايت واري ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته ڪشميري عوام گذريل 7 ڏهاڪن کان گڏيل قومن جي قراردادن جي روشني ۾ پنهنجي خود ارادايت واري حق لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي جڏهن ته اڃان تائين کين انصاف فراهم نه ٿي سگهيو هن چيو ته 5 جنوري 1949ع تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل هڪ تاريخي قرارداد منظور ڪئي، جنهن تحت جموں ڪشمير جي عوام کي راءِ شماري ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ڏنو ويو پر بدقسمتي سان اڄ تائين ان قرارداد تي عمل نه ٿي سگهيو سردار اياز صادق چيو ته ڀارت طرفان گذريل 7 ڏهاڪن کان والاريل جموں ڪشمير ۾ گڏيل قومن جي قراردادن جون مسلسل ڀڃڪڙيون عالمي برادري جي ضمير لاءِ هڪ وڏو امتحان آهن هن چيو ته والاريل جموں ڪشمير ۾ ڀارتي قابض فوج طرفان انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين ۽ پائماليءَ جو سلسلو جاري آهي جن ۾ عدالت کان ماورائي قتل، جبري گمشدگيون، بنيادي انساني آزادين تي رڪاوٽون ۽ آبادي جي تناسب کي تبديل ڪرڻ جا ناپاڪ ارادا شامل آهن جيڪي عالمي قانونن ۽ انساني قدرن جي سراسر ڀڃڪڙي آهن هن ان عزم کي ورجايو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي منصفاڻي جدوجهد جي اخلاقي سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو ۽ عالمي ۽ علائقائي فورمن تي ڪشميري عوام جي آواز بڻجي سندن خود ارادايت واري حق لاءِ موثر ڪردار ادا ڪندو رهندو

چارسدا ۾ شادي واري گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 5 ٻارن سميت 6 ڄڻا فوت

شبقدر جي علائقي خيرآباد ۾ پراڻي گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ماڻهو دٻجي فوت ٿيا

واقعي بعد شادي جو خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون، فوتين جا لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

چارسدا (م ر) خيبر پختونخواهه جي ضلعي چارسدا جي تعلقي شبقدر ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سان 5 ٻارن سميت 6 ڄڻا فوت ۽ 5 عورتون زخمي ٿي پيون. پوليس موجب شبقدر جي علائقي خيرآباد ۾ پراڻي گهر جي ڇت ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا. پوليس ٻڌايو ته فوتين ۾ 5 ٻار شامل آهن گهر ۾ شادي جي تقريب هئي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

ڪراچي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 5 ڄڻا کوهه ۾ ڪري پيا، زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل

ڪورنگي ۾ شادي تقريب ۾ شرڪت لاءِ آيل ٻه عورتون ۽ ٻار سميت چار ڄڻا کوهه ۾ ڪري پيا

کين بچائڻ لاءِ لٿل شخص به بيهوش، ريسڪيو اهلڪار سڀني ماڻهن کي بچائي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڪورنگي مهراڻ ٽائون علائقي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت پنج ماڻهو کوهه ۾ ڪري پيا، جن کي بچايو ويو آهي. ريسڪيو عملدارن موجب شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ ٻه عورتون ۽ هڪ ٻار سميت چار ماڻهو کوهه ۾ ڪري پيا. انهن کي بچائڻ لاءِ ويل شخص به کوهه ۾ بيهوش ٿي ويو ريسڪيو ادارن ٻن عورتن ۽ هڪ ٻار سميت سڀني پنجن ماڻهن کي بچايو آهي ۽ انهن کي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي علائقي جي مالڪ جو چوڻ آهي ته مسجد ۾ هڪ پراڻو 50 فوٽ ڊگهو کوهه هو جيڪو اڳ ۾ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ناهيو ويو هو ايس ايڇ او جو چوڻ آهي ته ٻه عورتون ۽ ٻه ٻار کوهه جي سڙيل ڇت تي بيٺا هئا ته ڪري پيا اعظم ٻه عورتن ۽ ٻارن کي بچائڻ لاءِ کوهه ۾ ٽپو ڏنو آفيسرن جو چوڻ آهي ته سڀني ماڻهن کي کوهه مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي هڪ عورت جي حالت نازڪ آهي.

ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل ئي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جو واحد رستو آهي: شهباز شريف

والاريل جموں ڪشمير جو عوام 8 ڏهاڪن کان ڀارتي قابض فوج جي ظلمن کي منهن ڏئي رهيو آهي

پاڪستان ڪشميرين جي جائز حق لاءِ پنهنجي پختي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف والاريل جموں ڪشمير جي عوام جي خود ارادايت واري حق لاءِ جاري جدوجهد جي ڀرپور ۽ پختي حمايت کي ورجائيندي چيو آهي ته والاريل جموں ڪشمير جو عوام گذريل اٽڪل 8 ڏهاڪن کان ڀارتي قابض فوج جي ظلمن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل ئي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي قيام جو واحد رستو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف اهڙو اظهار خود ارادايت واري حق جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو وزيراعظم چيو ته اڄ جڏهن اسان خود ارادايت واري حق جو ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون ته اسان غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ والاريل جموں ڪشمير جي عوام جي خود ارادايت واري حق لاءِ جاري جائز جدوجهد جي ڀرپور ۽ پختي حمايت کي ورجايون ٿا. 5 جنوري اسان کي ان تاريخي عهد جي ياد ڏياري ٿو جيڪو عالمي برادري گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۾ ڪشميري عوام جي خود ارادايت واري حق جي تسليم ۽ يقيني بڻائڻ لاءِ ڪيو هو. وزيراعظم ياد ڏياريو ته 5 جنوري 1949ع تي گڏيل قومن جي ڀارت ۽ پاڪستان بابت ڪميشن هڪ تاريخي قرارداد منظور ڪئي هئي جنهن ۾ واضح طور اهو طئي ڪيو ويو ته جموں ڪشمير رياست جي حتمي مستقبل جو فيصلو گڏيل قومن جي نگراني ۾ آزادائي ۽ غيرجانبدارائي راءِ شماري جي ذريعي ٿيندو هن افسوس جو اظهار ڪيو ته ڀارت جي جموں ڪشمير تي غير قانوني قبضي سبب هي عهد اڄ ڏينهن تائين پورو نه ٿي سگهيو ۽ چاڻايل قرارداد تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو ڀارت سموري جبر تشدد ۽ حربن باوجود ڪشميري عوام جي عزم کي ڪمزور ۽ انهن جي خود ارادايت واري حق جي جدوجهد کي دٻائي نه سگهيو وزيراعظم چيو ته غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ والاريل جموں ڪشمير جو عوام گذريل اٽڪل 8 ڏهاڪن کان ڀارتي قابض فوج جي ظلمن کي منهن ڏئي رهيو آهي 5 آگسٽ 2019ع کانپوءِ ڀارت جا غير قانوني ۽ هڪطرفا قدم جيڪي والاريل جموں ڪشمير جي آبادياتي ۽ سياسي ڍانچي کي بدلائڻ جي منظم مهم جو حصو آهن ڪشميري عوام جي مشڪلاتن ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ اضافو ڪيو ويو آهي ڀارت ڪشميري عوام جي حقيقي قيادت کي خاموش ڪرائڻ ۽ ميڊيا کي دٻائڻ جي مسلسل ڪوشش ۾ آهي. هزارين ڪشميري اڄ به سياسي قيدي آهن جڏهن ته 16 سياسي پارٽين/تنظيمن تي قابض عملدارن پابندي لاڳو ڪري رکي آهي انهي دوران بي گناهه ڪشميرين جي پروفائلنگ ۽ هراساني من ماني حراستي قدمن ۽ نام نهاد ڪارڊن اينڊ سرچ آپريشنز والاريل علائقي ۾ معمول بڻجي چڪا آهن وزيراعظم چيو ته ڀارت جي سموري ڌاڙ ۽ تشدد باوجود اهي ڀرپور ڪشميري عوام جي عزم کي ڪمزور يا سندن خود ارادايت واري حق جي جدوجهد کي دٻائڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. هن چيو ته پاڪستان جي عوام ڀارتي ظلمن آڏو ڪشميري عوام جي بي مثال جرئت، ثابت قدمي ۽ حوصلي کي سلام پيش ڪري ٿي. وزيراعظم عالمي برادري تي زور ڀريو ته آئي ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ گهرجي ته ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل ئي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي قيام جو واحد حل آهي هن عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته هو ڀارت کي فوري طور تي والاريل جموں ڪشمير ۾ جاري انساني حقن جي سنگين خلاف ورزين جي خاتمي، 5 آگسٽ 2019ع جي هڪطرفي ۽ غير قانوني قدمن جي واپسي، جابرانه قانونن جي خاتمي ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ڪشميري عوام کي خود ارادايت وارو حق ڏيڻ تي راضي ڪري، هن پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن کي يقين ڏياريو ته پاڪستان سندن جائز حق لاءِ پنهنجي پختي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو ۽ هر دستياب عالمي فورم تي انهن جو آواز اٿاريندو رهندو.

ايف آءِ اي پاران عالمي مسافرن لاءِ سمورن زونز ۾ پري ڊيپارچر سهولت ڊيسڪ قائم

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) سڄي ملڪ ۾ پنهنجي سمورن زونز ۾ پري ڊيپارچر فيسليٽيشن ڊيسڪ قائم ڪري ڇڏيون آهن ته جيئن عالمي مسافرن کي اميگريشن جي طريقيڪار، ڪليئرنس ۽ سفر سان لاڳاپيل مدد فراهم ڪري سگهجي ايف آءِ اي اختيارين آچر ڏينهن ”اي پي پي“ کي ٻڌايو ته اهي قدم مسافرن کي پرڏيهه سفر کان اڳ ضروري رهنمائي ۽ وضاحت حاصل ڪري هوائي اڏن تي آخري لمحن جي ڏکيائين کان بچڻ ۾ مدد لاءِ شروع ڪيو ويو آهي هن چيو ته سهولت ڊيسڪ سفري دستاويزن، ويزا جي ضرورتن ۽ اميگريشن ڪليئرنس بابت ڄاڻ فراهم ڪندا، جنهن سان مسافرن کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ ۽ بنا ڪنهن پريشاني جي روانگي کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملندي هن وڌيڪ چيو ته اهي ڊيسڪ عوامي خدمتن جي فراهمي کي مضبوط بڻائڻ ۽ مسافرن جي خدشن کي وقت سر ۽ پيشيوارائي انداز ۾ ختم ڪرڻ لاءِ قائم ڪيون ويون آهن خاص طور تي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي اميگريشن قانون سان لاڳاپيل معاملن يا غير يقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن هن چيو ته مسافر سفر کان اڳ سهولت ڊيسڪ سان رجوع ڪن ته جيئن هوائي اڏن تي تڪليف، دير يا آف لوڊنگ کان بچي سگهجن هن.

روزاني
عبرت

ايڊيٽوريل

آمريڪا جو وينزويلا تي حملو: عالمي برادري ڪٿي آهي؟
صفحو 4

قاضي اشهد عباسي
شهيد ذوالفقار علي ڀٽو: هڪ تاريخ ساز شخصيت!
صفحو 4

ٽرمپ جي نيو ايئر پارٽي ۽ مهاجرن جي دلين ۾ 2026ع جي دستڪ!
راجا زاهد اختر خانزاده
صفحو 4

عبدالله عثمان موراڻي
پنهنجي پاڻ سان ملاقات ۽ ذهني سڪون جو هڪ رستو!
صفحو 4

حيدرآباد ڀهراڙي ۾ زرعي اوزارن جي قيمتن ۾ اضافو هارين ۾ ڳڻتي

روايتي اوزار هر، ڪوڏر، ڪهاڙي ۽ بيلچو به هاڻي عام هاري لاءِ خريد ڪرڻ مشڪل بڻجي ويا

گوبل لينڙ، ڪهاڙي، ڪوڏر، ٽنگوڙي، چوني سميت ٻين زرعي اوزارن جي قيمتن ۾ اضافي هارين جي پوکائي عمل کي ڌڪيو ٻڌائي

سنڌ سرڪار هارين جي حالت کي نظر ۾ رکندي جلد عملي قدم کڻندي ۽ زرعي شعبي کي سهارو ڏي: هاري

مسوپرڳڙي (ن ع) سجي سنڌ جيان تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي ۾ به زمين پوکڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ هارين جا بنيادي اوزار ۽ سازوسامان بيحد مهانگا ٿي وڃڻ سبب هاري سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن ٽريڪٽر ڊاند، هر ڪيڻ گوبل لينڙ ڪهاڙي، ڪوڏر ڏاندان پانجاري، ٽنگوڙي، چوني ڪهيڙي بيلچو ٽيڪم سميت ٻين زرعي اوزارن جي قيمتن ۾ اوچتو ۽ مسلسل اضافي هارين جي پوکائي عمل کي ڌڪيو ٻڌائي ڇڏيو آهي هارين جو چوڻ آهي ته اڳ جيڪي اوزار مناسب قيمتن تي آساني سان دستياب هوندا هئا اهي هاڻي عام هاري جي پهچ کان ٻاهر ٿي چڪا آهن خاص ڪري ننڍيا ۽ وچولا هاري، جيڪي اڳ ئي مهانگي ٻج ڀاڻ ڊيزل ۽ پاڻي جي کوٽ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن هاڻي اوزارن جي مهانگائي سبب پوک شروع ڪرڻ کان به لاچار ٿي رهيا آهن هارين موجب ٽريڪٽر ۽ ليزر ليولر جهڙا جديد اوزار مهانگا ٿيڻ سبب هو جديد زراعت کان محروم ٿي رهيا آهن جڏهن ته روايتي اوزار جهڙوڪ هر ڪوڏر ڪهاڙي ۽ بيلچو به هاڻي عام هاري لاءِ خريد ڪرڻ مشڪل بڻجي ويا آهن هن صورتحال سبب زرعي پيداواري صلاحيت متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو آهي جنهن جو سڌو اثر خوراڪ جي کوٽ ۽ مهانگائي تي پئجي سگهي ٿو متاثر هارين سنڌ سرڪار کان زور ڀريو آهي ته هارين جي سڌي طرح رجسٽريشن ڪري، پوکائي ۾ استعمال ٿيندڙ بنيادي اوزار ۽ سازوسامان مفت يا سبسڊي تي فراهم ڪيا وڃن جيئن هاري بهتر سڪون سان زمين پوکي سگهن هارين جو مطالبو آهي ته سرڪار زرعي اوزارن جي قيمتن تي ڪنٽرول آڻي ڳنڍرڳنڍ ننڍن هارين لاءِ خاص پيڪيج جو اعلان ڪري هارين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقت سر سنڌن مسئلن جو حل نه ڪيو ويو ته زرعي شعبي کي سخت نقصان پهچي سگهي ٿو جنهن جا اثر سجي صوبي ۽ ملڪ کي ڀوڳڻا پوندا هنن اميد ظاهر ڪئي ته سنڌ سرڪار هارين جي حالت کي نظر ۾ رکندي جلد عملي قدم کڻندي ۽ زرعي شعبي کي سهارو ڏيندي

ڏگهڙي ۾ ڪاڌي پيتي جون شيون ڪليل ۽ غيرصحت مند ماحول ۾ وڪرو

فوڊ ڪاتو مهيني ۾ ٻه ڀيرا ڪارروايون ڪرڻ باوجود دڪاندارن کي پابند بڻائڻ ۾ ناڪام

سياسي ۽ سماجي حلقن جو فوڊ ڪاتي کان سخت قدم کڻڻ جو مطالبو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي شهر ۾ ڪاڌي پيتي جون شيون ڪليل ۽ حفظان صحت جي اصولن جي ابتڙ وڪرو ٿي رهيون آهن جتي گٽر نالن جي مٿان روڊن جي ڪنارن ۽ مٽي ۽ گندگي جي ڍيرن پرسان هوٽلن دڪانن ۽ ريڙهن تي ڪاڌي پيتي جون سڀئي شيون ڪليل ماحول ۾ رکيون وڃن ٿيون جن تي ڏينهن رات مکيون ويٺل رهن ٿيون ۽ مٽي ۽ دوڙ سڌي طرح پوي ٿي ان جي باوجود اهي ئي شيون ماڻهن کي وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. فوڊ ڪاتي طرفان مهيني ۾ هڪ يا ٻه ڀيرا ڪاڌي پيتي جي مرڪزن تي ڇاپا هنيا وڃن ٿا ۽ ڏنڊ به لڳايا وڃن ٿا، پر ڪاتو ڪنهن به دڪاندار کي ان ڳالهه جو پابند بڻائڻ ۾ ناڪام رهيو آهي ته ڪاڌي پيتي جون شيون صحت جي اصولن مطابق ڍڪي ۽ گندگي کان پري رکيون وڃن. رڳو رسمي ۽ رشوت نما جرمانن ذريعي عملي طور تي اهڙي غير معياري وڪرو جي اجازت ڏني پئي وڃي. ان صورتحال تي شهر جي سياسي ۽ سماجي حلقن فوڊ ڪاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏگهڙي شهر ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جي وڪري کي صحت جي اصولن مطابق بڻائڻ لاءِ سخت ۽ ادرائتا قدم کنيا وڃن.

فريدآباد ۾ بدامني ۽ عوامي تحريڪ اڳواڻ کان ڦر ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

روڊ رستا شهر ڳوٺ لوفرن، لٽيرن، ڦوروئن ۽ ڌوهارين حوالي ٿيل آهن: مظاهرين

ڦرجي ويل شهري انصاف جي حاصلات لاءِ ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي جتيون گسائي ڇڏين ٿا

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ڀرپاسي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ گذريل رات عوامي تحريڪ اڳواڻ واپاري گلزار چانڊيو ۽ ٻين کان ڦرلٽ ٿيڻ واري واقعي خلاف عوامي تحريڪ پاران عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊوڪيٽ ساجد حسين مهيسر ضلعي دادو جي صدر وڪيل نجيب احمد مهيسر تعلقي ميهڙ جي صدر ايڊوڪيٽ داد محمد مگسي ڪامريڊ عبدالرحمن چانڊيو محمد رحيم چانڊيو ميان بخش چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاهه گوڏڙيو اسٽاپ کان سٽي گيٽ تائين احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي اڳواڻن چيو ته فريدآباد ۽ ڀرپاسي جا روڊ رستا شهر ڳوٺ لوفرن لٽيرن ڦوروئن ۽ ڌوهارين حوالي ٿيل آهن پوليس ڌوهارين کي پڪڙڻ بجاءِ انهن جي سهولت ڪاري ڪرڻ ۾ پوري آهي.هتان وڌيڪ چيو ته ڌوهرن ۾ ملوث ڌوهاري پوليس سان ڊيلنگ ڪري هليا ٿا وڃن پر ڦرجي ويل شهري انصاف جي حاصلات لاءِ ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي جتيون گسائي ڇڏين ٿا پر کين انصاف نٿو ملي مظاهرين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته عوامي تحريڪ اڳواڻ واپاري گلزار چانڊيو کان ٿيل ڦر ڊاڪٽر ديدار عباسي جي گهر لڳل ڌاڙي، صحافي لطيف بروهي، عبدالقادر جکراڻي ۽ ٻين کان ڦرلٽ ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪري ٿيل ڌوهر واپس ڪرائي امن امان بحال ڪيو وڃي!

فريد آباد: عوامي تحريڪ اڳواڻ کان ڦر ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪپرو: بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف ويسي روڻجهو ۽ پائيٽي جا رهواسي احتجاجي ريلي

ڳوٺاڻن روڊ، تعليم، صحت ۽ روزگار سميت بنيادي حقن لاءِ بخت آباد تائين پيادل ريلي ڪڍي

مظاهري ۾ وڪيل ظفرحسين مري، دليپ ڪمار عنايت علي مري ۽ سماجي اڳواڻ روشن علي مري سميت اهم شخصيتن جي شرڪت

30 هزار کان مٿي جي آبادي بنيادي حقن کان محروم، مطالبا نه پوري ٿيڻ تي احتجاج جي دائري کي وڌايو ويندو:مظاهرين

ڪپرو(ت ر) ڪپرو يونين ڪائونسل روڻجهو ۽ يونين ڪائونسل پائيٽي جي رهواسين جو بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف غزين آباد بخت آباد تائين ريلي مظاهرو روڊ صحت تعليم سميت بنيادي سهولتون ڏيڻ جو مطالبو ڳوٺ سيد عبدالله شاهه، موري ماروي ،حاجي شهبيگ مري ،حاجي ڪنڌو مري، حاجي اعجاز مري، موري ڏڙو اڇڪي ڪوڙي، ماروي، وسايو مري سميت مختلف ڳوٺن ۾ بنيادي سهولت نه ملڻ خلاف احتجاجي ريلي مظاهرو ڳوٺاڻن روڊ، تعليم، صحت ۽ روزگار نه هئڻ ڪري روڊ ايڪشن ڪميٽي جي ليگل ايڊوائيزر وڪيل ظفرحسين مري وڪيل دليپ ڪمار وڪيل عنايت علي مري سماجي اڳواڻ روشن علي مري علي دوست مري سنجي ميگهواڙ نياز محمد مري غلام محمد ناصر مري غلام مصطفيٰ خان محمد مري محمود مري ۽ خانيو ڪولهي محرم نهڙي ۽ ٻين ڳوٺاڻن سيد عبدالله شاهه موڙ کان پيادل ريلي ڪڍي حاجي ڪنڌو مري موڙ تي پر احتجاج ڪري مظاهرين احتجاج ڪندي چيو ته 30 هزار کان مٿي جي آبادي ڪندڙ هتي جا ڳوٺاڻا پنهنجي بنيادي حقن کان محروم آهن روڊ، تعليم صحت روزگار عوام جو بنيادي حق آهي اسان کي پنهنجي بنيادي حق کان محروم ڪيو ٿو وڃي جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا پورا نه ٿيا ته ٻي مرحلي ۾ احتجاج جو دائرو وڌائينداسين

پيپلز پارٽي پاڪستان جي وڏي پارٽي آهي: عبدالمطلب پنهور

پيپلز پارٽي غريب، مسڪين ۽ پورهيتن جا مسئلا حل ڪري ٿي، باقي پارٽيون ناڪام آهن

پيپلز پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون پر پارٽي زندهه آهي

ميهڙ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ پاڪستان جي وڏي پارٽي آهي چيئرمين بلاول ڀٽو انشا الله جلد ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو چيو ته پاڪستان ۾ واحد پيپلز پارٽي آهي جيڪا غريب مسڪين ماڻهن هارين پورهيت جا مسئلا حل ڪري ٿي اهڙو اظهار پاڪستان پيپلز پارٽي هاري ڪاميٽي ضلع دادو جي صدر عبدالمطلب پنهور آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو هن چيو ته اسان پيپلز پارٽي جا ورڪر آهيون ايم آر ڊي جي تحريڪ هجي يا ضياءالحق جي مارشلا هجي اسان پاڻ ملهايو آهي اسان چاهيون ٿا ته پاڪستان پيپلز پارٽي مضبوط ٿئي ۽ غريب مسڪين پورهيت هارين ورڪرن جا ڪم ڪري ٿي باقي ٻيون پارٽيون رڳو عوام جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ ناڪام ويا آهن پيپلز پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي جنرلن ڪوششون ڪيون پر پاڻ ختم ٿي ويا پيپلز پارٽي زندهه آهي چو ته پيپلز پارٽي غريب مسڪين پورهيتن جي پارٽي آهي جڏهن ته انموقعي تي پ پ هاري ڪاميٽي تعلقه ميهڙ جو صدر مجاهد علي ڳوڙ وحيد مهيسر زين محمد علي شيخ پڻ موجود هئا

اسلام ڪوٽ پرائمري اسڪول ۾ استاد جي غير حاضري تي پورهيت جو احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) ننگرپارڪر جي يوسي ڏاپو جي ڳوٺ ڪارڙيو پيل جو پورهيت سومرو مل پيل پنهنجن ٻن معصوم پٽن شاگرد ڪيلاش ۽ دانش پيل کي وٺي اسلام ڪوٽ پريس ڪلب پهتوجتي پورهيت سومرو مل پيل ڏانهيندي ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ ۾ قائم پرائمري اسڪول ۾ مقرر استاد مسلسل ڊيوٽي تان غائب آهي،اسڪول ٻن مهينن کان بند هجڻ ڪري ڳوٺ جا اڍائي سئو ٻارڙا تعليم کان محروم آهن،مقرر ماسٽر تعليم کاتي سميت بايوميٽرڪ عملي کي رشوت ڏئي گهر ويهي پگهار کڻي رهيو آهي ماسٽر کي ڊيوٽي جو پابند نه بڻايو ويو ته سمورن شاگردن کي وٺي اچي احتجاج ڪبو

اسلام ڪوٽ: پرائمري استاد جي غير حاضري خلاف ڳوٺاڻو احتجاج ڪندي

سڪرنڊ: حسيني امام بارگاهه ۾ جشن ولادت مولود ڪعبه جي شان ۾ منقبتون پيش

سڪرنڊ (س ر) حسيني امام بارگاهه سڪرنڊ ۾ سيد قطب شاهه ، محمد علي شاهه ، صادق علي شاهه ۽ منور علي شاهه پاران جشن مولود ڪعبه جي شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جتي چاليهه پائونڊ جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو ان موقعي تي تاريخ اسلام جي چوٿين خليفي فاتح خيبر شير خدا داماد نبي سيدنا موليٰ علي ڪُشا ڪرم الله وجه الڪريم جن جي جشن ولادت جي خوشيءَ ۾ سندن شان ۾ منقبت پڻ پيش ڪيون ويون تقريب ۾ شهر جي اهم شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ سيد احسان شاهه ، غلام حيدر سولنگي ، غلام نبي ملاح ، شبيراحمد شاهه ، نويد سومرو، مجيد عباسي ، ذيشان سومرو ، عبدالقادر گبول ، منصور لغاري ، احسن رضا ڀٽي ، غلام شبير سومرو ، راهب علي ڪيريو ، شاهنواز ڀٽو ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي تقريب جي مهمان قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن دنيا جا سڀ درياءَ مس ڪيا وڃن ۽ دنيا جا سڀ وڻ قلم ڪيا وڃن ته پوءِ به حضرت علي سائين جن جو شان بيان پورو لکي نٿو سگهجي موليٰ علي عليه السلام جي جي فضيلتن جا ڪوڙا سارا واقعا تاريخ اسلام جي ورقن ۾ موجود آهن پر ان کان وڌيڪ ڪهڙي فضيلت بيان ڪجي جو موليٰ علي ڪرم الله وجه الڪريم ٻنهين جهانن جي سردارا جن جا داماد هئا ان ڪري جس لهڻ اهي شخصيتون جيڪي 13 رجب شريف جشن ولادت مولود ڪعبه ملهائين ٿا ان کان اڳ جشن ولادت موليٰ جي ميزبان سيد قطب علي شاهه آيل مهمانن جو شاندار آڌر ڀاءُ ۽ مهمان نوازي ڪئي ؛

سڪرنڊ لڳ ڳوٺ نصير انڙ ۾ 13 رجب شريف جي سلسلي ۾ عظيم الشان پروگرام ٿي گذريو

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ لڳ ڳوٺ نصير انڙ ۾ 13 رجب شريف جي سلسلي ۾ عظيم الشان پروگرام ٿي گذريو جنهن ۾ سيد نور محمد شاهه جيلاني حضرت مولا علي مشڪل ڪشا شير خدا جن ولادت باسعادت تي خطاب فرمايو جنهن بعد حضرت علامه حبيب الله سڪندري بيان ۾ مولاءِ ڪائنات ، پنجتن پاڪ ۽ اهلبيت جا فضائل بيان ڪندي چيو ته سائين جن جي ڪعبة الله شريف اندر ولادت ٿي جيڪا سعادت مندي آهي ان ڪري اسين پاڻ کي خوشنصيب سمجهون ٿا جو پنجتن پاڪ ۽ چئن يارن جا پوئلڳ آهيون ان موقعي تي ملا غلام علي شاهه لڪياري، قاري حافظ محمد مٺل سڪندري ، قاري حافظ گل نور سڪندري . آصف علي مگسي ۽ معززين سميت عوام اهلسنت شرڪت ڪئي ان کان اڳ ميزبان مولانا محمد نوح قادري انڙ قادري محمد فقير انڙ مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

سڪرنڊ: نهال لاشاري ۾ حضرت علي عليه السلام جي جشن ولادت جي شاندار تقريب

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ لڳ ڳوٺ نهال لاشاري ۾ امتياز لاشاري، مولاٽي اختر نواز لاشاري ۽ آصف نواز لاشاري جي ميزباني ۾ سيدنا مولا علي عليه السلام جن جي ولادت جي خوشيءَ جي موقعي تي شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جتي معين ميزبانن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن دنيا جا سڀ درياءَ مس ڪيا وڃن ۽ دنيا جا سڀ وڻ قلم ڪيا وڃن ته پوءِ به حضرت علي سائين جن جو شان بيان پورو لکي نٿو سگهجي موليٰ علي عليه السلام جي جي فضيلتن جا ڪوڙا سارا واقعا تاريخ اسلام جي ورقن ۾ موجود آهن پر ان کان وڌيڪ ڪهڙي فضيلت بيان ڪجي جو موليٰ علي ڪرم الله وجه الڪريم ٻنهين جهانن جي سردارا جن جا داماد هئا ان ڪري جس لهڻ اهي شخصيتون جيڪي 13 رجب شريف جشن ولادت مولود ڪعبه ملهائين ٿا ان موقعي تي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ حبيب الله لاشاري ، نياز لاشاري اصغر علي لاشاري ، بشير لاشاري ، ممتاز علي لاشاري ، ذوالفقار علي ، غلام شبير لاشاري ۽ ٻيا شريڪ هئا

ورجينيا: شيرين اسد جو عبرت سان ڳالهه ٻولهه دوران ورتل فوٽو

مسو پرڳڙي لڳ واڙڪي وسي ۾ 13 رجب المرجب جو جشن ملهايو ويو

مسوپرڳڙي (ن ع)مسو پرڳڙي لڳ واڙڪي وسي ۾ منگهواڙ برادري طرفان 13 رجب المرجب اميرالمؤمنين مولا ڪائنات حضرت امام علي ابن ابي طالب عليه السلام جي آمد باسعادت جو شاناٿو ۽ روح پرورجشن وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويوجشن ۾ خاص مهمانن طور سيد علي رضا ڪاظمي ۽ سيد محمد رضا ڪاظمي شرڪت ڪئي جن پنهنجي خطاب ۾ مولا ڪائنات حضرت علي عليه السلام جي سيرت، تعليمات ۽ اسلامي تاريخ ۾ سندن عظيم ڪردار تي روشني وڌي ۽ نوجوانن کي سندن نقش قدم تي هلڻ جي تلقين ڪئي.تقريب دوران مولا ڪائنات جي ولادت جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن ته حضرت علي عليه السلام جي شان ۾ قصيدا ۽ نعتون پڻ پڙهيون ويون جن سان محفل روحانيت سان ڀرپور ٿي وئي.جشن ۾ آڪاش ڪمار سيجواني پرڪاش انمول منوج ڪمار سوڀ راڄ سيجواني سميت علائقي جي سوين عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ محبت، ڀائيچاري ۽ امن جو پيغام ڏنوآخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون جڏهن ته تقريب خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتي

مسوپرڳڙي: واڙڪي وسي ۾ 13 رجب جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ڀلي ڪري
SWS
WINTER GIFT
0309-3265769
مٽياري: سماجي تنظيم پاران غريبن ۾ ڪپڙا ورهايا پيا وڃن

مٽياري ۾ سماجي تنظيمن پاران غريبن مستحقن ۾ سياري لاءِ گرم ڪپڙا تقسيم

الاحسان ويلفيئر فائونڊيشن ۽ پبلڪ ويلفيئر آرگنائيزيشن جي گڏيل ڪوشش سان فلاحي پروگرام

انسانيت جي خدمت سماج جي ڪمزور طبقن لاءِ بنيادي ذميواري آهي: محمد صهيب سومرو

ذوالفقار علي عاقلاڻي ۽ ٻين اڳواڻن اپيل ڪئي ته مخير حضرات فلاحي ادارن سان گڏجي وڌيڪ مستحق خاندانن تائين مدد پهچائن

مٽياري (ذ ر) الاحسان ويلفيئر فائونڊيشن حيدرآباد جي اهتمام هيٺ ۽ مٽياري پبلڪ ويلفيئر آرگنائيزيشن جي نگرانيءَ ۾ ديهي علائقي ڳوٺ ميمن وسي ۾ غريبن مسڪينن ۽ مستحق ماڻهن ۾ سياري کان بچاءَ لاءِ گرم ڪپڙن جي ورڇ جو فلاحي پروگرام منعقد ڪيو ويو هن موقعي تي سوين ضرورت مند ماڻهن ۾ گرم لباس ورهايا ويا ته جيئن هو سياري جي سخت سردي کان محفوظ رهي سگهن ان موقعي تي الاحسان ويلفيئر فائونڊيشن حيدرآباد جي صدر حڪيم محمد صهيب سومرو پنهنجي بيان ۾ چيو ته انسانيت جي خدمت، ڏکويل انسانيت جو سهارو بڻجڻ ۽ سماج جي ڪمزور طبقن جي مدد ڪرڻ اسان جي بنيادي ذميواري آهي هن وڌيڪ چيو ته سياري جي موسم ۾ غريب ۽ نادار ماڻهو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا، تنهن ڪري الاحسان ويلفيئر فائونڊيشن اهڙا فلاحي قدم مستقبل ۾ به جاري رکندي مٽياري پبلڪ ويلفيئر آرگنائيزيشن جي صدر ذوالفقار علي عاقلاڻي ميمڻ هن موقعي تي الاحسان ويلفيئر فائونڊيشن حيدرآباد جو خصوصي شڪريو ادا ڪندي چيو ته اسان جي درخواست تي سوين مستحق ماڻهن ۾ گرم ڪپڙن جي ورڇ هڪ قابل تحسين ۽ مثالي قدم آهي هن چيو ته اهڙيون فلاحي تنظيمون سماج ۾ اميد، همدردي ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ ٿيون هن فلاحي پروگرام ۾ سجاد علي عباسي ۽ علي نواز ميمڻ پڻ موجود هئا جن هن قدم کي ساراهيندي چيو ته گڏيل ڪوشش سان ئي سماجي مسئلن جو حل ممڪن آهي آخر ۾ مقررن مخير حضرات کان اپيل ڪئي ته هو اڳتي وڌي فلاحي ادارن جو ساٿ ڏين ته جيئن ته وڌيڪ ڪاز وڌيڪ مستحق خاندانن تائين مدد پهچي سگهي

سنڌ يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ ۾ آفيسرن جي سيٽ تي سياڻي چونڊ ٿيندي

سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن طرفان نديم ڀٽ اميدوار

ايسوسيئيشن جيڪو اعتماد ڪيو ان لاءِ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان: نديم ڀٽ

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ ۾ آفيسرن جي سيٽ تي سياڻي چونڊ ٿيندي ان سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن طرفان نديم ڀٽ اميدوار نامزد ٿيل آهي جيڪو چونڊ وڙهندو هن سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر نعيم احمد عيساڻي ۽ ٻين عهديدارن چيو آهي ته ڀٽ اسان جو مضبوط اميدوار آهي جنهن جي ڪاميابي لاءِ پراميد آهيون سمورن آفيسر دوست ڀرپور موٽ ڏني آهي آفيسرن جي اڪثريت اسان سان گڏ آهي سندن اعتماد لاءِ ٿورائتا آهيون 6 فيبروري تي انشاء الله نديم ڀٽ جي صورت ۾ حق ۽ سچ جي فتح ٿيندي ايسوسيئيشن جي اميدوار نديم ڀٽ چيو آهي ته ايسوسيئيشن جي باڊي ڪيس اتفاق راءِ سينڊيڪيٽ جي اليڪشن ۾ اميدوار نامزد ڪري مٿس جيڪو اعتماد ڪيو آهي ان لاءِ هو سندن تمام گهڻو ٿورائتو آهي هن ايسوسيئيشن جي عهديدارن سميت سڀني آفيسر دوستن جي اعتماد جي مهرباني مڃيندي چيو آهي ته کيس آفيسر دوستن جي اڪثريت طرفان ڀرپور موٽ ملي آهي جنهن لاءِ هو سڀني جو احسانمند آهي ڪامياب ٿي سڀني آفيسرن جي ڪاز لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندس

سڄاول جامع دارالفيوض القاسميه ۾ ساليانو ختم بخاري شريف ۽ دستاربندي تقريب

56 عالمن ۽ 15 حافظن کي تعليم مڪمل ڪرڻ تي پڳون ٻڌرائي سندون ڏنيون ويون

تقريب ۾ ڊي سي زاهد رند، حاجي اسلم ميمڻ، هدايت الله ڪٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سڄاول (ذ ر) سنڌ جي تاريخي ۽ قديمي ديني درسگاهه جامع دارالفيوض القاسميه سڄاول ۾ ساليانو ختم بخاري شريف ۽ دستاربندي جي عظيم الشان تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ 56 عالمن ۽ 15 حافظن سڳورن سندس تعليم مڪمل ڪرڻ تي پڳون ٻڌرائي سندون ڏنيون ويون تقريب ۾ عالم دين جو ڪورس مڪمل ڪرڻ تي بخاري شريف جو آخري درس دارالفيوض القاسميه جي شيخ الحديث مولانا صالح الحداد پڙهايو دستاربندي تقريب ۾ مولانا ابراهيم مهر مولانا غلام محمد سومرو مولانا عيسا سمون مولانا اسماعيل قاسمي مولانا غلام حسين ميمڻ مولانا عبيدالله نهڙي مولانا خان محمد پٺاڻ حافظ فضل الله فياض مولانا اشرف ميمڻ مولانا حسن قاسمي ۽ ٻين خطاب ڪيو تقريب ۾ مشهور نعت خوان جميل الرحمان گندرو نعتون پڙهيون تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر سڄاول زاهد رند واپاري اڳواڻ حاجي اسلم ميمڻ سينئر صحافي هدايت الله ڪٽي لڏو مڇارو ڪامران ڪٽي عبدالستار ڪٽري سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل هزارين عقيدتمند شريڪ ٿيا

سڄاول: جامع دارالفيوض القاسميه ۾ منعقد تقريب ۾ علماءِ ڪرام خطاب ڪندي

چيئرٽي ڪميشن، سوشل ويلفيئر سنڌ جي ميمبر ٿيڻ وڏي ذميواري آهي: شيرين اسد

چيئرٽي ڪميشن سنڌ اين جي اوز ۽ آءِ اين جي اوز جي رجسٽريشن، نگراني، لاءِ اهم ريگيوليٽري ادارو آهي

شيرين اسد تعارفي اجلاس ۾ شفافيت ۽ سڌاري لاءِ اين جي اوز جي ڪارڪردگي ۽ مالي معاملا جانچڻ جو عزم ظاهر ڪيو

ورجينيا (رپورٽ: ضياء قريشي) سماجي خدمتن ۾ نمايان ڪردار ۽ لاڳيتو عملي جدوجهد جي اعتراف طور شيرين اسد کي چيئرٽي ڪميشن سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ جي غير سرڪاري ميمبر طور مقرر ڪيو ويو آهي آمريڪا ۾ موجود شيرين اسد، صحافي ضياء قريشي سان ڳالهائيندي چيو ته اها مقرري هن لاءِ فخر جوڳي ۽ وڏي ذميواري آهي. مشهور سماجي اڳواڻ شيرين اسد چيو ته چيئرٽي ڪميشن سنڌ ۾ سرگرم قومي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن (NGOs & INGOs) جي رجسٽريشن، نگراني، شفافيت ۽ احتساب لاءِ قائم هڪ اهم ريگيوليٽري ادارو آهي جيڪو سماجي ڀلائي کي مؤثر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ان جو بنيادي مقصد سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوز ۽ آءِ اين جي اوز جي سڌاري، شفافيت ۽ نگراني کي يقيني بڻائڻ آهي شيرين اسد عزم ظاهر ڪيو ته هوءَ پنهنجي ذميواري ايمانداري، خلوص ۽ جذبي سان ادا ڪندي، ته جيئن سماجي شعبي ۾ شفافيت ۽ سڌارو آڻي سگهجي هن ٻڌايو ته آمريڪا مان سنڌ واپسي ڪانپوءِ چيئرٽي ڪميشن جو تعارفي اجلاس ٿيندو جنهن ڪانپوءِ اين جي اوز ۽ آءِ اين جي اوز جي ڪارڪردگي ۽ مالي معاملا جانچيا ويندا.

ميهڙ سگا شاخ پاران 24 هين مفت اکين جو ڪيمپ پڄاڻي تي پهتي

1000کان وڌيڪ مريضن جو علاج، 250 کي آپريشن ذريعي لينس لڳايا ويا

ماهر سرجن ڊاڪٽر محمد خان شيخ، اي ڊي ٽنيو ۽ ٻين مريضن جا آپريشن ۽ چيڪ اپ ڪيا

ميهڙ(ن ع) سنڌ گريجوئيٽس (سگا) ميهڙ شاخ پاران رائيزنگ سنڌ ويلفيئر فائونڊيشن جي تعاون سان روشن تارا هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ لڳل 2 روزه 24 هين مفت اکين جي ڪئمپ پڄاڻي تي پهتي ڪئمپ ۾ ٻن ڏينهن ۾ 1000 کان مٿي مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو جن مان 250 مريضن جو جديد فيڪو مشينن ذريعي آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا ۽ مريضن کي مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون ڪئمپ ۾ ڪراچي ، لاڙڪاڻو جي اکين جي ماهر سرجن ڊاڪٽرن ڊاڪٽر محمد خان شيخ ، ڊاڪٽر اي ڊي ٽنيو ، ڊاڪٽر عبدالقادر شيخ ، ڊاڪٽر ممتاز علي ڏيرو مريضن جو چيڪ اپ ڪري آپريشن ڪيا جڏهن ته ڪئمپ ۾ سگا ميهڙ شاخ جي صدر بدرالدين پلهه ، جنرل سيڪريٽري احمد علي ٽنيو ، انجنيئر محمد اسلم چانڊيو ، عبدالستار پنهور ، ڊاڪٽر هيمن داس مهراج ، رفيق احمد ٽنيو ، فيصل مهيسر ، احسان پلهه ، محسن پلهه ، اسد پنهور ، اشفاق سومرو ، فهيم سومرو بشير ڪوسو ۽ ٻين خدمتون سرانجام ڏنيون ان موقعي تي آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي ناليواري سرجن ڊاڪٽر محمد خان شيخ ، اسڪول جي پرنسپال عبدالڪريم چانڊيو ، رئيس علي بخش ڪوسو ، محمد اعظم پنهور چيو ته انسانيت جي خدمت وڏي عبادت آهي خدمت ڪرڻ سان دل کي سڪون ملي ٿو هنن چيو ته سگا جي دوستن سماجي ميدان ۾ هميشه پاڻ ملهايو آهي اسان کي به خدمت جو موقعو ڏين ٿا الله پاڪ کيز خدمت تي اجر عظيم ڏيندو

حيدرآباد ۾ ٽنڊو آدم واسين جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

بااثر عبدالرحمان ڪيريو هٿياربندن سان گڏ زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي: عبدالغفور

سمورا عدالتي ڪيس کٽيا آهن، ان باوجود پوليس اسان کي آسرا ڏئي موٽائي ڇڏي ٿي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ٽنڊوآدم جي ڳوٺ سچو سانڊ جي رهواسي عبدالغفور ڪيريو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيو آهي ته سمورا عدالتي ڪيس کٽڻ باوجود بااثر ماڻهو عبدالرحمان ڪيريو پنهنجي هٿيارٻندن سان گڏ 62ايڪڙ کان وڌيڪ زمين تي ناجائز ۽ غيرقانوني قبضو ورتو آهي جڏهن ته حد جي داسوڙي پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي بدران اسان کي آسرا ڏئي موٽائي ڇڏي ٿي. هن چيو ته جاٽايل زمين جي اڳوڻي آرمي چيف جنرل راحيل شريف نوٽس وٺندي جاچ ڪرائي هئي جنهن جاچ جو فيصلو به اسان جي حق ۾ آيو هو. بينڪنگ ڪورٽ به زمين جي مالڪي جو حق اسان کي ڏئي چڪي ۽ جوابدارن عبدالرحمان ڪيريو ۽ ان جي پي محمد يوسف جا ڪوڙو چيڪ ڏيڻ تان گرفتاري وارنٽ جاري ٿي چڪا ۽ انهن جا قومي شناختي ڪارڊ پڻ بلاڪ ڪيا ويا آهن پر ان باوجود عبدالرحمان ڪيريو سرعام اسان جي زرعي زمين تي قبضو ڪري رهيو آهي ۽ هاڻ اسان زمين تي اچڻ جي صورت ۾ موتمار ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيو آهي جنهن سبب اسان کي جاني ۽ مالي خطرو آهي. هن صدرپاڪستان آصف علي زرداري،چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل حافظ آصف منير کي اپيل ڪئي ته جاٽايل ماسري جو نوٽس وٺي زمين تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ٺٽي ضلعي جي ساحلي علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي کوٽ، رهواسي بيمارين ۾ مبتلا

ساحلي علائقن جو ڄر جو پاڻي کارو ۽ زهريلو ٿي ويو، هزارين ماڻهو هيپاٽائيٽس ۽ پيٽ جون بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا

پيئڻ جي پاڻيءَ جو ٻيو ڪو به ذريعو نه هجڻ ڪري مقامي ماڻهو گندو پاڻي واپرائڻ تي مجبور آهن:رهواسي

رستو ٺيڪ پر صحت ۽ بنيادي سهولتون به ناهن مليون، صحت، تعليم ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ تي ڌيان ڏنو وڃي

گهاڙهو (ن ع) ٺٽي ضلعي جي ساحلي پٽيءَ وارن علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي شديد قلت، ڄر جو پاڻي کارو ۽ زهريلو ٿيڻ ڪري هزارين رهواسي هيپاٽائيٽس سميت پيٽ جي مختلف خطرناڪ بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا آهن علائقي واسين پارلن تڪ جي ايم پي اي ۽ صوبائي وزير کان ترت فلٽر پلانٽ لڳائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي علائقي جي سڄاڻ ڌرين ۽ رهواسين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ساحلي پٽي ۾ ڄر جو پاڻي مڪمل طور کارو ۽ زهريلو ٿي چڪو آهي پيئڻ جي پاڻيءَ جو ٻيو ڪو به ذريعو نه هجڻ ڪري مقامي ماڻهو اهو ئي گندو پاڻي واپرائڻ تي مجبور آهن. جنهن جي نتيجي ۾ مختلف علائقن ۾ هيپاٽائيٽس B ۽ C، معدي جون بيماريون، السر ڇمڙي جي الرجي ۽ ٻيون موذي بيماريون وبا جيان ڦهلجي رهيون آهن رهواسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن انتظاميا ترت قدم نه کنيا ته ساحلي پٽي ۾ وڏو انساني الميو جنم وٺي سگهي ٿو علائقي واسين ميڊيا کي ٻڌايو ته پي ايس 76 تان چونڊيل ايم پي اي ۽ موجوده صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز حاجي علي حسن زرداري جي ڪوشش سان علائقي ۾ روڊ رستن جي صورتحال ته بهتر ٿي آهي، پر رڳو روڊ رستا ترقي ناهن اصل ترقي صحت، تعليم ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جهڙيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، جنهن طرف هن وقت تائين ڪو به خاص ڌيان نه ڏنو ويو آهي علائقي واسين صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري کان مطالبو ڪيو آهي ته گهاڙهو بگهاڻ ڪيٽي بندن سجڻ واري، اداسي، دانداري جي علائقن ۾ فوري طور واٽر فلٽر پلانٽ لڳايا وڃن بيمارين ۾ وڪوڙيل مريضن لاءِ خاص طبي ڪيمپون قائم ڪيون وڃن پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهمي کي يقيني بڻائي پورهيت عوام جي زندگين کي ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي

ٺٽو: هڪ پيرسن گڏهه گاڏي تي پيئڻ جو پاڻي ڀرڻ لاءِ وڃي رهيو آهي

ڪنڌڪوٽ ۾ تنگوائي جي رهواسين جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪنڌ ڪوٽ (ذ ر) ڪنڌ ڪوٽ زرعي زمين تي قبضي خلاف متاثرن جي پريس ڪانفرنس ڪنڌ ڪوٽ پريس ڪلب ۾ تنگوائي جي رهواسين غلام ياسين ڪوسو غلام مرتضيٰ ڪوسو ۽ فياض احمد گولو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سندن 30 جريب زرعي زمين تي زبردستي قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.هنن ٻڌايو ته سندن زرعي زمين ڳوٺ غلام مصطفيٰ ڪوسو تعلقي تنگوائي ۾ آهي جيڪا هنن شفيع محمد ڪوسو کان قانوني طريقي سان خريد ڪئي هئي. زمين بابت سيل سرٽيفڪيٽ، کاتو ۽ ٻيا سڀ قانوني ثبوت سندن نالن تي موجود آهن.متاثرن الزام هنيو ته گذريل ٽن مهينن کان قبضي مافيا جو اڳواڻ فيض محمد ۽ پوليس اهلڪار نديم ڪوسو هٿياربند ڌوهارين جي مدد سان سندن زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ کين مختلف طريقن سان ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن.پريس ڪانفرنس دوران هنن چيو ته کين قبضي مافيا کان شديد جاني ۽ مالي خطرا آهن. تنهنڪري کين فوري طورتحفظ فراهم ڪيو وڃي. هنن اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته قبضي ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

راڌڻ لڳ جسماني ۽ ذهني معذور ٻارن ۽ وڏن لاءِ مفت طبي ڪيمپ قائم

راڌڻ (ن ع) راڌڻ لڳ ڳوٺ محراب لاڪير ۾ جسماني معذور ۽ ذهني معذور ٻوڙن ٻارن ۽ وڏن جي اعلاج جي طبي ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ چڪاس ڪري اعلاج ڪيو ويو ۽ کين مفت ميڊيسن ڏني وئي خبر موجب راڌڻ لڳ ڳوٺ محراب لاڪير ۾ عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار زميندار ممتاز علي لاڪير جي ڪوشش ۽ تعاون سان سندس اوطاق تي ڪراچي مان جسماني ۽ ذهني مريض ۽ ڪنن کان ٻوڙن معصوم ٻارن وڏن مردن ۽ عورتن جي اعلاج لاءِ15 ڏينهن بعد هر آچر تي لڳندڙ ڪيمپ لڳي جنهن ۾ ڪراچي کان آيل انساني خدمت جو جذبو رکندڙ مسيحا ڊاڪٽر شميم احمد شيخ مفت ٻي ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ اٽڪل هڪ سو ٻارن ۽ وڏن جو اعلاج ڪيو ويو.

ٺٽون ڪوٽ ايس ايڇ او جو صحافين کي گندا لفظ ڳالهائڻ خلاف قلم ڏٿڻ جو احتجاج

رپورٽنگ تي ايس ايڇ او وجوتو غير اخلاقي ٻولي استعمال ڪئي: صحافي

ايس ايس پي ٿرپارڪر ۽ ڊي آءِ جي ميرپورخاص، ايس ايڇ او کي هٽائي، ٻي صورت ڌرڻو هنيو ويندو

ٺٽون ڪوٽ (ن ع)ٺٽون ڪوٽ گذريل ڏينهن ٺٽون ڪوٽ جي تاريخي قلعي تي غير اخلاقي حرڪتون ڪرڻ واري واقعي جي رپورٽنگ ڪرڻ بعد ايس ايڇ او وجوتو صحافين تي ڏمرجي پيو صحافين کي گندا لفظ استعمال ڪندي غير اخلاقي ٻوليءَ ڳالهائڻ لڳو غيراخلاقي ٻولي استعمال ڪندڙ ايس ايڇ او وجوتو خلاف صحافي برادري پاران پيارا علي نهڙي محمد حنيف گرگيز ممتاز جوٽيجو آفتاب ميمڻ سعيد خان چانڊيو مجيد چانڊيو عبدالرحمان قائمخاني ملڪ اسلام ۽ٻين ٺٽون ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاج ڪيو ويو صحافين جو چوڻ آهي ته ٺٽون ڪوٽ قلعي ۾ پيش آيل واقعي بابت ذميواري سان رپورٽنگ ڪرڻ تي ايس ايڇ او وجوتو امين جوٽيجو ڏمرجي صحافين خلاف گارگند ڪئي جنهن جي سخت مذمت ڪيون ٿا جيڪڏهن ڪنهن صحافي ٺٽون ڪوٽ قلعي ۾ پيش آيل واقعي کي ذميواري سان رپورٽ ڪيو آهي ته اهو ڪنهن به صورت ۾ ڏوهه ناهي. جو ته صحافت جو بنيادي فرض ئي حقيقتن کي عوام آڏو آڻڻ آهي انتهائي افسوس جو مقام آهي جو ايس ايڇ او امين جوٽيجو واقعي جي رپورٽنگ تي صحافين خلاف غيراخلاقي ٻولي استعمال ڪئي جيڪو نه صرف اخلاقي قدرن جي ڀڃڪڙي آهي پر قانون ۽ پوليس ضابطن جي به کليل خلاف ورزي آهي اهڙو رويو اظهارِ راءِ جي آزادي تي سڌو حملو آهي.صحافين ايس ايس پي ٿرپارڪر ۽ ڊي آءِ جي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي ته جيڪڏهن 24 ڪلاڪن اندر ايس ايڇ او کي هٽايو نه ويو ته ٻي صورت ۾ احتجاجي ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويندو

ٺٽون ڪوٽ: ايس ايڇ او پاران گندا لفظ ڳالهائڻ خلاف قلم ڏٿي احتجاج ڪندي

هالا ۾ صوفي آسو رام فقير جو پهرين شاعري مجموعي "ديوان آسو" جي رونمائي تقريب

رونمائي تقريب ۾ سنڌ جي نامور اديبن، شاعرن، ليکڪن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

صوفي آسو رام فقير سنڌ جو مشهور صوفي ۽ ويدانتي شاعر، سندس ڪلام ۾ روحانيت ۽ معرفت جو گهرو رنگ آهي:مقرر

ديوان کي سندس خاندان جو فرد آڪاش آسواڻي ڇهين پيڙهيءَ کان ترتيب ڏنو سنڌ واسين لاءِ علم ۽ روحانيت جو اهم اثاثو آهي

هالا (ت ر) سنڌي ادبي سنگت هالا پراڻا جي طرفان آڪاش آسواڻي جي ترتيب ڏنل ۽ حڪيم ليکراج مل کتري طرفان سنڌ جي صوفي سنت ۽ ويدانتي شاعر ماستر آسو مل عرف صوفي آسو رام فقير جي شاعري جي پهرين مجموعي ديوان آسو جي مهورتي تقريب هالا پراڻا ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي ناليوارن اديبن شاعرن ليکڪن نصير مرزا، ڊاڪٽر مخمور بخاري، پروفيسر منوج ڪمار، پروفيسر ڊاڪٽر نياز احمد ميمڻ محمد حبيب سنائي، فقير شير محمد حاجن نظاماڻي سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي رونمائي تقريب ۾ آيل مهمانن صوفي آسو رام فقير کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته صوفي آسو رام فقير سنڌ جو هڪ مشهور صوفي ۽ ويدانتي شاعر هو سندس ڪلام ۾ روحانيت ۽ معرفت جو گهرو رنگ آهي،پاڻ 1854 ڌاڪي سنڌو ڪناري قائم ننڍڙي ڳوٺ هالا قديم ۾ جنم ورتو ۽ 1941 ڌاڪي ان ئي ڳوٺ ۾ سندس ديهانت ٿيو . سندن نالو آسو رام هو جڏهن ته فقيري ويس وسائڻ بعد کين صوفي آسورام فقير جي نالي سان سڃاتو ويندو هو . يقينن ڪتاب ديوان آسو مان سنڌ واسين کي تمام گهڻو لاڀ حاصل ٿيندو جنهن ڪتاب کي سندن خاندان جي فرد آڪاش آسواڻي ڇهين پيڙهيءَ مان جنم وٺڻ بعد ترتيب ڏئي هڪ مثال قائم ڪيو آهي.

لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور دڪان مان چوري دوران هڪ جوابدار سرگهو، سندس ٻه ساٿي فرار

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور دڪان مان چوري ڪرڻ دوران هڪ چور سرگهو ۽ سندس ٻه ساٿي فرار ان ڏس ۾ گذريل رات دير سان لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي حد يار محمد ڪالوني ۾ واقع موبائيل ڪميونيڪيشن جي دڪان تان مبينا طور چوري ڪندي چوڪيدار ۽ علائقي واسين هڪ چور کي پڪڙي ورتو ۽ سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا.

ڏڙي محبت ۾ سماجي اڳواڻ جو منشيات وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪامريڊ انور ملاح ڳچي ۾ ٿئو ٻڌي منشيات خلاف انوکو احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ منشيات عام ٿي وئي آهي، نوجوان منشيات جي لعنت ۾ وڪوڙجي ويا آهن:انور ملاح

ڏڙي محبت (ن ع) ڏڙي محبت سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور جو منشيات خلاف ڳچي ۾ ٿئون ٻڌي احتجاج منشيات بند نه ٿي ته مرڻ گهڙي تائين جدوجهد جاري رکندي ڪامريڊ انور ملاح تفصيل موجب رليون ۽ ڪپڙا ڪپائي پنهنجي گهر گاڏر هلائيندڙ ۽ زندگي جو وڏو عرصو سماجي ڪم خاص ڪري سنڌ ۾ منشيات جي وڪري خلاف سنڌ جي مختلف شهرن جي پريس ڪلبن آڏو انوکا احتجاج ڪندڙ راڻ واسي ڪامريڊ انور ملاح ڏڙي محبت جي ناظم منگي چوڪ ته تعلقي ميهڙ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن سميت سڄي سنڌ ۾ منشيات جي وڪري خلاف انوکو احتجاج ڪندي ميڊيا وارن کي ٻڌايون ته سنڌ ۾ منشيات وڪر وانگر وڪاڻجي رهي آهي جنهنڪري اسان جو نوجوان هن منشيات جهڙي لعنت ۾ وڪوڙجي ويو آهي جنهن سان سماجي برايون ۽ ڏوهن ۾ پڻ اضافو ٿيوآهي ماءُ ڇڏهن انهن نوجوانن کي پڙهڻ بجاءِ چوريون ڪندي ۽ شهرن ۾ گند ڪچري جي ڍيرن تي ويٺل ڏسندو آهيان ته حياءِ ڊري پوندو آهي پر هتان اسان جا ادارا جيڪي منشيات روڪڻ لاءِ جڙيل آهن اهي بلڪل ناڪارا بنيل آهن جنهنڪري منشيات جو وڪرو ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي هن سنڌ جي نئي مقرر ٿيل آءِ جي سبط جاويد عالم اوڊو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي منشيات جو وڪرو بند ڪرائي نوجوان نسل جي زندگيون بچايون وڃن ٻئي صورت ۾ جيدري تائين زندگي هوندي منهنجو احتجاج جاري رهندو

ڏڙي محبت: سماجي اڳواڻ منشيات جي وڪري خلاف احتجاج ڪندي

گلاب لغاري پوليس ڪارروائي، منشيات هٿ، پنج جوابدار گرفتار

گلاب لغاري (ن ع) ايس ايس پي بدين جي هدايتن تي گلاب لغاري پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪارروايون پنج ڄڻا گرفتار بعد جيل تفصيل موجب گلاب لغاري ٿاڻي جي ايس ايڇ او فياض احمد ٻرڙو جي نگراني ۾ پوليس طرفان مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي 30 لٽر ڪچو شراب رکڻ جي الزام ۾ لڇمڻ ڪولهي، 21سئو جي 550 گهٽڪا رکڻ جي الزام ۾ نيازعلي ڪوسو ،سفينا جي 440 گهٽڪن جون پڙيون رکڻ جي الزام ۾ دريا خان ۽ سولر پليٽ چوري ڪرڻ جي الزام هيٺ صدام ماڇي کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪرڻ ڪرڻ بعد کين جوڊيشل مئجسٽريٽ ماتلي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت پاران سمورن جوابدارن کي جوڊيشل ريمانڊ تي بدين جيل روانو ڪيو ويو

گلاب لغاري: پوليس ڪارروائي ۾ منشيات سميت گرفتار ڪيل جوابدار

سڪرنڊ: گم ٿيل نوجوان راهول جنداهوڙو جي بازيابي لاءِ برادري ۽ سول سوسائٽي جو احتجاج

راهول جنداهوڙو مندر جي صفائي بعد اوچتو گم ٿي ويو، ڪافي ڳولا باوجود هٿ اچي ناهي سگهيو

انتظاميه کي برادري سان تعاون ڪندي نوجوان ڳولڻ گهرجي، احتجاج رڳو ڳولڻ تائين محدود نه هجي،سماجي اڳواڻ

سڪرنڊ (س ر) ٻه هفتا اڳ 17 ورهين جو نوجوان راهول جنداهوڙو جيڪو مندر جي صفائي ڪرڻ بعد اوچتو گم ٿي ويو ان جي ڳولا جي لاءِ سول سوسائٽي پاران جنداهوڙا برادري سان گڏ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي مزاحمتي شاعر ڊاڀائي مهر ، ڊاڪٽر صدورو ڪيريو ، سانول ڪيريو ، ڊاڪٽر پريم ، مکي روپچند ۽ عبدالصمد گبول الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته راهول جي گمشدگي کي انتظاميه جي ڪوتاهي سمجهون ٿا انتظاميه کي گهرجي ته راهول کي ڳولڻ ۾ جنداهوڙا برادري جي مدد ڪري هنن وڌيڪ چيو ته هي اها برادري آهي جيڪا امن پسند ۽ ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ آهن ايئن نه ٿئي جو پريا ڪماري ۽ فضيلا سرڪي وانگر سالن تائين رڳو ڳوليندا ۽ احتجاج ڪندا رهون ان ڪري اسين هن برادري سان گڏ آهيون ان موقعي تي عورتون ۽ ٻار پڻ شامل هئا جيڪي زارو قطار روئي رهيا هئا

سڪرنڊ: گم ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ وارث ۽ سول سوسائٽي جا نمائندا احتجاج ڪندي

مانجهند پرسان ٽن پوليس اهلڪارن کان موٽر سائيڪل موبائيل فونون ۽ روڪ رقم ڦر

اڻڄاتل هٿياربندن ٽئين پرتي ٿيل اهلڪارن ڪاشان ميمڻ، مرتضيٰ سولنگي ۽ اعجاز لنڊ کي يرغمال بڻايو

جوابدار اهلڪارن جي موٽرسائيڪل، موبائيل فونون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، رپورٽ داخل

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ٿاڻي جي حد ڳوٺ خاصائي انڊس هاءِ وي تي مانجهند کان ڄامشورو طرف ويندڙ ٽن موٽر سائيڪل سوار ٽئين پرتي ٿيل پوليس اهلڪارن ڪاشان ميمڻ مير مرتضيٰ سولنگي ۽ اعجاز لنڊ کي اڻڄاتل هٿياربند جوابدارن هٿيار جي زور تي روڪي ٽئين سي ڊي موٽر سائيڪل 2 موبائيل فونون ۽ 20 هزار روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثر پوليس اهلڪارن خاڻوٽ ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي پر پوليس بروقت ڪا ڪارروائي نه ڪري سگهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 05 جنوري 2026ع

آمريڪا جو وينزويلا تي حملو: عالمي برادري ڪٿي آهي؟

آمريڪا طرفان وينزويلا تي ٿيل سڌي فوجي حملي ۽ صدر نڪولس مادورو سميت خاتونِ اول جي گرفتاري عالمي سياست ۾ هڪ انتهائي وڏو ۽ خطرناڪ موڙ آڻي ڇڏيو آهي، رات جي اونداهيءَ ۾ آمريڪي ڊيلٽا فورس جي ڪارروائي، ميزائل حملا شهري آباديءَ کي نشانو بڻائڻ، گاديءَ واري شهر ڪاراڪاس ۾ باهه ۽ بجلي بند ڪرڻ جهڙا قدم رڳو هڪ ملڪ خلاف ڪارروائي ناهن پر عالمي قانون، خودمختياري ۽ طاقت جي توازن تي کليل حملو آهن. اهڙي ڪارروائي اهو سوال پيدا ڪري ٿي ته ڇا هاڻ طاقتور ملڪ ڪنهن به خودمختيار رياست جي چونڊيل صدر کي اغوا ڪري سگهن ٿا؟ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيانن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هيءَ ڪارروائي ڪنهن هنگامي ردعمل جو نتيجو نه هئي، پر مهينن جي منصوبابندي، فوجي مشقن ۽ سياسي ارادن سان جڙيل هئي، 150 کان وڌيڪ فوجي جهازن جو استعمال، بجلي بند ڪرڻ جهڙي ٽيڪنيڪل صلاحيت ۽ پوءِ فخر سان ان ڪارروائيءَ کي "ٽيليويزن شو" سان تشبيهه ڏيڻ، آمريڪي رياستي رويي جي بي حسيءَ کي واضح ڪري ٿو. جيڪڏهن اهڙيون ڪارروائيون معمول بڻجي وڃن ته پوءِ ننڍين ۽ وچولي درجي جي ملڪن جي خودمختياري رڳو ڪاغذن تائين محدود رهجي ويندي.

آمريڪا جو اهو اعلان ته وينزويلا جي تيل جا ذخيرا ۽ ملڪ جو انتظام "مناسب اقتدار منتقل ڪرڻ" تائين پاڻ سنڀاليندو، نوآبادياتي سوچ جو کليل اظهار آهي، تيل جي نالي تي جمهوريت، انساني حقن ۽ قانون جي ڳالهه ڪرڻ، تاريخ ۾ اڳ به ڪيترائي ڀيرا ڏٺو ويو آهي، جنهن جا نتيجا عراق، ليبيا ۽ افغانستان جهڙن ملڪن ڀوڳيا. وينزويلا سان به ساڳيو تجربو ورجايو پيو وڃي، جتي سياسي اختلافن کي فوجي طاقت سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، وينزويلا جي نائب صدر ڊيلسي روڊريگز ۽ وزير دفاع جو ردعمل ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ملڪ اندر مزاحمت موجود آهي، مادورو کي ملڪ جو واحد صدر قرار ڏيڻ، سندس حياتيءَ جو ثبوت گهرڻ ۽ سلامتي ڪائونسل جو اجلاس سڏائڻ، اهو ظاهر ڪري ٿو ته وينزويلا هن ڪارروائيءَ کي اغوا ۽ جارحيت سمجهي ٿو نه ڪي قانوني قدم. اهڙي صورتحال گهرو ويڙهه، علائقائي عدم استحڪام ۽ انساني بحران کي جنم ڏئي سگهي ٿي، عالمي ردعمل به انتهائي اهم آهي، چين، روس، ايران، ميڪسيڪو، برازيل، ڏکڻ آفريڪا، فرانس ۽ گڏيل قومن جهڙن ادارن پاران مذمت، ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿي ته دنيا هن ڪارروائيءَ کي بين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي سمجهي ٿي، گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جو خدشو ته اهڙي ڪارروائي خطرناڪ مثال قائم ڪري سگهي ٿي، بلڪل درست آهي، جيڪڏهن هڪ سپر پاور کي اها آزادي ملي وڃي ته هو ڪنهن به ملڪ جي صدر کي گرفتار ڪري ته پوءِ عالمي نظام جو مستقبل انتهائي غير محفوظ ٿي ويندو، ٻئي پاسي آمريڪا جا ڪجهه اتحادي، جهڙوڪ اسرائيل ۽ اٽلي هن ڪارروائيءَ جي حمايت ڪري رهيا آهن، جيڪو عالمي اخلاقي معيارن ۾ ورهاست کي ظاهر ڪري ٿو. يورپي يونين جو محتاط رويو، برطانيا جو پاڻ کي ڌار رکڻ ۽ فرانس جي مذمت، اهو ثابت ڪري ٿي ته آمريڪا جا به سڀ اتحادي هن جارحيت سان مڪمل اتفاق نٿا رکن، هي واقعو لاطيني آمريڪا لاءِ به هڪ خبرداري آهي، ڪولمبيا ۽ ڪيوبا کي ڏنل ڌمڪيون، علائقي کي نئين ڇڪتاڻ ڏانهن ڌڪي سگهن ٿيون. جيڪڏهن طاقت جي زبان ڳالهائي ويندي رهي ته سياسي مسئلا ڪڏهن به حل نٿا ٿي سگهن.

آخر ۾ سوال اٿي ٿو ته ڇا دنيا واقعي اهڙي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي، جتي قانون جي جاءِ تي طاقت فيصلو ڪندي؟ وينزويلا جو بحران رڳو هڪ ملڪ جو مسئلو ناهي، پر اهو عالمي امن، خودمختياري ۽ انصاف لاءِ هڪ وڏو امتحان آهي، جيڪڏهن هن موقعي تي عالمي برادري گڏيل ۽ اصولي موقف اختيار نه ڪيو ته ايندڙ نشانو ڪو به ملڪ به ٿي سگهي ٿو ۽ طاقت جي هن خطرناڪ راند جو انجام هميشه تباهي ۽ عدم استحڪام ٿي رهيو آهي ۽ تاريخ شايد هڪ ڀيرو ٻيهر اهو سبق ورجائڻ وڃي ٿي.

بدامنيءَ جي زنجير ۾ جڪڙيل سنڌ ۽ نئون پوليس چيف..!


ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ

نئين سال جي شروعات تي پاڻ نين اميدن سان ڏٺيءَ آڏو دعاڳو آهيون ته شل هيءُ سال امن ۽ سلامتيءَ سان گذري، نئين سال جي شروعات تي هڪ خبر سامهون آئي آهي ته سنڌ جو 86هون آءِ جي پوليس نئون مقرر ٿيو آهي، وفاقي حڪومت نوٽيفڪيشن جاري ڪندي جاويد عالم اوڊو کي آءِ جي سنڌ مقرر ڪيو ۽ پاڻ چارج سنڀالي ورتي آهي، جڏهن ته اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي رٽائرمينٽ سبب ڪيس مقرر ڪيو ويو آهي، سوشل ميڊيا تي نئين مقرر ٿيل پوليس آفيسر مان نيڪ تمنائن جون خواهشون رکيون پيون وڃن، پاڻ به انهن نيڪ تمنائن ۽ خواهشن جا طلبگار آهيون جو اڄ سنڌ گهڻ رخين مشڪلاتي مرحلن مان گذرڻ ڪانهيءَ بدامنيءَ جي زنجير ۾ جڪڙيل آهي، يقيناً اسان جي سسٽم ۾ هر سهولت موجود آهي، صرف جنهن نالي پٺيان فقدان نظر اچي ٿو سو سچائي ۽ ايمانداريءَ جي فرض شناسي آهي، جنهن عمل جي فقدان سبب سنڌ جو ماڻهو امن لاءِ پياسو نظر اچي ٿو. آئون هميشه هڪڙي ڳالهه ڪندو آهيان ته ڪالهه جهڙو ڏينهن اڄ ناهي ٿيڻو، اهڙي طرح ايندڙ ڏينهن جي سچ بابت به ڪا خبر ناهي ته ڪهڙيون خوشيون ۽ غميون مقدر بڻجنديون؟ گذريل سال جا ڏک، تڪليفون ۽ اذيتون يقيناً ڪنهن کان به ڳجهيون نه آهن ۽ نه وري نئين مقرر ٿيل آءِ جي سنڌ کان به لڪل هونديون. پاڻ ماضيءَ تي ويهي ڪهڙو ماتم ڪريون؟ سڀ سمجهي سگهون ٿا ته هن تباهي، بربادي توڙي تڪليفن جي ذميواري جيتري اسان جي ان عوام کي تحفظ ڏيڻ واري اداري مٿان آهي سا شايد ڪنهن کي به نه ڏني ويندي آهي. پاڻ هميشه هاڪاري ڪردار کي وقتاً بوقتاً ضرور ساراهيو هوندو.

تازو ڪجهه ڏينهن کان راڄڌاني شهر ڪراچيءَ ۾ هڪ دفعو ٻيهر اسٽريٽ ڪرائيم جتي راهه ويندڙ عورتن کان ڦرلٽ، سونا زيور لاهڻ ۽ موبائيل فون وغيره ڦرڻ توڙي هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل کسڻ جي وارداتن ۾ اوچتو اضافو ٿيو آهي. ماضيءَ ۾ پاڻ اهو به ڏٺو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد اندر جڏهن شهرين پاران ڪنهن ڌوهاريءَ کي پڪڙيو ويو ته جاءِ واردات تي مٿن پيٽرول هاري ساڙيو پئي ويو، اهڙا منظر به پاڻ ڪوڙ سارا ڏٺاسون، ان کان پوءِ وقتي طور ٺاپر به اچي ويئي، هاڻ نئين سر راڄڌاني شهر جا رهواسي نه رڳو رات ۽ ڏينهن جي وقت ڪنهن بئنڪ مان ڳري رقم ڪيرائي ڪٿي سگهن ٿا پر گڏوگڏ ڦورن ۽ لٽيرن پاران سرعام رستي تي ويندڙ عورتن، پوڙهن ۽ معصوم ٻارڙن کان ڦر ڪرڻ ۾ رڌل آهن. ٽي ڏينهن اڳ هڪ اذيتناڪ واقعو ميڊيا تي سامهون آيو آهي، جنهن ۾ ڪراچي شهر ۾ جتي انساني جانين جا لاش هڪ گٽر مان ڪڍيا ويا، جنهن ۾ به عورتون ۽ هڪ ٻار به شامل آهي، ان سان گڏوگڏ حيدرآباد ۾ به بدستور ساڳي حالت آهي، جتي به اهڙا گروهه سرعام سرگرم ٿي چڪا آهن ٻه ڏينهن اڳ جي خبر آهي ته حيدرآباد شهر جي مکيه مارڪيٽ صدر مان تالا توڙي چورن پاران هڪ دڪان مان ڏيڍ ڪروڙ کان مٿي جي ماليت جو سامان چورائي ويا، جن جو ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو، ساڳئي وقت حيدرآباد جي مختلف علائقن قاسم آباد، لطيف آباد، ٽاور مارڪيٽ، شاهي بازار توڙي هيرآباد کان علاوه ڀهراڙيءَ جي علائقن مان به روزاني جي بنياد تي بدامني جوٽ چڙهندي پئي وڃي، موٽر سائيڪلون ۽ موبائيل ڦرڻ توڙي سرعام ڌاڙ جي زور تي عورتن کان ڦر جا واقعا معمول بڻجي ويا آهن، پاڻ هتي جيڪڏهن مجموعي بدامنيءَ جو ذڪر ڪريون ته يقيناً سنڌ اڄ ڌوهارين جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيل آهي.

تنهنڪري هن وقت نئين مقرر ٿيل آءِ جي سنڌ لاءِ سنڌ ۾ نه رڳو بدامني پر جنهن منشيات جي مصيبت مان اسان جو نوجوان وڪوڙجي هڪ اڻ کٽندڙ ۽ نه وسندڙ تباهيءَ طرف وڌي رهيو آهي، اُن منشيات جي خاتمي لاءِ جيتوڻيڪ سنڌ حڪومت طرفان نيون عدالتون ته قائم ڪيون ويون آهن ته گڏوگڏ گذريل آءِ جي سنڌ ۽ سنڌ حڪومت پاران سخت هدايتون ڏنل آهن. پر هتي جيڪڏهن حقيقي نظر سان ڏسجي ته منشيات جو ڪاروبار جيڪو ماضيءَ ۾ ڪنهن ڳجهه ڳوهه ۾ هلندو هو سو هاڻ ته سرعام شهرن ۾ عام جام وڪرو ٿئي ٿو، مٿان پڙيءَ جي وڪري بابت ذڪر ڪجي ته مين چوڪن ۽ مکيه روڊن مٿان پوليس جي سرپرستيءَ هيٺ وڪرو عام آهي، اهڙي ريت شراب تي جيڪڏهن نظر ڦيرائجي ته خريد ڪندڙ ڏينهن رات لائين لڳايو بيٺل آهن، ان شين جي وڪري ۾ ڪير ملوث آهي سا سڀني کي خبر آهي.

اتر سنڌ جي مختلف ضلعن اندر ته هر طرف کان حالتون ڳنڀير جوڳيون آهن، گذريل ڇهن سالن جي عرصي کان بدامني ختم ٿيڻ جو نالو به نٿي وٺي، روزانو ڪنهن نه ڪنهن شهر يا ڳوٺ مان ڪانه ڪا اڻ وڻندڙ واردات مقامي رهواسين جي قسمت ۾ لکجي چڪي آهي. گڏوگڏ جيڪڏهن هتي قبيلائي جهيڙن جو تذڪرو ڪجي ته مجموعي طور مختلف برادرين جا هڪٻئي سان خوني تڪرار هلندڙ آهن، جنهن سبب ڪيترين ئي انساني جانيون ضايع ٿيڻ ڪانهيءَ هن ضلعي ۾ هر وقت خوف وارو ماحول ڇانيل رهي ٿو، ماڻهو سج لهڻ ڪانهيءَ پنهنجن گهرن ۾ قيد ٿي ويندا آهن ته گڏوگڏ اهڙي صورتحال بعد جيڪو ڪاروبار کي ڌڪ رسڻ ڪانهيءَ هن ضلعي جي عوام کي گذريل ڇهن سالن جي عرصي دوران جيڪو معاشي رسيو آهي، ان جو مثال ملڻ به مشڪل آهي. هن سڄي مجموعي بدامني، منشيات توڙي قبيلائي تڪرارن ڪانهيءَ ٿيندڙ تباهيءَ جي ذميواري پاڻ رڳو وقت جي صوبائي حڪومت گڏوگڏ مقامي ضلعي انتظاميه يا برادرين جي چڱن مڙسن کان علاوه مقامي سطح جي پوليس کي به قرار ڏئي سگهون ٿا. اڄ جي حالتن کان پوءِ ڏسڻو اهو آهي ته نئون آءِ جي انهن سڀني چئلينجز کي ڪيئن ٿو منهن ڏئي؟ پر اميد اٿئون ته هُو انهن منشيات فروشن خلاف بنا ڪنهن رنڊڪ جي ڪارروايون ڪرڻ پنهنجو سڀ کان پهريون فرض سمجهندو ۽ پنهنجن جاري ڪيل حڪمن تي سئو سيڪڙو عمل به ڪرائيندو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو: جديد ۽ ايٽمي پاڪستان جو معمار

شرجيل انعام ميمڻ

پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪجهه اهڙيون شخصيتون آهن جن جي زندگي ۽ قيادت نه رڳو انهن جي دور کي شڪل ڏني پر ايندڙ نسلن لاءِ هدايت جو هڪ چراغ پڻ بڻجي ٿي. انهن مان سڀ کان نمايان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو آهي، جنهن کي جديد ۽ ايٽمي پاڪستان جو معمار سڏيو ويندو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي بصيرت، سماجي سڌارا ۽ قومي خودمختياري لاءِ غير متزلزل وابستگي پاڪستان کي هڪ نئين دور ۾ داخل ڪيو. سندس سوچ ۽ نظريو اڄ به ملڪ جي سياست ۽ عوامي شعور جي رهنمائي ڪري رهيو آهي. ذوالفقار علي ڀٽو 5 جنوري 1928 تي سنڌ جي سکر ضلعي ۾ جهونگڙه جي اڳوڻي ديوان سرشاهنواز ڀٽو جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو هڪ سياسي ۽ علمي خاندان سان تعلق رکي ٿو جنهن ڪيس پنهنجي ابتدائي تعليم ۽ سياسي شعور جي بنياد فراهم ڪئي. ڀٽو پنهنجي ابتدائي تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي ۽ بعد ۾ اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا ۽ برطانيه هليو ويو، آڪسفورڊ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ، هو نه رڳو هڪ تعليمي ۽ سياسي شخصيت طور اڀريو پر پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪرڻ جي عزم سان واپس آيو. ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستاني سياست ۾ هڪ اهڙي وقت ۾ داخل ٿيو جڏهن ملڪ هڪ سنگين بحران مان گذري رهيو هو. 1971 کان پوءِ، پاڪستان ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪو هو ۽ ملڪ ۾ سياسي ۽ سماجي انتشار هو عوام جو حڪومت تي اعتماد ختم ٿي چڪو هو، معيشت بحران ۾ هئي، ۽ قومي خودمختياري تي سوال اٿاري رهيا هئا. اهڙين نازڪ ۽ پيچيده حالتن ۾، ڀٽو پاڪستان جي قيادت سنڀالي ۽ پنهنجي جرئتمند قيادت ذريعي ملڪ کي هڪ نئين هدايت ڏني "طاقت جو سرچشمو عوام آهي" جي بنيادي جمهوري اصول تحت، شهيد ڀٽو پاڪستان جي سياست کي هر ڪنڊ تائين پهچايو شهيد ڀٽو ملڪ کي هڪ نئين هدايت ڏني ۽ هڪ متحد آئين ڏنو. پاڪستان جي هر ڪنڊ ۾ تعليمي ادارا قائم ڪيا.

سندس سياسي ويژن عوامي خدمت، خودمختياري ۽ انصاف تي ٻڌل هو. ڀٽو ملڪ جي معيشت، عدليه، تعليم ۽ صنعت ۾ سڌارا متعارف ڪرايا. هو سمجهندو هو ته هڪ مضبوط ۽ خودمختيار ملڪ لاءِ هر شهري جي زندگين کي بهتر بڻائڻ ضروري آهي. هن زميني سڌارن ذريعي هارين جي حقن کي محفوظ بڻايو، صنعتن جي ترقي لاءِ نوان قدم کنيا، ۽ تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ سڌارا متعارف ڪرايا. انهن قدمن پاڪستان کي هڪ مضبوط سماجي ۽ معاشي بنياد فراهم ڪيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سڀ کان اهم ڪاميابي پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکڻ هئي. سندس ويژن موجب، پاڪستان لاءِ عالمي سطح تي پنهنجي خودمختياري ۽ قومي وقار جي حفاظت لاءِ ايٽمي طاقت حاصل ڪرڻ ضروري هو. هن هر سياسي ۽ معاشي چئلينج جي باوجود هن منصوبي کي انجام ڏنو ۽ اڄ پاڪستان دنيا جي ايٽمي ملڪن ۾ شامل آهي. ڀٽو جو ويژن صرف قومي دفاع لاءِ نه پر عالمي سطح تي پاڪستان جي سڃاڻپ ۽ خودمختياري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پڻ هو. شهيد ڀٽو جي اڳواڻي ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي پڻ مضبوط ۽ آزاد رهي. هن ملڪ جي پرڏيهي پاليسي کي آمريڪا يا ڪنهن ٻئي عالمي طاقت جي تابع نه ٿيڻ ڏنو پر ايشيا، آفريڪا ۽ عرب دنيا سان دوستانه ۽ برابري وارا لاڳاپا قائم ڪيا. پنهنجي دور ۾، پاڪستان گڏيل قومن ۽ بين بين الاقوامي فورمن ۾ پنهنجي موقف کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل کان پوءِ، محترمه بينظير ڀٽو سندس ويژن کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي سياسي سفر ۾ پنهنجي پيءُ جي اصولن ۽ عوامي ويژن کي زنده رکيو. هن عوامي حقن، جمهوري قدرن ۽ عورتن جي سياسي شرڪت کي فروغ ڏنو ۽ شهيد ڀٽو جي خيالن کي پاڪستاني سياست ۾ عملي جامو پهرايو. سندس قيادت ۾، پاڪستان پيپلز پارٽي نه رڳو عوامي مسئلن تي ڌيان ڏنو پر ملڪ جي ملڪي ۽ پرڏيهي پاليسين ۾ ڀٽو جي ويژن کي به برقرار رکيو. شهيد ڀٽو جي شهادت کان پوءِ، صدر آصف علي زرداري شهيد ڀٽو ۽ شهيد بي بي جي اصولن کي به اڳتي وڌايو. هن ملڪ جي سياسي استحڪام، معاشي ترقي ۽ سماجي سڌارن لاءِ ڪوششون ڪيون. سندس دور ۾ سماجي پروگرامن، عورتن جي ترقي ۽ غربت جي خاتمي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا. صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ شهيد ڀٽو جي ويژن جي بنياد تي ملڪ ۾ جمهوريت ۽ عوامي حقن کي مضبوط ڪيو ويو. اڄ بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ڏاڏي جي خوابن ۽ اصولن کي اڳتي وڌائي رهيو آهي. هو پارٽي جي قيادت ۾ نه رڳو پنهنجي ماءُ ۽ ڏاڏي جي نظرين کي زنده رکي رهيو آهي، پر نوجوان نسل کي سياسي شعور، سماجي ذميواري ۽ ملڪ جي خدمت جي جذبي سان روشناس به ڪرائي رهيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾، پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي مسئلن تعليم، صحت ۽ نوجوانن جي ترقي کي مرڪزي حيثيت ڏني آهي، جيڪا شهيد ڀٽو جي نظريي جي مڪمل تصوير پيش ڪري ٿي. ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي حڪمت عملي ۽ خيال اڄ به ملڪ جي سياست جي رهنمائي ڪري رهيا آهن. سندس نظريو صرف ايٽمي طاقت يا معاشي سڌارن تائين محدود نه هو پر هن جمهوريت، انصاف ۽ عوامي خدمت کي به مرڪزي حيثيت ڏني. شهيد ڀٽو جا اصول ظاهر ڪن ٿا ته هڪ مضبوط پاڪستان لاءِ، نه رڳو سياسي قيادت پر عوامي شعور، قومي اتحاد ۽ سماجي انصاف پڻ ضروري آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جنم ڏينهن جي موقعي تي، اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته هڪ مضبوط، آزاد ۽ جمهوري پاڪستان جي تعمير جو خواب صرف هڪ شخص جي ڪري پورو نه ٿو ٿي سگهي، پر مسلسل قيادت، عوامي شعور ۽ قومي اتحاد سان اڄ به شهيد ڀٽو جا اصول ۽ ويژن پاڪستان جي سياست، سماج ۽ دفاع جي رهنمائي ڪري رهيا آهن. ۽ سندس خاندان جي قيادت ۾، هي ويژن نئين نسل لاءِ هڪ مشعل راهه بڻجي چڪو آهي. ڀٽو جي زندگي اسان کي سيکاري ٿي ته قيادت صرف عهدي يا طاقت جو نالو ناهي، پر عوام جي خدمت ڪرڻ، قومي وقار جي حفاظت ڪرڻ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ سوچڻ جو عمل آهي. هن اسان کي اهو به سيکاريو ته مشڪل حالتن ۾ به اصولن تي جرئت، همت ۽ ثابت قدمي سان ڪم ڪرڻ ممڪن آهي. پاڪستان جي ترقي، دفاع ۽ عوامي ڀلائي لاءِ ڀٽو جو ويژن اڄا تائين اسان جي سامهون هڪ چمڪندڙ مشعل وانگر بيٺو آهي، جنهن جي روشني ۾ نئين قيادت ۽ نئين نسل پنهنجا رستا ڳولي سگهن ٿا. جڏهن اسان چئون ٿا ته "ڀٽو زنده آهي"، ان جو مطلب صرف اهو ناهي ته اسان ڪيس ياد ڪريون يا سندس نالو ياد ڪريون. ڀٽو زنده آهي جو ته سندس اصول، سندس ويژن، ۽ عوام لاءِ سندس جذبو اڄ به پاڪستان جي هر ڪنڊ ۾ محسوس ڪيو ويندو آهي. سندس سوچ نه رڳو پاڪستان جي سياست کي تبديل ڪيو پر عوامي شعور، قومي خودمختياري ۽ سماجي انصاف لاءِ هڪ مستقل روشني پڻ قائم ڪئي. ڀٽو زنده آهي جو ته سندس جدوجهد اڄا تائين نئين نسل کي متاثر ڪري ٿي، ۽ سندس خوابن جو پاڪستان، سندس ويژن مطابق اڄ به تعمير ٿي رهيو آهي. جڏهن اسين اهو چئون ٿا، ته اسين اصل ۾ چئي رهيا آهيون ته شهيد ڀٽو جو هر اصول، هر ويژن ۽ هر قرباني اڄ به اسان جي زندگين ۾ ساهه کڻي رهي آهي، ۽ اهو واقعي ڀٽو جي زندگي جو دائمي ثبوت آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو: هڪ تاريخ ساز شخصيت!

قاضي اشهد عباسي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي انهن عظيم ۽ تاريخ ساز اڳواڻن مان هو، جن نه رڳو ملڪ جي سياست جو رُخ طئي ڪيو، پر عوام ۾ شعور، سڃاڻپ ۽ بنيادي حقن جو احساس به پيدا ڪيو. هو پاڪستان پيپلز پارٽي (PPP)جو باني هو ۽ سندس قيادت هيٺ پاڪستان سياسي، معاشي ۽ سماجي ميدانن ۾ اهڙا گهرا ۽ ڊگهي مدي وارا نشان ڇڏيا، جيڪي تاريخ ۾ هميشه ياد رکيا ويندا. سندس زندگي وطنِ عزيز لاءِ جدوجهد، قرباني ۽ مضبوط عوامي نظريي جي عملي تصوير هئي.

ذوالفقار علي ڀٽو 5 جنوري 1928ع تي سنڌ جي شهر لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن عملي سياست ۾ قدم رکيو ۽ 1950ع واري ڏهاڪي ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان جي ڪابينا ۾ اهم وزارتون سنڀاليون. پر جلد ئي هن آمريت سان اختلاف ڪندي عوامي سياست جو رستو اختيار ڪيو ۽ 1967ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو. پارٽيءَ جو نعرو "اٽو لٽو ۽ اجهو" عام ماڻهوءَ جي دل جي آواز بڻجي ويو، جنهن پٺتي پيل ۽ محروم طبقن کي سياسي طاقت عطا ڪئي. 1971ع جي قومي سانحي ۽ جنگ کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي هڪ شڪست کاڌل ۽ مايوس قوم جي قيادت سنڀالي. هو پهريان پاڪستان جو صدر ٿيو ۽ پوءِ 1973ع جي متفقه آئين تحت وزيراعظم چونڊيو ويو. اهو آئين ڀٽي صاحب جو سڀ کان وڏو تاريخي ڪارنامو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن پاڪستان کي پارلياماني، جمهوري ۽ وفاقي رياست جي مضبوط بنياد فراهم ڪئي.

اهم تاريخي قدم: 1973ع جو متفقه آئين: شهيد ڀٽو پاڪستان کي پهريون متفقه آئين ڏنو جنهن جمهوريت، وفاقيت، پارلياماني نظام ۽ بنيادي انساني حقن کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو.

ايٽمي پروگرام جي شروعات: ڀٽي صاحب کي پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو باني ۽ معمار چيو وڃي ٿو هن ملڪ جي دفاع ۽ اسٽريٽجڪ خودمختياريءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهو بهادرانو فيصلو ڪيو جنهن پاڪستان کي ناقابلِ تسخير بڻائي ڇڏيو.

معاشي ۽ فلاحي سڌارا: حڪومت صنعتي، تعليمي، زرعي، مزدور ۽ زميني سڌارا متعارف ڪرايا، جن جو مقصد دولت جي منصفاڻي ورڇ ۽ مزدور توڙي هاري طبقي کي حقن جو تحفظ جي فراهمي هو. پرڏيهي پاليسي ۽ عالمي ڪردار: ڀٽي صاحب پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي آزاد ۽ خودمختيار بنيادن تي تعمير ڪيو. هن چين سان هڪ پائيدار دوستيءَ کي فروغ ڏنو، مسلم دنيا کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ۽ 1974ع ۾ لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس جي ميزباني ڪري پاڪستان کي اسلامي دنيا ۾ هڪ اهم مقام ڏياريو.

چيلينجز جدوجهد ۽ شهادت:

جيئن ته شهيد ڀٽو عوامي ڀلائيءَ لاءِ انقلابي قدم کنيا، تيئن سندس دور ۾ سياسي مخالفت، سازشن ۽ ڇڪتاڻ ۾ به اضافو ٿيندو ويو. خاص طور تي 1977ع جي چونڊن کان پوءِ پيدا ٿيل سياسي بحران کي بهانو بڻائي جنرل ضياءُ الحق فوجي بغاوت ذريعي چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. ذوالفقار علي ڀٽي کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ هڪ تڪراري ڪيس وسيلي 4 اپريل 1979ع تي ڪيس ڦاهي ڏئي شهيد ڪيو ويو.

جيڪو هڪ عظيم عوامي اڳواڻ جو عدالتي قتل هو جنهن کي اڄ خود عدليه به تاريخ جي هڪ سنگين غلطي تسليم ڪري چڪي آهي. سندس شهادت پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ اهڙو گهرو زخم ڇڏي وئي، جيڪو اڄ تائين ڀرجي ناهي سگهيو. شهيد ڀٽو جمهوريت، عوامي حاڪميت ۽ حق توڙي سچ جي علامت بڻجي هميشه لاءِ امر ٿي ويو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي خدمتن سبب ئي قاديانين کي آئيني طور اقليت قرار ڏنو ويو، جيڪو سندس ديني ۽ قومي بصيرت جو چٽو ثبوت آهي. سندس بهادر خاندان به ساڳئي خدمت واري فلسفي تي هلندو رهيو. جنهن جي نتيجي ۾ سندس نياڻي شهيد محترمه بينظير ڀٽو سميت ڪيترن ئي جانثارن ملڪ ۽ قوم لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪيون ۽ شهادت جي اعليٰ مرتبي تي فائز ٿيا.

اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سالگرهه جي موقعي تي قوم سندس جدوجهد، قرباني ۽ عوامي خدمتن کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪري ٿي. سندس فلسفو اڄ به جمهوريت، برابري، خودمختياري ۽ سماجي انصاف لاءِ جدوجهد ڪندڙن لاءِ مشعلِ راهه بڻيل آهي.

الله تعاليٰ اسان جي عظيم قائد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، سندس فرزندن ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مڪمل مغفرت فرمائي ۽ اسان کي سندن خلق جي خدمت ڪرڻ واري فلسفي تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.آمين!

ٽرمپ جي نيو ايئر پارٽي ۽ مهاجرن جي دلين ۾ 2026ع جي دستڪ!

راجا زاهد اختر خانزاده

(حصو پيو ۽ آخري)

آڪٽوبر 2025 جي صرف هڪ مهيني ۾ 41 هزار 624 ماڻهن کي آئس حراست ۾ ورتو، جن مان 36 هزار کان وڌيڪ کي پاڻ آئس گرفتار ڪيو، جڏهن ته باقي ماڻهن کي سي بي پي حراست ۾ وٺي آئس حوالي ڪيو. هي اهو انگ آهي، جيڪو مهاجر برادرين جي گهرن ۾ مهينن تائين سناٽو ڇانئجي وڃڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ ٻارن جي اسڪول بيگز ۾ هڪ خاموش سوال ڇڏي وڃي ٿو ته ڇا اڄ ماءُ يا پيءُ واپس ايندا؟

ڊسمبر 2025 جي تجزيي مطابق، آئس جون روزاني گرفتاريون هڪ هزار کان مٿي پهچي ويون ۽ انهن گرفتارين جو وڏو حصو انهن رياستن ۾ ٿيو، جتي مقامي ادارا وفاقي ايجنسين سان مڪمل تعاون ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح خوف رڳو هڪ اداري جو نالو نه رهندو آهي، پر هڪ مڪمل نظام جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي.

ان سان گڏ پاليسي سطح تي به ٿڌ وڌي. جنوري 2025 ۾ ڊي ايڇ ايس طرفان تيز رفتار ملڪ بدريءَ جي دائري کي وسيع ڪرڻ جا اشارا مليا. يعني اهي ماڻهو به آسانيءَ سان ان عمل ۾ اچي سگهن ٿا، جيڪي پنهنجي مسلسل موجودگي ثابت نه ڪري سگهن. هي اهو مقام آهي، جتي هڪ عام مزدور وٽ وڪيل جي فيس نه هوندي آهي، پر وٽس ڀ رسيدون، ٻارن جون اسڪول سلپس ۽ هڪ اميد هوندي آهي ته شايد اهي ڪاغذ ئي هن کي آمريڪا جو ثابت ڪري ڇڏين. اهو ئي پس منظر آهي، جنهن ۾ مارا لاگو جي رات جو اهو گيت دلين ۾ چڀي ٿو، آمريڪا هڪ مهاجر ملڪ آهي. ان جي زمين تي ريل جون پٽڙيون مهاجر هٿن وڇايون. ان جي ڪارخانن ۾ مهاجرن جو پسينو وهيو. ان جي اسپتالن ۾ مهاجر نرسون جاڳنديون رهيون ۽ ان جي هوٽلن ۾ مهاجر هٿن ماني پچائي، پر جڏهن اقتدار جي هالن ۾ "آئس" گونجندو آهي ته ڪيترن ماڻهن کي اها گونج پنهنجن دروازن تي ٺڪ ۾ اچي ٿي.

انهيءَ ڪري 2026 جي شروعات ۾ اها وڊيو هڪ سوال بڻجي چڪي آهي، جيڪڏهن سال جي پهرين جشن ۾ "آئس" نعري طور گونجي رهيو آهي، جيڪڏهن سوشل ميڊيا تي فخر سان چيو پيو وڃي ته 2026 ملڪ بدريءَ جو سال هوندو ۽ جيڪڏهن اهي ئي ماڻهو پاليسيءَ جا چهرا به آهن ته پوءِ 2026 مهاجرن لاءِ ڪهڙو سال هوندو؟

ڪجهه ماڻهو چوندا ته اهو رڳو اتفاق آهي، رڳو هڪ گانو، پر مهاجر ڄاڻن ٿا ته رياست جي ٻولي هميشه سرڪاري نوٽيسن ۾ ناهي ڳالهائيندي. ڪڏهن ڪڏهن اها جشن جي گيتن ۾ به ڳالهائيندي آهي. انهيءَ ڪري هي واقعو رڳو طنز يا مذاق نه آهي، پر هڪ آئينو آهي، هڪ آئينو، جنهن ۾ طاقت پنهنجي لاءِ ڪل ڏسي ٿي ۽ مهاجر پنهنجي لاءِ دستڪ.

۽ ان جي باوجود، آمريڪا جي سڀ کان وڏي سچائي اها آهي ته ان جو ضمير مڪمل طور تي مئو ناهي. اهي ئي انگ اکر، جيڪي خوف وڌائن ٿا، اهي ئي سوال به اٿارين ٿا. اهو ئي سماج، جتي سخت پاليسيون ٺهن ٿيون، اتي ئي عدالتن ۾ اپيلون به ٿين ٿيون، وڪيلن جون جدوجهدون به ۽ گهٽين ۾ احتجاج جون صدائون به گونجن ٿيون. مارا لاگو جي بال روم جي اها وڊيو هاڻي رڳو هڪ ڪلپ نه رهي آهي. اها 2026 جي هڪ تمهيد بڻجي چڪي آهي. هڪ ٿڌو پيغام انهن لکين مهاجرن لاءِ، جيڪي هر نئين سال جي رات دعا ڪن ٿا ته هي سال ٻارن لاءِ اسڪول جو هجي، گهر لاءِ ڪرايو پورو ڪرڻ جو هجي ۽ دل لاءِ سڪون جو هجي، پر جڏهن طاقت "آئس آئس بيبي" تي جهومي ٿي ته سندن دل ۾ هڪ ئي سوال جاڳي ٿو: "ڇا هي سال اسان لاءِ به نئون سال آهي يا اهو ئي پراڻو خوف آهي، جيڪو رڳو نئين ڪيلنڊر ۾ منتقل ٿي ويو آهي؟"

5 جنوري هڪ سڀاڳو ڏينهن!

ڊاڪٽر پرهه سڪينا گاد

5 جنوري 1928 تي لاڙڪاڻي ۾ مسٽر شاهنواز خان ڀٽو جي گهر هڪ فرزند پيدا ٿيو، سندس نالو ڏاڏي جي پياري دوست نواب امير علي لاهوري ذوالفقار علي خان ڀٽو رکيو، جيڪو اڳتي هلي قائدِ عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان ڪروڙين دلين تي راڄ ڪرڻ لڳو. تاريخ جي ورقن ۾ هميشه اهي ماڻهو زنده رهندا آهن، جيڪي پنهنجي ديس ۽ ديس جي ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪري ويندا آهن. اهي هميشه سونهري اکر ۾ لکيا ۽ پڙهيا ويندا آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ تاريخ ساز شخصيت جو مالڪ هو، جنهن پنهنجي مدبرانه سوچ سلوڪ ۽ سمجهه سان ڪي ئي تاريخ ساز ڪم ڪيا، جنهن تي اسان جيترو فخر ڪيون اوترو گهٽ آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اهڙو ليڊر هو، جنهن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي سان تاريخي ڪم ڪيا، جنهن ۾ شملا معاهدو، 90 هزار جنگي قيدين جي آزادي، هزارين ايڪڙ زمين جي واپسي، پهرين اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۽ مسلم ملڪن سان سٺا پائيپءَ وارا رشتا قائم ڪري سچ پچ ته ماڻهن جون دليون کٽي ورتيون. 1970ع ڌاري پاڪستان ۾ آيل وڏي ٻوڏ دوران پيرين پنڌ نڪري پوڻ عام ماڻهوءَ سان ميل جول وڌائڻ ۽ انهن جا مسئلا ڪن ڏيئي ٻڌڻ ۽ موقعي تي حل ڪرڻ ڪنهن تاريخي دستاويز کان گهٽ نه آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چاهيندو هو ته سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن مان احساسِ ڪمتري ختم ڪجي، ان سلسلي ۾ هن تعليم تي وڌ ۾ وڌ توجهه ڏني ۽ هو چاهيندو ته سنڌ جو ماڻهو تعليم يا نوڪريءَ لاءِ پلي ٻاهرين دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دورِ حڪومت ۾ بنا ڪنهن فرق جي هزارين تعداد ۾ روزگار جي سلسلي ۾ ماڻهو ٻاهر پرتي ٿيا. جيڪي اڄ تائين ٻاهرين ملڪن ۾ آهن ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو گذر سفر شاندار نموني ڪري رهيا آهن.

قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي پنهنجي پيرن تي بيٺل ڏسڻ پئي چاهيو، اُن لاءِ واڳون سنڀالڻ جي ڪجهه مهينن جي اندر ڀٽي صاحب ملڪ ۾ ڪئين سڌارا آندا. انهن ۾ تعليم ۽ پوليس کاتي ۾ سڌارا، مزدورن لاءِ زرعي سڌارا آندا، صنعتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ بي زمين هارين کي زمين ڏيڻ سڀ کان اهم سماجي انصاف جو واعدو پورو ٿي رهيو هو.

نه صرف ايترو پر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع واري آئين جو ڪم به پنهنجي هٿ ۾ کنيو جيڪو سڀ کان مٿاهون هو. چاڪاڻ ته ان ذريعي قائدِ عوام صرف هڪ دستاويز تيار ڪرڻ نه ٿي چاهيو پر ان جو مقصد عوام جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ بنيادي قانون مهيا ڪرڻ هيو. هن عوام کي جاگيرداڻي سياست جي چنبي مان آزاد ڪيو. هن سياست کي عام ماڻهوءَ تائين منتقل ڪيو ۽ اهو ڪڙمي، ڪاسبي، هاري، مزدور، خان، سردار، جاگيردار ۽ وڏيري جي باهمي دوستيءَ ۾ منسلڪ ٿي ويو هو. صديون پراڻو اهو ناتو ٽٽي چڪو هو ۽ پيپلز پارٽي ۽ ڀٽي صاحب انهيءَ آزاديءَ جي مثال بڻجي چڪو آهي.

جيڪڏهن اڄ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو زنده هجي ها ته پاڪستان دنيا اندر هڪ الڳ مقام تي ڪر کنيو بيٺل نظر اچي ها پر پوءِ به شهيد قائد عوام جو ڇڏيل ائٽمي پروگرام اسلامي ملڪن ۾ اڄ به ڳاٽ اونچو ڪري بيٺل آهي ۽ ڪنهن به دشمن ملڪ پاران پاڪستان خلاف ڪنهن قسم جي جارحيت جا باري ۾ سوچڻ تي مجبور ضرور ڪري ٿو اڄ قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي 92هين سالگرهه تي اسين ڪيس سلام ۽ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. بقول شاهه لطيف رح جي ته:

پلي جاڙهون ماڻو سنڌيون صالحن،
محشر جي ميدان ۾ مرسي مرڪن،
ٻين ويچارين اوجاڳائي اجايان ڪيا (شاهه لطيف)

اجوڪو ڏينهن 05 جنوري

زوار مولي بخش

زوار مولي بخش هالا جو مرثيه گو شاعر هو. هنجو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1887ع ۾ محمد اسماعيل ميمڻ جي گهر هالا ۾ ٿيو 1908ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. سندس شاعريءَ ۾ مرثيه، غزل ۽ قصيدا وغيره شامل هئا. هن لڳ ڀڳ 80 مرثيه لکيا، جيڪي هالا جي ثر ۾ گهڻو مشهور ٿيا. هن 27 جولاءِ 1977ع تي رحلت ڪئي. هن جي مرثيي جو هڪ نمونو محمد حبيب سنائيءَ جي ڪتاب "هالا جا رنگ هزار" ۾ شامل آهن.

محمد خان مجيدي

اجوڪو ڏينهن سنڌ جي عظيم قومي شاعر محمد خان مجيديءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. سنڌ جي هن انمول شاعر 5 جنوري 1918ع تي جهوڪ شريف تعلقي ميرپور بٺوري جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ شادمان جتوئيءَ ۾ اکيون کوليون. سندس والد قيصر جتوئي جهوڪ شريف جي درگاهه جو هڪ هاري هو. ننڍڙي محمد خان ڳوٺ جي ٻنين ۾ ٻڪريون چاريندي 1932ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پهرئين نمبر ۾ پاس ڪيو ۽ 1934ع ۾ پرائمري استاد بڻجي قوم جي ننهالن جي علم جي اُڃ اجهائڻ شروع ڪئي. پاڻ هڪ ساک وارو محنتي استاد هو ۽ سڄي عمر ٻارڙن کي سلجهاءُ ۽ سجاڳيءَ جا سبق ڏيندي 1976ع ۾ سجاول مان رٽائر ٿيو. محمد خان مجيديءَ شاعريءَ جي شروعات ننڍڻ کان ڪئي، جڏهن هو اڃا اسڪول ۾ پڙهندو هو پهريون شعر 1937ع ۾ لکيائين. جيڪو 1938ع ۾ الوحيد اخبار ۾ ڇپيو. شروع ۾ ايم جتوئيءَ جي تخلص سان شاعري ڪندو هو پر 1950ع کان مجيدي تخلص اختيار ڪيائين. سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب "سنڌڙي ۽ ان جون قومون" 1962ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو انهيءَ ڪتاب ۾ سنڌ جي ذاتين جي نالي سان 96 بندن تي مشتمل سندس هڪ ڊگهو نظم شامل آهي، جنهن جي هر بند ۾ اٺ اٺ سٽون آهن. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هُن سنڌ لاءِ ڪئين شاهڪار قومي گيت لکيا. ڪيس سنڌ جي قوم پرست شاعريءَ جو ابو چئجي ته غلط نه ٿيندو 1980ع واري ڏهاڪي ۾ سندس شعر يونيورسٽين ۾ شاگردن تنظيمن جي هر فنڪشن جو سينگار هوندا هئا. 2000ع ۾ سندس شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب "متي منهنجي متي" شايع ٿيو. لفظن جو جڙاءُ، ٻوليءَ جو ميناج ۽ قومي جذبو سندس شاعريءَ کي هر دل جو آواز بڻائي ڇڏي ٿو. سنڌ جو هي قومي شاعر 7 اپريل 2003ع تي اسان کان وڇڙي ويو. سندس هڪ غزل آهي ته: متي منهنجي متي آهي، جنهن ۾ سِنڌو ڇتي آهي، متيءَ تان جي مرڻا آهن، مرڻا واپس ورڻا آهن.



سندر مجرم

هندستان جي هن ناميارو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ صحافيءَ جو پورو نالو سندر مينگهراج جڳواڻي ۽ تخلص مجرم آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپيل انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ هن جي جنم جي تاريخ 5 جنوري 1925ع لکيل آهي، جڏهن ته ايس بلو رائو جي 1983ع ۾ ڇپيل ڪتاب Who's who of Indian Writers ۾ هن جي جنم جي تاريخ 5 جنوري 1945ع ڄاڻايل آهي. هو سنڌ جي مشهور شهر ڀريا ۾ پيدا ٿيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر احمدآباد جا وڃي وسايائين. هو ٽن رسالن سيجي، ڦلواڙي ۽ گلشن جو اسسٽنٽ ايڊيٽر رهيو. سندس شاعريءَ جا به مجموعا اکڙين وهايا اشڪ (1974ع)، نيڻن وهايو نير (1976ع) ۽ ڪليون ۽ گل (1978ع) ڇپجي چڪا آهن. جڏهن ته سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "اڌوري زندگي اڌورا آرام" (1976ع) پڻ شايع ٿي چڪو آهي.

عبدالڪريم بلوچ



عبدالڪريم بلوچ پاڪستان ٽيليويزن جو مشهور سنڌي ڳالهائيندڙ پروڊيوسر هو. سندس جنم 5 جنوري 1938ع تي ڪراچيءَ جي بغدادي واري علائقي ۾ ٿيو پر سندس مائٽ لڏي وڃي ڪوٽڙيءَ جي ڳوٺ يوسف بلوچ ۾ آباد ٿيا. عبدالڪريم بلوچ جو ننڍپڻ ڪوٽڙيءَ ۾ ئي گذريو. مشهور اداڪار ساقي سندس پاڙي هو. هن ڪوٽڙيءَ جي شيردل هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽري ڊگري حاصل ڪئي. هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪئي. 1966ع ۾ پروڊيوسر طور پاڪستان ٽيليويزن تي ڪم شروع ڪيائين. 1999ع ۾ جنرل مئنيجر طور رٽائر ٿيو. 2007ع ۾ سندس خدمتن جي اعتراف طور ڪيس پاڪستان جي صدر پاران حسن ڪارڪردگيءَ جو تمغو ڏنو ويو. عبدالڪريم بلوچ ٽيليويزن تان اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي يادگار پروگرام ٽيليڪاسٽ ڪيا. هن ڪيترن ئي هونهار اداڪارن کي ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو جن ۾ نور محمد لاشاري، شفيع محمد شاهه، انور سولنگي ۽ گلاب چانديو شامل آهن. هن ناميارو انسان 6 آگسٽ 2008ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو. ڪيس ڪوٽڙيءَ ۾ دفنايو ويو.


مختيار انڙ

دين محمد شيخ

هن مشهور سنگيتڪار جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1941ع ۾ تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ جادم جوڻيجي ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم ٽنڊي آدم مان حاصل ڪئي. ان بعد سچل سرمست آرٽس ڪاليج مان بي اي تائين تعليم حاصل ڪري ليبر کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هن شاگرديءَ واري زماني کان ئي ڳائڻ شروع ڪيو. 1959ع کان ريڊيو تي ڳائڻ شروع ڪيائين. ڪجهه سنڌي ۽ اردو فلمن ۾ به پس پرده ڳائڻي طور پنهنجي آواز جو جادو جاڳايائين. انهن فلمن ۾ رنگ محل، مٺڙا شال ملن، نئي انداز (اردو) ۽ وفا ياران دي (پنجابي) شامل آهن.

ڊاڪٽر غوث بخش خاصخيلي

ڊاڪٽر غوث بخش خاصخيلي چوٽيءَ جو تعليمدان ۽ اڏاوتي انجنيئرنگ جو هڪ ساک وارو ماهر آهي. سندس جنم 5 جنوري 1957ع تي محراب پور تعلقي جي ڳوٺ سومر خان خاصخيليءَ ۾ ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ محراب پور مان پاس ڪيائين. بئچلر آف انجنيئرنگ جي سند مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري مان حاصل ڪري انهيءَ ئي يونيورسٽيءَ جي سول انجنيئرنگ واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. نوڪريءَ دوران ڪيس اسڪالرشپ ڏئي برطانيه موڪليو ويو، جتان هن ماسٽر آف انجنيئرنگ جي سند شيفيلڊ يونيورسٽيءَ مان ۽ ڊاڪٽريٽ جي سند اسڪاٽلينڊ جي گلاسگو يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. وطن ورڻ کان پوءِ هن مهراڻ يونيورسٽيءَ جي سول انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنيون. اڳتي هلي آرڪيٽيڪچر ۽ سول انجنيئرنگ جو ڊين مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ئي عهدي تي رهندي 2017ع ۾ رٽائر ٿيو. سندس شمار مهراڻ يونيورسٽيءَ جي انتهائي محنتي، ايماندار ۽ ماهر استادن ۾ ٿيندو هو. اڄڪلهه اسريڪا يونيورسٽي حيدرآباد ۾ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

مرزا غلام حيدر بيگ قنبر

مرزا غلام حيدر پنهنجي دور جو مشهور مرثيه گو شاعر هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي. مرزا غلام حيدر 1834ع ڌاري مرزا فتح علي بيگ جي گهر ۾ خيرپور ميرس ۾ ڄائو. ان وقت جي دستور مطابق ديني ۽ درسي تعليم حاصل ڪيائين ۽ تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ خيرپور جي ميرن وٽ ملازمت اختيار ڪيائين. اڳتي هلي خيرپور ڇڏي حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪيائين. حيدرآباد ۾ پهريائين مير حسن علي خان ۽ بعد ۾ مير نور محمد خان ٽالپر وٽ مصاحب طور ڪم ڪيائين. هو هڪ عمدو مرثيه گو شاعر هو. پنهنجي والد کان شاعريءَ ۾ اصلاح وٺندو هو ۽ پنهنجي والد ۽ پاڻ سان گڏ مرثيه خوانيءَ ۽ نعت خوانيءَ ڪندو هو. هن ڪربلاءِ معليٰ جي زيارت جو به شرف حاصل ڪيو. هن 5 جنوري 1921ع تي وفات ڪئي.

سيف ٻنوي



اجوڪو ڏينهن سنڌ جي نالي واري ليکڪ، سياسي ڪارڪن ۽ صحافي سيف ٻنويءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سيف جو جنم 21 جون 1944ع تي سجاول ضلعي جي شهر ٻنون ۾ ٿيو. انڪري پاڻ کي ٻنوي سڏايائين. سندس اصل نالو محمد رحيم ولد محمد خان ڪڇي سومرو هو. سيف سندس قلمي نالو هو. 1962ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو پر 1972ع ۾ انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڇڏيائين. 1972ع کان 1974ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ پڙهيو پر پوءِ پڙهائي ڇڏي ڏنائين. 1974ع کان 1976ع تائين وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ ۾ مينيجر ٿي ڪم ڪيائين. 1976ع ۾ سنڌ نيوز حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. ان بعد مختلف اخبارن سان سلهاڙيل رهيو. شاعريءَ سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ رهيس ۽ شاعريءَ ۾ نالي واري شاعر ساقي سجاوليءَ کان رهنمائي وٺندو هو. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان عشق هئس. 1996ع ۾ هن "لطيف خواني" نالي هڪ تنظيم جوڙي، جنهن ۾ هو ڀٽائيءَ جي بيتن کي سمجهڻ ۽ صحيح اچارن جي ادائيگيءَ لاءِ گڏجاڻيون ڪوٺائيندو هو. هو سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر پڻ رهيو سياسي طور تي هو سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپيل رهيو. 5 جنوري 2010ع تي لاڏاڻو ڪيائين.

بقايا | 1 | 2 ڄڻا فوت

ٽرالر مسافر وين سان ٽڪرائجي ان جي مٿان ڪلٽي ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ 13 ورهين جي ٽينگري مرڪ خاصخيلي ۽ 50 ورهين جو هڪ شخص فوت ٿي ويا، جڏهن ته عورت سميت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا.حادثي بعد وين ۾ ڦاٿل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ ڪرين گهرائي وئي. زخمين کي وڏي مشڪل سان ڪڍي هالا اسپتال منتقل ڪيو ويو. فوتي ۽ زخمي هڪ ئي خاندان سان تعلق رکن ٿا، جيڪي ٽري ميرواهه کان ڪراچي شادي ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيا هئا.عين موقعي تي وين ۾ سوار ٿي ڄڻا ٽرالر کي ڪري پوندي ڏسي گاڏي مان ٽپو ڏئي جان بچائي ويا. زخمين الزام هنيو آهي ته موٽروي پوليس جي غيرفعال هجڻ سبب حادثو پيش آيو.واقعي بعد علائقي ۾ ڏک ۽ ڏمر جي لهر پکڙجي وئي آهي. جڏهن ته انتظاميه طرفان جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا | 2 | ٿڌي تي فوت

سبب ٿڌي تي ئي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي ايڌهي رضاڪار ۽ پوليس پهتي فوتي جو لاش ضروري ڪاروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوتي جي سڃاڻپ قادر بخش گهاٽڪهرو طور ٿي فوتي ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺ شريف گهاٽڪهرو جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي . فوتي جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارث کڻائي ويا ياد رهي ته قومي شاهراهه جي تعميراتي ڪم سبب انساني جانين جو نقصان معمول ٿي ويو آهي

بقايا | 3 | شادي تقريب

کي سنڌن مذهبي رسمن موجب شادي جي بنڌڻ ۾ ٻڌو ويو. ٽنڊو آدم، شهدادپور، جهول، سنجهورو، سانگهڙ مٽياري، هالا، ٽنڊوالهيار، شهيد بينظير آباد، مورو، سڪرنڊ، کپرو، ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ سميت مختلف علائقن مان گهوٽ ۽ ڪنوارون چاچين سميت تقريب ۾ پهتيون، جتي دهلن ۽ شرنائن جي سُرن سان سنڌن شاندار استقبال ڪيو ويو. مسلمان جوڙن جا نڪاح اسلامي طريقي سان پڙهايا ويا، جڏهن ته هندو ۽ عيسائي جوڙن جون شاديون سنڌن مذهبي رسمن ۽ رواجن تحت ڪرايون ويون. تقريب دوران گهوٽن ۽ ڪنوارن کي ڪپڙا، سون جو ڪوڪو روڪ رقم، هنڌ، ڪمبل ۽ گهر جي استعمال جون شيون ڏنيون ويون، جن جي مجموعي ماليت هڪ لک رپين کان وڌيڪ هئي. ان سان گڏ چاچين ۽ مهمانن لاءِ ماني جو به ڀرپور بندوبست ڪيو ويو. تقريب ۾ وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون شام سندر آڏواڻي، وفاقي مذهبي هم آهنگي واري وزارت جو ميمبر راجيش ڪمار هرداساڻي، تعلقہ ناظم غلام مرتضيٰ جوڻيجو، عاشق حسين سائد سميت سياسي، سماجي ۽ معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون شام سندر آڏواڻي چيو ته ٽنڊو آدم جي ڌرتي هميشه کان امن، ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جي علامت رهي آهي، جتي اڄ به مختلف مذهبن سان واسطو رکندڙ ماڻهو گڏجي خوشين جا لمحات ملهائي رهيا آهن. هن چيو ته هڪ ئي اسٽيج تي مسلمان، هندو ۽ عيسائي جوڙن جون شاديون سنڌ جي صوفي روايتن، برداشت ۽ انساني همدردي جي اعليٰ مثال آهي. شام سندر آڏواڻي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت غريب، مستحق ۽ لاچار ماڻهن جي ڀلائي کي پنهنجي اولين ترجيح بڻايو آهي ۽ سماجي ڀلائي جا اهڙا پروگرام حڪومت ۽ سماج جي گڏيل ذميواري آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران اجتماعي شادين لاءِ هر جوڙي کي 10،10 هزار رپيا روڪ امداد فراهم ڪئي وئي آهي ته جيئن نون شادي شده جوڙن کي زندگي جي شروعات ۾ سهارو ملي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت اقليتن سميت سڀني شهرين کي برابر حق ڏيڻ ۽ کين معاشي ۽ سماجي طور مضبوط ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. اهڙيون تقريبون نه صرف غريب خاندانن جو بار هلڪو ڪن ٿيون، پر سماج ۾ محبت، ڀائيچاري ۽ هڪجهڙائي جو پيغام به ڏين ٿيون. شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ حڪومت مستقبل ۾ به اهڙن نيڪ ڪمن جي هر ممڪن سرپرستي ڪندي ۽ سماجي تنظيمن سان گڏجي وڌيڪ فلاحي منصوبن تي ڪم ڪيو ويندو. اڊيرو لال ويلفيئر جي چيئرمين بابا راجڪمار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وڌندڙ غربت سبب غريب طبقو پنهنجن ٻارن جون شاديون ڪرائڻ کان لاچار آهي، جنهن ڪري ڪيترين ڌيئرن جي عمر وڏي وڃي ٿي. هن چيو ته سنڌن تنظيم بنا ڪنهن مذهبي فرق جي گذريل ڪيترن سالن کان مسڪين ۽ مستحق جوڙن جون اجتماعي شاديون ڪرائي رهي آهي. هن حڪومت ۽ صاحب حيثيت ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو اڳتي اچي وڌيڪ غريب خاندانن جي مدد ڪن. راجيش ڪمار هرداساڻي چيو ته هڪ ئي اسٽيج تي هندو، مسلمان ۽ عيسائي جوڙن جي گڏيل شادي مذهبي هم آهنگي ۽ رواداري جو شاندار مثال آهي، جيڪو سنڌ جي امن ۽ ڀائيچاري واري سڃاڻپ کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو.

بقايا | 4 | ٻه فوت

ناريجو زخمن جا سوي نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس موجب فوتي نوجوان جو لاش ضروري ڪاروائي بعد اباڻي ڳوٺ منتقل ڪيو ويو آهي لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. جڏهن ته مرحوم جي نماز جنازا ۾ مٽن مائٽن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | 5 | هڪ زخمي گرفتار

ڌاڙيل گهر ۾ گهڙي اهل خانه کي يرغمال بڻائي ڌاڙ جي واردات بعد فرار ٿي رهيا هئا، ته علائقي جي پوليس کي بروقت اطلاع ملي. پوليس پارٽي موقعي تي پهتي ته ڌاڙيلن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني، پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٽي (03) ڌاڙيل موقعي تي مارجي ويا، جڏهن ته هڪ ڌاڙيل قيوم ولد محبوب زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. زخمي ڌاڙيل کي فوري طور ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ايس ايس پي سينٽرل ٻڌايو. واقعي واري هنڌ تان هٿيار ۽ ٻيا شواهد تحويل ۾ ورتا ويا آهن. واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته وڌيڪ تفصيل بعد ۾ جاري ڪيا ويندا. ٻئي طرف ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي پوليس مقابلي دوران ڏوهاري عنصرن خلاف بهادرانه ۽ ڪامياب ڪاروائي تي پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي کين شاباش ڏني آهي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي وڌيڪ چيو ته ڪراچي پوليس شهرين جي تحفظ ۽ ڏوهن جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا | 6 | 15 ڄڻا زخمي

سجاول منتقل ڪيو ويو. زخمين مان چار عورتن جي حالت نازڪ هجڻ سبب کين فوري طور ڪراچي ريفر ڪيو ويو آهي. نازڪ حالت ۾ مريم، جولي، سويرا ۽ خطو شامل آهن. ٻين زخمين ۾ روزينا، ڪتو، نسيمان، نڏين اسلم، خاتو سميت مجموعي طور 15 ڄڻا شامل آهن. ريسڪيو ذريعن موجب زخمين ۾ عورتون ۽ ٻار پڻ شامل آهن، جن کي اسپتال ۾ طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا | 7 | اسپتال داخل

چوهاڻ ۽ بليدي برادري جي ٻن ڌرين ۾ خونريز جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين سروڻن جو آزادانہ استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 4 ڄڻا جاويد چوهاڻ . عمران چوهاڻ . لياقت بليدي ۽ مصري بليدي سخت زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو بي سيڪشن پوليس ٻنهي ڌرين جون اين سيون داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا | 8 | عهديدار چونڊيا ويا

سيڪريٽري خادم حسين سومرو آفيس سيڪريٽري رحمت الله سومرو جڏهن ته شهر جي معزز سياسي، سماجي، مذهبي شخصيتن تي مشتمل 10 رڪني ڪاميٽي جنهن ۾ آغا شفيق خان دراني، سيد عبدالقادر شاهه امروٽي، سائين نظام الدين پٽي، ايڊووڪيٽ سيد محمد علي شاهه مولوي شفيق الرحمان پٺاڻ، آغا عبدالرحمن خان عرف ڏاڏو خان، حافظ مشتاق احمد سومرو شفيق احمد مهر زوار غوث بخش شيخ، علي حيدر شاهه ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميمبر منتخب ڪيا ويا، شهر جي چونڊيل عهديدارن ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته شهر جي عوامي مسئلن ۽ فلاحي ڪمن لاءِ شهري اتحاد خالص غير سياسي بنيادن تي بغير ڪنهن مذهبي ۽نسلي امتياز جي انساني همدردي جي حوالي سان شهرين جي خدمت ڪندو رهندو

بقايا | 9 | لاڏاڻو ڪري ويو

ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن سنڌس پوئٽيرن نعيم پهوڙ،اعظيم پهوڙ ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا | 10 | جهيڙو، احتجاج

جا ڪجهه ماڻهو اسان جي درزي جي دڪان تي آيا ۽ کين اڳوات اطلاع ڏيڻ ڪانسواءِ ئي ڪپڙا فوري طور تي تيار ڪري ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وڌو اسان کين چيو ته ڪپڙا سڀاڻي ملندا، جنهن تي هو ڪاوڙجي پيا ۽ اسان مٿان تشدد ڪيو. هنن وڌيڪ الزام هنيو ته مخالفن ٿاڻي اندر پوليس جي موجودگي ۾ به مٿن حملو ڪيو پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل رهي. مظاهرين انتظاميا تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته نصيرآباد پوليس بااثرن جي ونگار وهي رهي آهي، جنهن ڪري اسان کي تحفظ نٿو ملي. هنن وس وارن ۽ اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي، پوليس جي نااهلي جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا | 11 | ڏوهه جو اعتراف

آهي ڪيماڙي پوليس فوري ۽ موثر ڪارروائي ڪندي مک جوابدار مسرور حسين کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي ڪيماڙي امجد شيخ موجب گرفتار جوابدار مسرور حسين ابتدائي جاچ دوران ئي ڇڻن ڄڻن جي قتل جو اعتراف ڪري ورتو آهي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار بيان ڏنو آهي ته مقتول عورت تعويذ ڏيڻ جو ڪم ڪندي هئي، جوابدار جي بيان موجب عورت ڪارو جادو ڪري کيس بليڪ ميل ڪندي هئي، جنهن ڪري هو سخت ذهني دٻاءُ ۽ خوف جو شڪار هو. جوابدار موجب ان ئي ذهني پريشاني سبب هن عورت اڻيلا ۽ سندس ٽن معصوم ٻارن کي قتل ڪيو ايس ايس پي امجد شيخ وڌيڪ ٻڌايو ته جوابدار گرفتاري کان پوءِ جلد ئي ڏوهه قبول ڪري ورتو جڏهن ته جاچ جي سمورن پهلوئن کي پيشيوراڻي انداز ۾ اڳتي وڌايو پيو وڃي ته جيئن واقعي جي سمورن سببن ۽ پس پرده عملن کي واڪو ڪري سگهجي. پوليس موجب شاهدين کي مضبوط بنيادن تي گڏ ڪيو پيو وڃي ته جيئن جوابدار کي قانون موجب سخت سزا ڏياري سگهجي. ٻي طرف سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڊي آءِ جي سائوٿ، ايس ايس پي ڪيماڙي امجد شيخ ۽ سندس ٽيم جي وقت سر، تيز ۽ پيشيوراڻي ڪارروائي کي ساراهيندي شاباش ڏني آهي. سنڌ جي گهرو وزير جو چوڻ آهي ته سنگين ڏوهن خلاف سنڌ پوليس جي 'زيرو ٽالرنس' پاليسي تي سختي سان عمل جاري رکيو ويندو ۽ ڪنهن به ڏوهاري کي قانون کان مٿانهون نه سمجهيو ويندو. گهرو وزير واضح ڪيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت سنڌ جي اولين ترجيح آهي ۽ اهڙن وحشياڻن ڏوهن ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي. ڪيماڙي پوليس جي فوري گرفتاري ۽ جاچ ۾ اڳڀرائي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سنڌ پوليس عوام جي تحفظ لاءِ هر وقت متحرڪ ۽ پرعزم آهي.

بقايا | 12 | هڪ زخمي

وٽان هٿياربندن جي مدد سان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت ڪرڻ تي سخت زخمي ڪري موٽر سائيڪل ڦرڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا سندس کي ڦورن ناهوڪو ڪنڪو پڻ چارهيو ٻئي طرف گمبٽ پوليس ٿشن پٽن جي ڪئي ڦريل عوام سورن ۾ پوليس جا نت .ڦورن کي ڪير به روڪڻ وارو ڪير به ڪونهي

بقايا | 13 | احتجاجي مظاهرو

ڪندي پنهنجي غصي ۽ بيزاري جو ڪليل اظهار ڪيو ويو. تعلقہ موومينٽ جي سڏ تي موومينٽ جي ڪنوينر ڪامريڊ علي محمد بروهي ۽ ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳوائيءَ ۾ باڊهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن علي انور عسڪري، عزيز بروهي، دودو ديشي، اصغر نوناري، منور نوناري، مولا بخش ڦلپوٽو، حاجي معشوق بروهي، نور محمد بليدي، احمد خان بروهي، نور احمد هيسباڻي، علي رضا نوناري، محمد امين سيال، علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي، افضل سائيل، محمود مسڻ، امير علي منگي، وزير سيال، ظفر نوناري، نادر ڦلپوٽو شبير ڦلپوٽو عبدالرحمان پٽي، فهد ميراڻي ۽ وقار سنڌي سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته باڊهه شهر سان چانڊيو واڱي ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي، ماضي جو خوشحال ۽ ڪاروباري شهر اڄ حڪومتي نااهلي، انتظامي بدحالي ۽ سياسي بي ڊپائي سبب بربادي ڪناري پهچي چڪو آهي. هنن چيو ته ٽٽل روڊ، گٽرن جا ڏيڻ پيئڻ جي صاف ۽ مٺي پاڻي جي کوٽ، صحت ۽ تعليم جهڙيون بنيادي سهولتون اڻلڀ آهن، جنهن ڪري شهري سخت پريشاني جو شڪار بڻيل آهن. اڳوائن چيو ته تعلقي جو درجو نه ملڻ سبب باڊهه انتظامي طور لاوارث بڻيل آهي، جنهن جي نتيجي ۾ منشيات ۽ جوا جهڙا ناسور شهر ۾ کلي عام هلي رهيا آهن. نوجوان نسل تباهي طرف ڌڪجي رهيو آهي، جڏهن ته اختيارين خاموش تماشائي بڻيل آهن. هنن چيو ته گذريل ستن سالن کان پرامن، جمهوري ۽ آئيني طريقي سان مطالبا ڪيا پيا وڃن، پر هر ڀيري حڪمرانن رڳو واعدا ڪري وقت ٽاريو آهي، اعلانن ۽ يقين ڏيارڻ جو ڪو به عملي نتيجو سامهون نه اچي سگهيو آهي، جنهن سبب باڊهه جي عوام ۾ سخت مايوسي ۽ ڪاوڙ پکڙجي چڪي آهي. احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت کي خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن فوري طور باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ڏنو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو شهر جي ترقي، امن امان، ڪاروبار ۽ بنيادي مسئلن جو واحد حل باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ آهي ۽ هن جائز مطالبي تان ڪنهن به صورت ۾ پوئتي نه هٽبو. هنن مطالبو ڪيو ته حڪمران پنهنجي واعدن تي عمل ڪندي بنادير باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ وارو نوٽيفڪيشن جاري ڪن.

بقايا | 14 | مال مري ويو

5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا موٽروي پوليس موجب زخمي واپارين کي قاضي احمد تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي حادثي جو شڪار ٽرالر چوپايو مال پنجاب کان کڻي ڪراچي وڃي رهيو هو ته قاضي احمد ٽول پلازه وٽ حادثو پيش آيو آهي هوڏانهن واپارين جي چوڻ موجب ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو آهي، جنهن جي ذميوار موٽروي پوليس آهي.

بقايا | 15 | احتجاج

ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي اسان هن مهانگائي جي دور ۾ اسان پنهنجي ٻچن کي ٻن ويلن جي ماني کائڻ لاءِ پريشان آهيون ۽ فاقا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهيون اسان اسان جا جائز مطالبا معذور ڪوٽا تي نوڪريون ڏنيون وڃن جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا نه مڃا ويا ته پنهنجي پاڻ کي پيٽرول هاري باهه ڏئي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏينداسون.

بقايا | 16 | انت آڻي ڇڏيو

وارثن احوالي ڪيو . فوتڻ جي خودڪشي ڪرڻ جو ڪارڻ معلوم ناهي ٿي سگهيو . وڌيڪ پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي فوتڻ جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا | 17 | اڄ شروع ٿيندو

ڪندا.ڪنوينشن ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جو مرڪزي صدر افضل بٽ حيدرآباد پريس ڪلب پهتو جتي سنڌس شاندار استقبال ڪيو ويو. پي ايف يو جي مرڪزي اڳواڻن لالا رحمان سمون، خالد کوکر اقبال ملاح حيدرآباد جي سينئر صحافي جاني خاصخيلي پنهنجي ساٿين سان گڏ افضل بٽ جو پرپورنموني سان آڌرڀاءُ ڪيو.صحافي اڳواڻن چيو ته ڪنوينشن جو مقصد صحافين کي درپيش مسئلن، اظهار راءِ جي آزادي، ميڊيا ورڪرن جي تحفظ ۽ پيشيوراڻه حقن بابت گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته اهڙا ڪنوينشن صحافين ۾ اتحاد، يڪجهتي ۽ شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.ڪنوينشن دوران مختلف سيشنز ۾ ملڪ جي موجوده ميڊيا صورتحال، صحافين کي درپيش خطرا، معاشي مسئلا ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي تفصيلي بحث ڪيو ويندو. جڏهن ته آخر ۾ ٺهراءُ پڻ منظور ڪيا ويندا.

بقايا | 18 | ادبي ڪانفرنس

شريڪ، محمد امين مگسي ادب، ٻولي، سماج ۽ ڌرتيءَ جو رول ماڊل ، سنڌ دوست، وطن دوست ڪردار، فلم ۽ ڊاڪيومينٽري ناهڻ جو اعلان. ثقافت کاتي ۽ ٻين ادارن کان محمد امين مگسي جا ڪتاب ڇپرائڻ، سويو مگسي جي تعليمي اداري کي محمد امين مگسي جي نالي منسوب ڪرڻ جي گهر خبر موجب نامياري اديب، محقق، اسڪالر سنڌي ادبي سنگت ضلع ڪراچي جي اڳوڻي ضلعي رابطا سيڪريٽري محمد امين مگسي جي پنجين ورسي جي موقعي تي سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ پاران ميهڙ ۾ سگا آفيس ۾ محمد امين مگسي ادبي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ سڄاڻ ڌرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ، محمد امين مگسي ادبي ڪانفرنس جي صدارت نامياري اديب، محقق، اسڪالر سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس دادو جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه ڪئي ، خاص مهمان ناميارو اديب، مترجم تنگر چنا هو اعزازي مهمان معين مگسي ايڊووڪيٽ، علامه احمد ذهين مگسي ، آزاد انور ڪانڌڙو، معصوم بخاري، امتياز عادل سومرو، سرمد بروهي، سيد علي اڪبر شاهه جوئيٽر ۽ هئا. محمد امين مگسي ڪانفرنس کي صدارتي خطاب ڪندي نامياري اديب، محقق، اسڪالر سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس دادو جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه چيو ته محمد امين مگسي ادب، ٻولي، سماج ۽ ڌرتيءَ جو رول ماڊل ، سنڌ دوست، وطن دوست ڪردار هو هن لکڻين ۾ محبت ۽ انسانيت وارو فڪر ڏنو هن معياري ۽ اعليٰ درجي جا مضمون لکيا. سنڌس لکيل ڪتاب ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهن. سنڌس شخصيت تي فلم ۽ ڊاڪيومينٽري ناهڻ گهرجي، نامياري اديب، مترجم تنگر چنا چيو ته سنڌ کي اڄ به محمد امين مگسي جي ڪردار جي گهرج آهي، اهڙو عالم جيڪو وطن دوست به هجي، ادب دوست به هجي، صلح ڪل جو مذهبي رواداري ۽ انساني ڀائپي جو نه رڳو داعي هجي پر ان جي عملي صورت به هجي، هو قديم ۽ جديد علم جو سنگم هو محمد امين مگسي وفا ۽ محبت جو پيڪر هو محمد امين مگسي جي پائرن معين مگسي ايڊووڪيٽ، علامه احمد ذهين مگسي چيو ته محمد امين مگسي جهڙن سنڌ دوست اديبن، صاحب ڪتاب ماڻهن جي سوچ، فڪر تخيل کي سماج اندر جديد ۽ منفرد انداز ۾ منتقل ٿيڻ گهرجي، جيئن ماڻهو ان کي قبول ۽ پنهنجو ڪن، محمد امين مگسي کي علم وارن سان محبت ۽ چاهه رهيو هن وڏي قومي خدمت ڪئي، هو قومي سوچ رکندڙ ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪر جي ويجهو رهيو سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري آزاد انور ڪانڌڙو چيو ته محمد امين مگسي ڪراچي ۾ سنڌي ٻولي جو رکوالو هو سنڌي ادبي سنگت جو جاکوڙي ڪردار هو سنڌ صدين تائين مٿس فخر ڪندي رهندي، سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ مٿس فلم ۽ ڊاڪيومينٽري ٺهرائيندي، نامياري اديب، شاعر امتياز عادل سومرو چيو ته محمد امين مگسي هڪ اهڙو عالم، اديب، مفڪر آهي جنهن جون خدمتون اسان جي علمي ادبي تاريخ جو اهم حصو آهن ، نامياري شاعر معصوم بخاري چيو ته محمد امين مگسي هڪ عالم، تاريخدان هئڻ سان گڏ تمام وڏو انسان دوست ۽ محبتون ميڙيندڙ شخصيت هو ادبي ڪانفرنس کي سرمد بروهي، سليم مگسي، زاهد گوتم، حافظ بدرالدين آگرو، ڊاڪٽر غياث الدين ابڙو ڊاڪٽر عبدالمجيد بليدائي، نذير بروهي ، انجنيئر غلام مصطفيٰ مبين مگسي، معين مگسي ايڊووڪيٽ، علامه احمد ذهين مگسي ، ابوبڪر مگسي، آزاد انور ڪانڌڙو معصوم بخاري، امتياز عادل سومرو، سيد علي اڪبر شاهه جوئيٽر محسن رضا چانڊيو الطاف جانوري، عبد چنا، بشير پند، محبوب جانوري، اعجاز ڪانڌڙو ممتاز خاصخيلي، حذب □ ميهڙائي، غلام مصطفيٰ اثر جتوئي، منظور محبتي زرداري، ثناءُ صديق مهيسر، محمد حسين مگسي، وفا اشفاق مگسي، اسد راهي چنا، اويس قريشي ۽ ٻين خطاب ڪيو محمد امين مگسي ادبي ڪانفرنس ۾ محمد امين مگسي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ منظوم مشاعرو به ٿيو ڪانفرنس ۾ ثقافت کاتي ، سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻين ادارن کان محمد امين مگسي جا ڪتاب ڇپرائڻ، سويو مگسي جي هڪ تعليمي اداري کي محمد امين مگسي جي نالي منسوب ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي.

بقايا | 19 | مسئلن تي غور

بروز سومر نصرپور ۾ جڏهن ته 9 جنوري تي عثمان شاهه هڙي ۽ سلطان آباد ۾ مدح صحابه جلوس ڪڍيو ويندو ڪليم الله قائم خاني پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان راهه حق پارٽي ٽنڊوالهيار جي مسئلن کان باخبر آهي جمعو 16 جنوري تي ٽنڊوالهيار جي مسئلن بابت معززين جو اجلاس منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ ضلعي جي مسئلن تي لائحه عمل تيار ڪيو ويندو اجلاس ۾ مولانا ڪاشف حنفي، علامه علي شير مهر مولانا ظهور ڪشميري، محمد آطارق قريشي، حافظ ڏني بخش لغاري، رسول بخش هڪڙيو مولانا عبدالله جمالي، مولانا عبدالحميد فاروقي، مزمل حسين عرف سڄل داؤد پوٽو عبدالماجد سهتو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ شريڪ ٿيا

بقايا | 20 | پهلواڙن جا مقابلا

حبيب منگسي سان گڏو ملاح رضوان پنجابي سان مصطفه لنجواڻي ڪشوق شيدي سان عاشق شيدي منور چانڊيو سان مقابلا ڪيا جنهن ۾ ترين هٿي مخالف پهلوان کي چندن ۽ جهلون ڪري خوب انعام حاصل ڪيو پهلواڙو راند ۾ جهل لاءِ ايندڙ پهلوان ترين تي وينل پهلوان کي جهل ڪرڻ لاءِ ٽي پيرا ڪوشش ڪندو آهه جهل ۾ ناڪامي جي صورت ۾ ترين تي وينل پهلوان ڪامياب قرار ڏنو ويندو آهه وڏي انگ ۾ شريڪ پهلواڙو راند جي شوقينن پير شفي محمد شاهه اسماعيل جمالي چانڊيو ربهاري ۽ ٻين پهلوانن کي روڪ انعام سان گڏ اجرڪن جا تحفا پڻ ڏنا جڏهن ته ميلي ۾ بازارن کي سينگاريو ويو ۽ جهولن تي ٻارن جي رش رهي

بقايا | 21 | رپورٽ جاري

ايس ايس پي شهيد بينظير آباد شبير احمد سيٺار جي اڳوائي ۾ ضلعي پوليس سال 2025 دوران ڏوهن جي خاتمي، امن امان جي قيام ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتي ۽ نتيجه خيز ڪاروائيون ڪيون. ان سلسلي ۾ ضلعي پوليس پاران ساليائي ڪارڪردگي رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي. رپورٽ موجب سال 2025 دوران قتل جا 59 ڪيس داخل ڪيا ويا، جن ۾ 183 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. ساڳي عرصي دوران پوليس جا 100 مقابلا ٿيا، جن ۾ 6 ڏوهاري مارجي ويا جڏهن ته 71 ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. پوليس 33 ڏوهاري گينگز کي ٽوڙي ڇڏيو. ضلعي پوليس پاران 1568 اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو. غيرقانوني هٿيارن خلاف ڪارروائي دوران 210 ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ 209 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس وٽان ڪلاشنڪوف، شارٽ گن، رائفلون، پسٽل، ريوالور، مائوزر، ريپيٽر بولٽس، ڪارتوس ۽ 2 هٿ گرنيڊ برآمد ڪيا ويا. منشيات خلاف جاري مهم دوران 336 ڪيس داخل ڪري 360 منشيات فروشن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس وڏي مقدار ۾ چرس، آفيم، هيروئن، آئس، ڀنگ، ڪچي شراب، پنٽس ۽ گٽڪو/ماوا برآمد ڪيو گٽڪا ۽ ماوا خلاف 376 ڪيس داخل ڪري 414 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته 8848 ڪلو کان وڌيڪ گٽڪا سوپاري هٿ ڪئي وئي. پوليس پاران ڪروڙين رپين ماليت جون چوري ٿيل گاڏيون ۽ ٻيون مسروقه شيون به برآمد ڪيون ويون، جن ۾ 81 موٽر سائيڪلون، 8 ڪارون ۽ ٻيون گاڏيون شامل آهن. ان کان علاوه 8 تولہ سون، 8 ڪلو کان وڌيڪ چانڊي ۽ 83 موبائل فون به هٿ ڪيا ويا. ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي خلاف ڪاروائي دوران 4198 گاڏين کي چالان ڪيو ويو جنهن مان 26 لک کان وڌيڪ رپيا ڏنڊ وصول ڪيو ويو ايس ايس پي شهيد بينظير آباد شبير احمد سيٺار چيو آهي ته پوليس مستقبل ۾ به ڏوهن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪاروائي جاري رکندي ۽ عوام جي تحفظ کي اوليت ڏيندي.

بقايا | 22 | سردار عبدالرحيم

ايف سنڌ جي صدر محسن قادر هنگورو سميت 80 نوجوانن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ تي سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي. سردار عبدالرحيم چيو ته حر جماعت جا نوجوان اعليٰ حضرت پير صاحب پاڳاري جي واضح حڪمن مطابق ڪڏهن به قانون کي هٿ ۾ نه ٿا وٺن ۽ پنهنجن ڪارڪنن کي اڪيلا نه ٿا سمجهن هن زور ڏنو ته سانگهڙ حر جماعت جو ڳڙهه، هميشه کان پرامن علائقو رهيو آهي، پر پيپلز پارٽي سان وابسته عنصر ڄاڻي ٻوجهي ڪري امن ۽ امان کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سردار عبدالرحيم چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ بجو بادشاهه چوڪ تي پير صاحب پاڳاري جي صاحبزادي سيد محمد راشد شاهه راشدي جي آمد تي اير ايس ايف جي صوبائي صدر محسن قادر هنگورو، سانگهڙ جي آرگنائزر اصغر مري ۽ ٻين نوجوانن هڪ استقبالي ڪيمپ قائم ڪيو جتي تاريخي ۽ پرامن استقبال ڪيو ويو جنهن کي مخالف ڌريون هضم نٿي ڪري سگهن. هن الزام لڳايو ته پيپلز پارٽي سياسي مخالفن خلاف انتقامي ڪارروايون ڪري رهي آهي ۽ پوليس کي سياسي دٻاءُ هيٺ آڻي بيگناهه، معزز ۽ پرامن شهرين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا پيا وڃن. جڏهن ته اصل جرمن تي ڪنٽرول ڪرڻ بدران سياسي بنيادن تي ڪارروايون ڪئي پيون وڃن. سردار عبدالرحيم چيو ته سانگهڙ جي پرامن ماحول کي جان ٻوجهه ڪري خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪنهن به صورت قبول ناهي. هن مطالبو ڪيو ته اير ايس ايف جي اڳواڻن ۽ نوجوانن خلاف درج ڪوڙا ۽ من گهڙت ڪيس فوري طور تي ختم ڪيا وڃن ۽ پوليس کي سياسي انتقام جو اوزار بڻجڻ کان روڪيو وڃي. سردار عبدالرحيم خبردار ڪيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل عوامي سطح تي احتجاج جو حق محفوظ رکي ٿي.

بقايا | 23 | عبدالمجيد باديني

بلوچستان جي نائب امير ۽ جعفرآباد مان صوبائي اسيمبلي جي ميمبر عبدالمجيد باديني چيو آهي ته بلوچستان ۽ سنڌ جا ڏک درد هڪ جهڙا آهن. ٻئي صوبا قدرتي وسيلن سان مالا مال آهن، پر عوام بنيادي انساني حقن کان محروم، توڙي غربت ۽ مفلسي جو شڪار آهن. بلوچستان جا ماڻهو غيرتمند ۽ محب وطن آهن. صورتحال ۾ تبديلي ۽ پنهنجن حقن لاءِ عوام کي جاڳڻو پوندو. سڙيل نظام ۾ قيادت جي تبديلي سان ئي بهتري آڻي سگهجي ٿي. هر هنڌ ظلم آهي. ناانصافي عام آهي، جنهن ڪري نظام کي تبديل ڪرڻ جو نعرو هاڻي ماڻهن جي دلين جي آواز بڻجي چڪو آهي. وڏيرا شاهي، مادي وسيلن ۽ وي آءِ پي ڪلچر جي ڪا به اهميت ناهي. حق ۽ سچ جي غلبي لاءِ محنت ۽ قرباني جي جذبي جي ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن جماعت اسلامي سنڌ جي ميڊيا سيل جي دوري جي موقعي تي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي امانت، ايمانداري ۽ خدمت جو نالو آهي. علائقي جي روايتي سياستدانن، سردارن ۽ جاگيردارن جي مقابلي ۾ جعفرآباد ۾ اسان جي ڪاميابي صرف الله جي مدد ۽ عوام جي محبت جو نتيجو آهي چاڪاڻ ته اسان پاڻ کي هر ووٽر جو خادم ۽ نوڪر سمجهي هن ذميواري کي پورو ڪري رهيا آهيون. اسان هميشه پاڻ کي احتساب لاءِ پيش ڪندا آهيون. هي سڀ ڪجهه خدا جي خوف ۽ جماعت اسلامي جي تربيت جو نتيجو آهي. چوته دنياوي شيون اسان لاءِ ڪا به اهميت نٿيون رکن چاڪاڻ ته اسان سمجهون ٿا ته اهو سڀ ڪجهه فنا ٿيڻ وارو آهي. اسين 8 فيبروري تي شڪرگذاري جو ڏينهن ملهائينداسين. ۽ جعفرآباد ۾ هڪ وڏو ميڙاڪو منعقد ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان ۽ اڳوڻو امير سراج الحق ۽ ٻيا صوبائي اڳواڻ خطاب ڪندا. ان موقعي تي جماعت اسلامي سنڌ جو ناظم عمومي مولانا محمد دين منصوري، مرڪزي آڊيٽر بشير احمد، اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا، ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري وزير علي جمالي، جڏهن ته جماعت اسلامي بلوچستان جا اڳواڻ مولانا محمد اسماعيل مينگل، محمد يوسف منگريو خاوند بخش مينگل آصف پنگر ۽ ٻيا دوست پڻ موجود هئا.

بقايا | 24 | ڏنڊ مقرر

عباسي سردار حسين بخش ناريجو جي سرپنچي ۾ فيصلو ٿي گذريو ڏر ٽمبر هڪ ناريجا تي مجموعي طور تي 60 لک ڏنڊ مقرر ٿي ڌريون خير ڪند ٻنهي ڌرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي امن جي فضا قائم ٿيندي ٿي پاسي ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو جي حڪم تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هيا

بقايا | 25 | احتجاج جاري

مختلف ماڻهن شرڪت ڪري ڪارونجهر جي امڪاني ليزن خلاف نعري بازي ڪئي، اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته، ڪارونجهر مذهبي ثقافتي ۽ تاريخي ماڳ سان گڏ ،هتان جي لکين انساني آبادي، جهنگلي جيوت، جو جياپي جو سهارو آهي، حڪومت ڪارونجهر کي چند ڪمپنين ۽ سرمائيدارن کي ليزن تي ڏيئي هن خوبصورت جبل جي ڪٽائي ڪرائڻ چاهي ٿي، جنهن جي خلاف هتان جو مقامي ماڻهون گذريل چاليهه ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل آهن، هنن چيو ته ڪارونجهر جي امڪاني ليزن يا ڪٽائي کي هتان جو ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو، اسان پنهنجي جبلن کي بچائڻ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا سين، هنن پهاڙن سان ئي هتان جي ماڻهن جي زندگي سلهاڙيل آهي.

بقايا | 26 | فصل پاڻي هيٺ

مري جي ڳوٺ پير ڪڪو جي زميندار پير حاجن شاهه جي زرعي زمين وٽان شاخ پلٽي پئي جنهن سبب ناڱناه شاخ کي گهارو پئجي ويو ناڱناه شاخ کي گهارو پوڻ سبب زرعي زمين ۾ پوکيل ڪڻڪ ۽ ڪمند جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو ان حوالي سان سان شاخ جي مقرر داروغي موجب شاخ جي منڍ جي آبادگارن فصلن کي پاڻي پيارڻ ڇڏي ڏنو آهي جنهن سبب شاخ جي پڇڙ ۾ پاڻي شاخ مان پلٽي پيو آهي ۽ گهارو پئجي ويو، گهارو ايڏو وڏو نه هو ڪنٽرول ڪيو ويو آهي.

بقايا | 27 | فيصلو

بابت تنصيلي بريفنگ ڏني.جمعيت علماءِ اسلام ضلع سکر جي ترجمان مولانا امان الله سڪروي جي جاري ڪيل بيان موجب اجلاس ۾ متفقه طور اهو اهم فيصلو ڪيو ويو ته ڪارڪنن جي فڪري، تنظيمي ۽ دعوتي تربيت کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ جمعيت علماءِ اسلام ضلع سکر جي اهتمام هيٺ 4 ۽ 5 فيبروري 2026 تي ٻه ڏينهن وارو تربيتي ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو. جنهن جي تيارين جو آغاز فوري طور ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن.اجلاس ۾ مفتي شفيع محمد هاليجوي، مولانا غلام الله هاليجوي، مولانا عبدالڪريم عباسي، مولانا زبير احمد مهر حافظ غلام مصطفيٰ برڙو، مولانا غلام علي ديهڙ مفتي ذبيح الله جتوئي، مولانا رفيق حمد ميراڻي، قاري عبدالغفار سومرو، مولانا سيف الله سمائي حافظ ابو اسامه عباسي، فرزان علي ڦنوار سميت ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي.شرڪاءِ اجلاس سکر شهر ۾ وڌندڙ بدامني، لاقانونيت، چوري ۽ ڦرن جي واقعن سميت عوامي بيچيني تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي امير ضلع مولانا محمد صالح انڍڙ چيو ته سکر ۾ بدامني جو راڄ قائم ٿي چڪو آهي ۽ امن امان بابت سڀ دعوي بي اثر ثابت ٿي ويا آهن، اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته جمعيت علماءِ اسلام ضلع سکر امن امان جي بحالي لاءِ شهر جي مختلف علائقن ۾ ڀرپور عوامي ۽ تنظيمي تحريڪ شروع ڪندي، جنهن جو تفصيلي شيڊول جلد جاري ڪيو ويندو وڌيڪ اهو به طئي ٿيو ته منگل جي ڏينهن کان ضلعي جي سمورين تعلقن جو تنظيمي دورو شروع ڪيو ويندو جنهن دوران تعلقہ سطح تي تنظيمي رڪارڊ، ڪارڪردگي ۽ سرگرمين جو جائزو ورتو ويندو ته جيئن تنظيم کي وڌيڪ فعال، منظم ۽ مؤثر بڻائي سگهجي.اجلاس جي پڄاڻيءَ تي ملڪ، قوم، امن امان ۽ تنظيم جي ڪاميابي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي.

بقايا | 28 | ٽينگري فوت

حد ٽول پلازه پرسان ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ وين اندر سوار مسافر ممتاز بگٽي سنڌس ٽينگري هانيه، ٽينگري زينب ڪوسو محمد رفيق لهڙ خادم لهڙ غلام رسول معرفاڻي، جان محمد چانڊيو عبدالقدير ملغاڻي سميت 15 مسافر زخمي ٿي پيا جيڪي ڪيتري ئي وقت تائين واقعي واري هنڌ تڙپندا رهيا پر 1122 ايمبولينس سروس سميت ڪابہ سرڪاري ايمبولينس زخمين کي ڪڍڻ لاءِ نه پهچي سگهي جنهن ڪري موقعي تي موجود ماڻهون مختلف سوارين ذريعي کڻائي سول اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين کي طبي امداد ڏني وئي، جڏهن ته ٽينگري زينب ڪوسو سميت 3 مسافرن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري کين لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو ٽينگري زينب ڪوسو ڏيءُ ڏني بخش ڪوسو زخمن جي سٽ نه سهندي رستي ۾ ئي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن بعد ٽينگري کي جو مؤهه ايمبولينس ذريعي سنڌس اباڻي ڳوٺ منتقل ڪيو ويو هوڏانهن ڪلٽي ٿيل وين واقعي واري هنڌ تي پيل رهي، آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا | 29 | اسپتال منتقل

ماڇي ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ ۾ ڪجهه عناصر بنا جواز حملو ڪيو آهي جن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | 30 | بند، احتجاج

باوجود شاگردن کي علم کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن اسان جو نمائندو ڪچي جي چار خضر ڳوٺ پهتو ته مين پرائمري اسڪول جي عمارت جو جائزو ورتو ويو جتي اسڪول جا ٻئي مين گيٽ پڪل حالت ۾ ديوار سان گڏ پيل هئا، اسڪول ۾ ٺلڪو موجود نه هو جڏهن ته ڪلاس رومز ۾ ڪرسين بدران ڪتون پيل هيون. ڳوٺائن ڏانهن ڪندي ٻڌايو ته ڪيترن سالن کان استاد اسڪول نٿا اچن، جنهن ڪري علائقي جا معصوم ٻار تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم آهن. هنن وڌيڪ چيو ته هو پنوعاقل ۽ سکر جي تعليم کاتي جي عملدارن سان به مليا آهن، پر کين اهو جواب ڏنو ويو ته "اسان استادن کي پگهارون ڏئي رهيا آهيون، باقي اهي اسڪول اچن يا نه اچن، اها انهن جي مرضي آهي." هڪ ڳوٺاڻي ٻڌايو ته ٽي او ايجوڪيشن سان به ملاقات ڪئي وئي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن نالي ماتر استاد موڪلي ٿو پر باقاعده تعليمي عمل شروع نه ٿيڻ سبب ڪچي جي ڳوٺن جا شاگرد علم جي روشني کان محروم آهن علائقي واسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري نوٽيس وٺي اسڪول کولي، باقاعده استاد مقرر ڪيا وڃن ته جيئن معصوم ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻجي سگهي.

بقايا | 31 | احتجاج ۾ تبديل

احتجاج ۾ تبديل ٿي وئي. انڊس ڪاليج لائبريريز نيٽ ورڪ جي سي اي او ۽ نامور اديب آغا نور محمد پٺاڻ چيو ته جيستائين مثبت سوچ کي هٿي نه ملندي، تيستائين سماج جي خوشحالي ۽ ترقي ممڪن ناهي، تنهنڪري ضروري آهي ته ڪتابي مطالعي کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن مثبت انساني خيالن جي نتيجي ۾ سماجي خوشحالي ۽ ترقي ممڪن ٿي سگهي. ڪالمسٽ همير چانڊيو چيو ته قبيلائي دهشتگردي ۾ قاتلن جي هٿن ۾ جيڪو هٿيار ۽ گولابارود آهي، اهو سردارن ۽ بااثر ماڻهن جو ڏنل آهي. نقاد ۽ ڪالمسٽ عديل مهر چيو ته معاشرتي تبديلي لاءِ فرد جو ڪردار انتهائي اهم آهي جيڪو جيترو باشعور هوندو اوترو ئي باعمل به هجڻ گهرجي. ڪالمسٽ نسيم بخاري چيو ته جتي جتي وارداتون ٿي رهيون آهن، اتي جا انتظامي آفيسر ۽ بااثر ماڻهو رضاڪارانه طور پنهنجي سماجي حيثيتن تان هٽ ڪئن يا وري امن ۽ امان کي يقيني بڻائي پنهنجي حيثيت جو ثبوت ڏين ان موقعي تي سوشل اينڊ لٽريري فورم شڪارپور جي جنرل سيڪريٽري آصف شيخ، انور علي سومرو، محبت بابلاڻي، زبير ساجن چانڊيو نصير مانئ عديل علوي، عابد حسين سولنگي، مختيار سومرو، طارق مهر ڊاڪٽر گهنشام، غلام علي گل، حسام ميمڻ، پروفيسر حافظ عبدالقيوم خلجي، سيد مبين علي شاهه بخاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. جيڪڏهن اوهان چاهيو ته مان هن ترجمي کي خبر جي انداز پريس رليز يا سادي سنڌي ۾ به ترتيب ڏئي سگهان ٿو.

بقايا | 32 | زخمي ڪري ڇڏيو

ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد سائده ڳوٺ ۾ رولو ڪتن حملو ڪري ٻن ٽينگرن ڪامران ۽ قاصر علي کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو ٻنهي ٻارن کي سنڌن وارثن طرفان سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي ويڪسين نه هجڻ سبب واپس گهر روانا ٿي ويا ٽينگرن جي وارثن صحافين کي ٻڌايو ته خيرپور ضلعي جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌڻ بعد ڪيترائي ڀيرا احتجاج ڪرڻ جي باوجود ضلعي انتظاميه توڙي ميونسپل ڪاميٽي خيرپور طرفان رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ مهم شروع نه ڪئي وئي هنن مطالبو ڪيو ته ضلعي ۾ ڪتا مار مهم جو آغاز ڪري شهرين کي ڪتن ۽ رولو ڪتن کان بچايو وڃي ۽ شهرين جون زندگيون محفوظ بڻايون وڃن.

بقايا | 33 | نوجوان قتل

کي سنڌن وارثن پاران ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪٿائي ٽراما سينٽر آندو ويو جتي نوجوان عبدالغفار جتوئي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي مقتول نوجوان جي وارثن صحافين کي ٻڌايو ته ڳوٺ ۾ اسان جي برادري جي ماڻهن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران عبدالغفار ۽ محمد عيسيٰ وچ ۾ پئي ڌرين کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ گوليون لڳڻ سبب اهڙو واقعو پيش آيو آهي. هوڏانهن مقتول نوجوان جو لاش اسپتال مان ضروري ڪاروائي بعد سنڌس وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا | 34 | پاڻي بيٺل احتجاج

پکوجي وئي آهي ان سلسلي ۾ هتان جي رهواسين حاجي مختيار علي انڙ اڪبر علي شاهاڻي، مرتضيٰ منگي، شفيق احمد بگهيو حاجي ارباب علي ڏيرو حاجي اسد علي چنه ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته ڪافي سالن کان پي پي قيادت کي ووٽ ڏيندا آهيو پر مسلسل انتظاميا جي بي ڌيائي ڪري ترقياتي ڪم نه ٿيڻ ڪري پاڙيسري عذاب جي زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن، هن چيو ته مست غلام نبي شاهه محلي جي مين گهٽي ڪيترن ئي سالن کان وٺي روڊ رستو نه ٺهڻ سان برساتي پاڻي، ناڻين جو گندو پاڻي بيهڻ سبب سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ ڪيترو عرصو گذرڻ باوجود به پاڙي جو مين روڊ نه ٺهي سگهيو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته علائقي جي مين گهٽي هوندي به پ پ ووٽرن سان ناانصافي ٿي رهي آهي، هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر پاڪستان آصف علي زرداري، وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه، چونڊيل نمائندا ۽ پ پ قيادت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ڏوڪري شهر جي مين گهٽي مست غلام النبي شاهه پاڙي ۾ تعميراتي ڪم شروع ڪرايو وڃي ته جيئن اسان به ٻين شهرين وانگر بنيادي سهولتن مان فائدو وٺي سگهون.

بقايا | 35 | انصاف جو مطالبو

سنڌن پاڻ ڪسٽم کاتي ۾ آفيسر آهي ۽ سنڌس سفارش ذريعي نوڪري لڳرائي ويندي. هن چيو ته جوابدارن منهنجي پٽ ڏوهيب جا سمورا ضروري ڪاغذ وٺي صحت کاتي جي مليريا پروگرام ۾ سپروائيزر مقرر ٿيڻ جو آرڊر جاري ڪيو جيڪو بعد ۾ جعلي ثابت ٿيو متاثر پوڙهيت ٻڌايو ته جڏهن مان پنهنجا پئسا واپس گهريا ته جوابدارن 2 لک رپين جو چيڪ ڏنو پر بينڪ ۾ جمع ڪرائڻ تي معلوم ٿيو ته اڪائونٽ ۾ ڪا به رقم موجود نه هئي ۽ اهو چيڪ پڻ جعلي نڪتو غلام مصطفيٰ جمالي ٻڌايو ته پيهر رقم جي واپسي لاءِ رابطو ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون ويون. هن وڌيڪ چيو ته انصاف لاءِ ڪڏهن ٿاڻي تي فرياد داخل ڪرائڻ ويس، پر پوليس فرياد وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن سبب مان سخت ذهني پريشاني جو شڪار آهيان. غلام مصطفيٰ جمالي چيو ته مان غريب ۽ مسڪين پوڙهيت آهيان ۽ فراڊ سبب سنڌس پٽ جو مستقبل تباهه ٿي ويو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن سنڌس 6 لک رپيا واپس ملي وڃن ته پنهنجي پٽ لاءِ ڪو ننڍو ڪاروبار شروع ڪري سگهان هن صحت کاتي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو اعليٰ اختيارين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري رقم واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | 36 | شهري پريشان

شهري سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن ۽ پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ شهر کان پري علائقن تائين وڃڻ يا مهانگي اگهه تي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. شهرين رفيع □ ميمڻ، ارشاد احمد ميمڻ، عجيب □ ميمڻ، عبدالخالق ميمڻ، عظيم احمد ميمڻ، حماد ميمڻ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تعمير ڪيل اهي فلٽر پلانٽ نهڻ شرط ئي غيرفعال ٿي ويا، جن جي سار سنڀال ۽ هلائڻ لاءِ لاڳاپيل کاتي ڪا به سنجيده ڪوشش نه ڪئي آهي. نتيجي طور غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. جڏهن ته ٻار، عورتون ۽ بزرگ سخت ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. احتجاج ڪندڙ شهرين ٻڌايو ته پاڻي جي کوٽ سبب روزاني زندگي سخت متاثر ٿي وئي آهي، ڪيترن علائقن ۾ ماڻهو پيئڻ جو پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ضايع ڪن ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته غيرفعال فلٽر پلانٽن کي ترت فعال ڪيو وڃي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن عوام کي صاف پيئڻ جو پاڻي مهيا ٿي سگهي.احتجاج ۾ شامل شهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جلد مسئلو حل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا | 37 | 7 ڇيلا چوري

نسل جا 7 ڇيلا . روڪ رقم موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا واقعي بعد حد جي پوليس پاران پهچي جاءِ واردات جو معائنو ڪري جاچ شروع ڪئي وئي

بقايا | 38 | بخش چانڊيو

کي ان سان لهه وچڙ ۾ اچڻ گهرجي. آصف علي زرداري جهڙو قابل اڳواڻ سنڌن اندر موجود آهي پر هو ڪا واضح حڪمت عملي جوڙڻ کان قاصر آهن. پي ٽي آئي کي به ڳالهين جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته پ پ پنهنجي جرنل جي تعريف ڪئي آهي اها ڪا خراب ڳالهه ناهي. هن چيو ته ملڪ کي سياسي توڙي معاشي بحران مان پيپلز پارٽي ئي ڪڍي سگهي ٿي. پيپلز پارٽي سان ويهي ملڪ کي بهتري طرف وٺي وڃڻو پوندو.

بقايا | 39 | شاندار تقريبون

ڪئي. ان کان علاوه، معروف عزادار ذاڪربير هائوس تي به ولادتِ مولاءِ ڪائنات جي حوالي سان هڪ پروقار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ معروف مذهبي اسڪالر علامه انصار ثقلين جعفري المشهدي، سيد عباس جعفري، سيد مشهد رضا، سيد رحمن ڪاظم، سيد صدا حسين، محمد عباس، رميز عباس سميت ٻين شرڪت ڪئي ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو.ساليائي امام بارگاهه فيضِ حسيني سيده ڳوٺ ۾ پڻ جشنِ مولودِ ڪعبه حضرت عليؑ ڀرپور نموني سان ملهايو ويو. هن تقريب جي صدارت پڻ مولانا غلام شبير حيدري ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته حضرت عليؑ جي سڄي زندگي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي تابعداري ۾ گذري. پاڻ هميشه اسلام جي بقا ۽ سربلندي لاءِ پنهنجي جان ۽ مال جي ڪا به پرواهه نه ڪئي. مقررين زور ڏنو ته اسان سڀني کي حضرت عليؑ جي پاڪ زندگي مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

بقايا | 40 | رونمائي تقريب

ته ٻاراڻي ادب جي چاهيندڙن ۽ ٻارن کي اهڙا ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ گهرجن جيئن ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائي سگهجي

بقايا | 41 | 2 ڄڻا گرفتار

اڳوائي ۾ مشائخ هوٽي ٿاڻي جي حد دل پوٽا ۾ بدنام زمانه مشهور منشيات فروش بابو مگسي جي گهٽڪي جي فيڪٽري تي چاپو هڻي وڏي مقدار ۾ خام مال ۽ انساني صحت لاءِ نقصان ڪار گهٽڪو ٺاهڻ واريون 2 مشينون هٿ ڪري ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايس پي سيد سليم شاهه موجب ضلعي مان منشيات جهڙي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪارروايون جاري آهن پوليس پنهنجو ڪم ايمانداري سان ڪري رهي آهي منشيات فروش ۽ ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث جوابدار ڪيڏا به بااثر ڇو نه هجن کين ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو هن چيو ته ضلعي مان منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو ته عوام جي مال ۽ جان جو تحفظ ڪرڻ پوليس جي اولين ترجيح آهي کين ڪي به انساني جانين سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.

بقايا | 42 | ڳڻتي ظاهر

ڪمپيوٽرائيزيشن جلد کان جلد مڪمل ڪري مختلف مرحلن ۾ روينيو جي عملي جو ڪردار گهٽايو وڃي. جڏهن ته آبادگارن سنڌ ۾ سورج مکي جي في ايڪڙ پيداوار ۾ گهٽتائي جي پڻ نشاندهي ڪري ڇڏي آهي. سنڌ آبادگار بورڊ جو اجلاس حيدرآباد ۾ صدر محمود نواز شاهه جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ سيد ندير شاهه، محمد ملوڪ نظاماڻي، محمد اسلم مري، طاهاميمڻ، يار محمد لغاري، خالد احمد نظاماڻي، مصطفيٰ نواز شاهه، شاهنواز برماڻي، مراد علي شاهه بکيراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.اجلاس ۾ روينيو واري کاتي سان آبادگارن جي مسئلن تي بحث ڪيو ويو. اجلاس ۾ چيو ويو ته زمين جي رڪارڊ کي سنڀالڻ بورڊ آف روينيو جي ذميواري آهي ان کري زراعت ۾ ان جو اهم ڪردار آهي پر کاتي ۾ نااهلي ۽ گورننس جي کوٽ سبب زراعت تي ان جا ويتر خراب اثر پئجي رهيا آهن. آبادگارن کي زمين جي کاتن جي تبديلي، زرعي قرضن ۽ زمين جي رڪارڊ سان لاڳاپيل مختلف معاملن ۾ مختلف قسمن جي ڏکيائين، رڪاوٽن ۽ ڊگهي طريقي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن سان خاص طور تي ننڍا ۽ وچولي درجي جا آبادگار سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. زرعي قرض وٺڻ لاءِ روينيو کاتي مان ڪسرا وارو دستاويز جنهن سان زمين جي مالڪ ۽ پوکيل فصل جو پتو پوي ٿو ان سميت زمين جا مختلف تصديق ٿيل دستاويز حاصل ڪرڻ ايترو ته ڏکيو آهي جو نه رڳو آبادگارن لاءِ پر بينڪن لاءِ به اهو هڪ پريشان ڪندڙ عمل آهي، جنهن جي نتيجي ۾ زرعي شعبي لاءِ قرضن ۾ سنڌ جو حصو جيڪو 18 سيڪڙو آهي جڏهن ته قومي زراعت ۾ سنڌ جو حصو 22 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي اهو پوري ريت حاصل نه پيو ٿي سگهي. ان جو وڏو سبب روينيو کاتي ۾ نا اهلي ۽ ڪرپشن آهي. جنهن ڪري ننڍا آبادگار بينڪن جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ روينيو جي ڊگهن ۽ ڏکين مرحلن ۾ پوڻ بدران ٻين ماڻهن يا ادارن کان وڌيڪ وياج تي قرض حاصل ڪرڻ کي ترجيح ڏيڻ تي مجبور آهن. ان کان علاوه آبادگارن کي پنهنجي زمين جي وڪري جي معاملن ۾ پڻ سيل سرٽيفڪيٽ وٺڻ سميت مختلف معاملن ۾ وڏين ڏکيائين سان منهن ڏيڻو ٿو پوي. سنڌ آبادگار بورڊ وڌيڪ چيو آهي ته جيتوڻيڪ سنڌ ئي اهو صوبو آهي جتي زمين جي رڪارڊ جي ڪمپيوٽرائيزيشن سڀ کان پهرين شروع ڪئي وئي هئي پر ان باوجود اهو ڪم اڃان تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته ٻين صوبن نه رڳو ڪمپيوٽرائيزيشن مڪمل ڪري ورتي آهي پر انهن روينيو جي ان ڪمپيوٽرائزڊ سسٽم کي بينڪن سان ملائي ڇڏيو آهي. سنڌ آبادگار بورڊ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ پيپلز سروس سينٽر ۽ موبائل ايپليڪيشنز پڻ جاري ڪيون ويون آهن پر اڃان تائين اهو ان جي روح موجب ڪارائتيون نه ٿي سگهيون آهن، ڪو به ڪم بورڊ آف روينيو جي عملي سان رابطي بنا نه پيو ٿي سگهي ۽ اهو ئي مرحلو آهي جتي نااهلي ۽ ڪرپشن جي معاملن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.اجلاس ۾ سنڌ آبادگار بورڊ مطالبو ڪيو ته زمين جي رڪارڊ جي ڪمپيوٽرائيزيشن جلد کان جلد مڪمل ڪئي وڃي. ڪمپيوٽرائيزڊ زمين جو رڪارڊ قانوني طور تي پوري ريت قبول ڪرڻ جوڳو ڪرڻ گهرجي ته جيئن ان جي وڌيڪ تصديق جي ضرورت نه ٿئي. زمين جي رڪارڊ جا ٻيا دستاويز جهڙوڪ سيل سرٽيفڪيٽ ۽ ڪسرا وغيره پڻ سادي درخواست ذريعي يا ويب سائيٽ ذريعي آن لائن ڪيا وڃن ڇو ته في الحال ڪن علائقن ۾ اهي سروسز درخواست تي حاصل نه پيون ٿي سگهن. بورڊ آف روينيو جي عملي سان رابطي کي ممڪن حد تائين گهٽائڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن.اجلاس ۾ آبادگارن آگاهه ڪيو ته سورج مکي جي في ايڪڙ پيداوار ۾ گهٽتائي، پيداواري خرچن ۾ واڌ ۽ اگهن ۾ لاٽ سبب هاڻ سورج مکي جي پوک پڻ گهٽجي رهي آهي ۽ آبادگار ان بدران ٻيا فصل پوکڻ کي ترجيح ڏيڻ تي مجبور آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي ته کاڄرو تيل جي درآمد 10 سالن ۾ 75 سيڪڙو کان وڌي 84 سيڪڙو ٿي وئي آهي.اجلاس ۾ آبادگارن ربيع جي فصلن لاءِ پاڻي جي گهرج تازي وسيل مينهن مان پوري ٿيڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته ان مينهن جا فصلن تي چڱا اثر پوڻ جو امڪان آهي.

بقايا | 43 | اسپتال منتقل

واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي شاخ مان ٻاهر ڪيرائي ضروري ڪاروائي لاءِ شهدادپور اسپتال منتقل ڪيو.پوليس موجب لاش جي اڃا تائين سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته نوجوان جو لاش ڪافي حد تائين ڳريل حالت ۾ مليو آهي، جنهن سبب جسم تي ڪي به واضح نشان سڃاڻپ جهڙو ناهي. پوليس وڌيڪ چيو ته لاش جي سڃاڻپ فنگر پرنٽس ذريعي ڪرائي ويندي، جنهن بعد سڃاڻپ ظاهر ٿي سگهي ٿي سڃاڻپ نه ٿيڻ جي صورت ۾ لاش کي شهدادپور اسپتال جي سرد خاني ۾ رکيو ويندو.

بقايا | 44 | لاڏاڻو ڪري ويو

جنازي نماز ۾ وڏي انگ ۾ صحافين، مائٽن مٽن، سياسي سماجي اڳواڻن سنڌس پٽن فهيم احمد دايو فرحان علي دايو منير احمد دايو سياسي سماجي اڳواڻ شهري فورم چيئرمين پير سيد آصف علي شاهه جيلاني،پي پي اڳواڻ صاحبزاده پير احمد رضا شاهه پير عبدالسمي شاهه جيلاني، پي پي اڳواڻ ڪائونسلر پير سيد فرزند علي شاهه، پير سيد مظفر علي شاهه، سئينير صحافي شڪيل احمد شيخ، صدر پريس ڪلب عبدالرحيم سولنگي، جنرل سيڪريٽري آغا منظور علي انصاري، صحافي سرمد نثار پٺو فقير محمد عباسي، جعفر علي راڄپر اقبال جماڻي، محسن دايو نور محمد پٺو صحافي حميرالرحمان ميمڻ فهيم ڏهر صحافي اسرار عمراڻي، امير يار شاهاڻي، صحافي سيد پياس علي شاهه، ضغيم عباس مغل، زئوار علي بخش انصاري، شاهد علي انصاري، طارق جماڻي، زوار علي شير دايو ڪاشف حسين دايو صحافي جميل شيخ، استاد عبدالواحد بروهي، مولوي نور محمد ميمڻ، ارشاد دايو محمد حسن جماڻي، وقار دايو ماجد دايو نسيم شر نور الدين شر افضل گلال، صحافي لعل ڏنو سهتو صحافي بهادر ڪوڪ استاد لياقت لاڙڪ، اڳوڻو صدر پريس ڪلب سڪندر ڪرل، صحافي شبير جعفري، گدا حسين گهاٽڪهرو حاجي سرور راڄپر ۽ ٻيا وڏي انگ ۾ شريڪ هئا. جنهن بعد مرحوم کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته صحافي فاروق دايو سان تعزيتن جو سلسلو هلندڙ آهي.

بقايا | 45 | سلسلو جاري

کي مبارڪباد جو سلسلو جاري آهي. ان موقعي تي، اديب شعر سنگت جي حڪيم گل ۽ ڊاڪٽر برڪت بليدي، جرنلسٽ پينل سکر پريس ڪلب ۽ ڪئميرامين ۽ فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن جي نئون چونڊيل بنا مقابلي عهديدارن ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن کي گلن جي هار پارائي ۽ انهن کي مبارڪباد ڏني.

بقايا | 46 | ملاقات ڪئي

کان ڊاڪٽر رئوف شيخ، منيلا فلپائين کان خادم حسين، ڪينيڊا کان ناصر جمال پٺاڻ برطانيه کان شاد غلام علي، ڪينيڊا کان زاهد علي شاهه، فلپائين کان رباب مهر جاپان کان محسن ايوب، اوساڪا کان ذوالفقار مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي اياز لطيف پليجو آيل مهمانن کي سنڌي ثقافت لنگهين جو تحفو پيش ڪري سنڌن شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ عالمي، ملڪي ۽ سنڌ جي صورتحال تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. ان موقعي تي اياز لطيف پليجي ڳالهائيندي چيو ته دنيا ۾ پکڙيل سنڌي سنڌ جا سفير آهن. پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان پاڻ مڃائي رهيا آهن. انهن ملڪن جي ترقي ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري رهيا آهن. لطيف امن، رواداري ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي. دنيا کي جنگين نه امن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن پيپلز پارٽي حڪومت چاهي ته سنڌ دنيا جي ترقي سان گڏ بيٺل هجي ها. وفاق سنڌ کي ڪريشن جي ڪالوني بنائي سؤ سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته اڌ سنڌ ڌاڙيلن جي حوالي آهي. وسيلا، زمينون، درياهه وڪرو ڪيا ويا آهن. زراعت کي هٿ وٺي تباهه ڪري آبادگارن ۽ هارين جو معاشي قتل ڪيو ويو آهي. عورتون، ٻار ۽ اقليتون محفوظ ناهن. نياڻيون اغوا ڪري زبردستي مذهب تبديل ڪري شاديون ڪيون وڃن ٿيون. حڪمرانن سنڌ کي انساني حقن جي بدترين ڀڃڪڙين جو مثال بنائي ڇڏيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته ٻاهر رهندڙ سنڌي سنڌ ۾ تعليم ۽ صحت جي بهتري لاءِ ڪردار ادا ڪن. ٻاهرين ملڪن ۾ اسڪالرشپ ۽ نوڪرين جا موقعا حاصل ڪرڻ جا رستا ڏيکارين سنڌ جا نوجوان محنتي ۽ ذهين آهن. ميرٽ ذريعي اڳتي وڌڻ چاهين ٿا.اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي سنڌ ۾ گذريل 18 سالن کان وٺي حڪومت نه بادشاهت قائم آهي پيپلزپارٽي سنڌ کي پنهنجي جاگير سمجهي ٿي. پيپلزپارٽي ۽ زرداري کي مڳي آهي اهي سمجهن ٿا ته ست ڪروڙ سنڌي سنڌن کيسي ۾ پيل آهن وڏيرا، سردار جاگيردار ڪرپٽ ڪامورا توهان جا غلام ٿي سگهن ٿا پيپلزپارٽي جو دماغ خراب آهي ست ڪروڙ سنڌي غلام نه آهن. هن وقت سنڌ بک، ڪرپشن، بدامني لاقانونيت، منشيات، قبائليت دهشتگردي ۾ گهيريل آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ ڏوهه، ڌاڙيل ڪلچر منشيات، غربت، صحت، تعليم ۽ ڪرپشن وڏا چيلينج آهن. سنڌ جا ماڻهو معاشي استحصال، بيڊ گورننس جو شڪار آهن. سنڌ کي تعليم ، سائنس، سياسي، سماجي ۽ معاشي انصاف ۽ ترقي گهرجي. غربت جو خاتمو ۽ برابري گهرجي.ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو نذير ٿهيم، ايڊووڪيٽ ساحر پليجو زينت سمون، شهربانو راهوجو نصرت خاصخيلي، صبا سمون، جوش اياز ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا | 47 | ولاسائي جي تعزيت

گهنرومل ديال داس، ڏامرو مل، ملجي راٺوڙ ڪنور سيٺ آتم صالحاڻي، جبار لنڊ، تيرٿ مهراج ۽ ٻين ڳوٺ هريار پهچي ڪجهه ڏينهن اڳ خودڪشي ڪندڙ گورڌن مينگهواڙ جي وارثن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو هن ڳوٺ هريار ۾ نهال پارواڻي پاران ڏنل چانهه پارٽي ۾ شرڪت ڪئي. ڳوٺ امن آباد ۾ ماسٽر جيرام داس جي ديهانت تي تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي.

هالا لڳ ٽرالر جو وين سان خوفناڪ ٽڪر، ٻارڙي سميت 2 ڄڻا فوت، 5 زخمي

نيشنل هاءِ وي تي ڀنيرا ڦاٽڪ وٽ تيز رفتار ٽرالر جو مسافر وين سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ 13 سالن جي مرڪ خاصخيلي ۽ 50 ورهين جو هڪ شخص فوت ٿي ويا

حادثي بعد وين ۾ ڦاٿل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ ڪرين گهرائي ماڻهن کي ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو

هالا (رپورٽ: عبدالرحيم ميمڻ) هالا نيشنل هاءِ وي تي ڀنيرا ڦاٽڪ وٽ تيز رفتار ٽرالر جووين سان خوفناڪ ٽڪر معصوم ٻارڙي سميت 2 ڄڻا فوت 5 زخمي هالا نيشنل هاءِ وي تي ڀنيرا ڦاٽڪ وٽ تيز رفتار بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: اڏيرو لال ويلفيئر پاران ڪرايل اجتماعي شادين جي تقريب ۾ صوبائي صلاح ڪار شام سندر آڏواڻي تعلقي چيئرمين غلام مرتضيٰ جوڻيجو ۽ ٻيا ڳالهائي رهيا آهن

اڏيرو لال ويلفيئر پاران 250 جوڙن جي اجتماعي شادي تقريب

ٽنڊو آدم، شهدادپور، جهول، سنجهورو، سانگهڙ ۽ ٻين علائقن جا جوڙا پهتا

وڌندڙ غربت سبب غريب طبقو پنهنجن ٻارن جون شاديون ڪرائڻ کان لاچار آهي:بابا راڄڪمار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم ۾ اڏيرو لال ويلفيئر پاران 250 جوڙن جون اجتماعي شاديون ڏاج ۽ ساني جو بہ اهتمام رپوٽ موجب ٽنڊو آدم ۾ سماجي تنظيم اڏيرو لال ويلفيئر پاران هر سال وانگر هن سال بہ اجتماعي شادين جي شاندار تقريب ڪرائي وئي، جنهن دوران 250 جوڙن جون اجتماعي شاديون ڪرايون ويون تقريب ۾ 100 مسلمان 100 هندو ۽ 50 عيسائي جوڙن بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو پرسان روڊ ڪراس ڪندڙ مٿان ٽرالر چڙهي ويو، همراه ٿڏي تي فوت

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو قومي شاهراه تي ڊوڙا اسٽاپ پرسان روڊ ڪراس ڪندڙ جي مٿان ٽرالر چڙهي ويو جنهن بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ چينگچي تي وڏي انگ ۾ ماڻهو سفر ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ گهر اندر واردات دوران پوليس مقابلو، 3 ڌاڙيل مارجي ويا، هڪ زخمي گرفتار

بفرزون ۾ هٿيارٻندن گهر ۾ داخل ٿي پاڻين کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪري فرار ٿي رهيا هئا

اطلاع تي پوليس پهچي جوابدارن سان مقابلو ٿيو، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا

مارجي ويلن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي، هڪ جوابدار قيوم ولد محبوب زخمي حالت ۾ سوگهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تيموريا پوليس ٿاڻي جي حد ۾ واقع گهر نمبر 609، سيڪٽر 15 A/1 بفرزون ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي هڪ سنگين واردات دوران پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو چار (04) نامعلوم هٿياربند بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سجاول سيد پور پرسان روڊ حادثو، عورتن ۽ ٻارن سميت 15 ڄڻا زخمي

سوزوڪي پڪ اپ جو ٽائر اوچتو برسٽ ٿيڻ سبب گاڏي ڪلٽي ٿي وئي

حادثي سبب مريم، جولي، سويرا ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

سجاول (د ر) حادثو سيد پور روڊ تي پيش آيو جتي سوزوڪي پڪ اپ جو ٽائر اوچتو ڦاٽي پيو جنهن سبب گاڏي ڪلٽي ٿي وئي حادثي جو شڪار ٿيل پورهيت ٻڌايا وڃن ٿا جيڪي سولنگي اسٽاپ تي مزدوري ڪرڻ بعد پنهنجي گهرن ڏانهن واپس وڃي رهيا هئا اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ زخمين کي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ چوهاڻ ۽ بليدي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ چوهاڻ ۽ بليدي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي علائقي نيو سٽيءَ ۾ معمولي ڳالهہ تان بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ عورت ۽ سنڌس ٻارڙن کي بيدردي سان قتل ڪندڙ جوابدار سوگهو، ڏوهہ جو اعتراف

مائي ڪولاچي ويجهو ماءُ ۽ ٽن ٻارن جي قتل بعد لاش مين هول ۾ اڇلائيندڙ جوابدار گرفتار ڪيو ويو

جوابدار مسرور حسين ابتدائي جاچ دوران ئي چئن ڄڻن جي قتل جو اعتراف ڪري ورتو آهي

عورت ڪارو جادو ڪري بليڪ ميل ڪندي هئي، جنهن ڪري انيلا ۽ سنڌس ٽن ٻارن کي قتل ڪيو: جوابدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ساحلي علائقي مائي ڪولاچي ويجهو ماءُ ۽ ٽن معصوم ٻارن جي بي رحمانہ قتل بعد لاش مين هول مان ملڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار کي پوليس گرفتار ڪري ورتو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

راضيديرو ۽ ڀرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، موٽرسائيڪل ڦر، هڪ زخمي

راضيديرو(ن ع) راضيديرو ۽ ان جي ڀرپاسي جي ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن ۾ ڏوهي ڪاروائين جو عمل گهٽجي نہ سگهيو هر روز جي بنياد تي موٽر سائيڪلن جي ڦرجڻ جو ڪڏو ڪاروبار رڪجي نہ سگهيو گمبٽ شهر بہ وارداتن جو گهيرجڻ هڪ خواب بڻجي ويو گمبٽ جي سنڌ بينڪ جي ملازم ذوالفقار اڄ کان گمبٽ کهڙا روڊ نامعلوم هٿيارٻندن جي ڪسان پيٽرول پمپ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هوائي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ٻارڙو اسپتال ۾ داخل آهي

قاضي احمد ٽول پلازه ويجهو چوپائي مال سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي، 5 ڄڻا زخمي، چوپايو مال مري ويو

چوپائي مال سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي ٿيڻ سبب 150 کان وڌيڪ رڍون ۽ ٻڪري مري ويون، ٽرالر ۾ سوار 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

حادثي جو شڪار ٽرالر چوپايو مال پنجاب کان ڪراچي کڻي وڃي رهيو هو تہ ٽول پلازه وٽ حادثو پيش آيو

زخمين کي تعلقا اسپتال منتقل ڪيو، ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو آهي، ذميوار موٽروي پوليس آهي:واپاري

دولتپور صفن (رپورٽ جي ايم جوڻيجو) قاضي احمد ٽول پلازه ويجهو چوپائي مال سان ڀريل ٽرالر اوچتو ڪلٽي ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 150 کان وڌيڪ رڍون ۽ ٻڪريون مري ويون، جڏهن تہ ٽرالر ۾ سوار بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ ٽن نياڻين جي ماءُ ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور لڳ ڳوٺ راضي خان زرداريءَ ۾ هڪ گهر اندر ٽن نياڻين جي ماءُ 26 ورهين جي شازيہ زال غلام شبير زرداري گهر اندر ڪمري جي گاڊر ۾ رڳو ٻڌي مبينہ طور ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي اطلاع تي مقصود رند پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سمس اسپتال شهدادپور آندو. جتي ڊاڪٽرن فوتڻ جي فوت جي تصديق ڪري لاش بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

معذور ڪوٽا تي نوڪريون نہ ملڻ خلاف معذورن جو احتجاج

چام صاحب (ن ع) معذور ڪوٽا تي نوڪريون نہ ملڻ خلاف معذورن پاران خادم حسين شيخ جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي معذورن چيو تہ اسان ڪيترن ئي ڏينهن کان دانهون ڪري رهيا آهيو ڪير بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

چام صاحب: معذور ڪوٽا تي نوڪريون نہ ملڻ خلاف معذورن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ميزباني ۾ صحافتي ڪنوينشن اڄ شروع ٿيندو

ڪنوينشن ۾ شرڪت لاءِ پي ايف يو جي جي مرڪزي صدر افضل بٽ حيدرآباد پريس ڪلب پهچي ويو

ڪنوينشن جو مقصد صحافين جا مسئلا، اظهار راءِ جي آزادي، تحفظ ۽ حقن بابت حڪمت عملي جوڙڻ آهي:اڳواڻ

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ميزباني ۾ صحافتي ڪنوينشن اڄ 5جنوري سومر جي ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڏينهن جو12وڳي شروع ٿيندو سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر وسيم خان سيڪريٽري چانڊ فريد لاکو چيو آهي تہ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ميزباني هيٺ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ صحافتي ڪنوينشن منعقد ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ سنڌ سميت ملڪ جي مختلف علائقن مان سينيئر صحافي شرڪت بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ محمد امين مگسي جي پنجين ورسي تي ادبي ڪانفرنس

محمد امين مگسي ادب، ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو رول ماڊل، سنڌ دوست، وطن دوست ڪردار هو:مقرر

لکيل ڪتاب ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهہ آهن، سندس شخصيت تي فلم ۽ ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ گهرجي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ميهڙ: ناميياري اديب، محقق اسڪالر سنڌي ادبي سنگت ضلع ڪراچي جي اڳوڻي ضلعي رابطا سيڪريٽري محمد امين مگسي جي پنجين ورسي، سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ پاران ميهڙ ۾ سگا آفيس محمد امين مگسي ادبي ڪانفرنس، ناميارو اديب، محقق اسڪالر سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس دادو جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهہ، ٽنگر چنا، معين مگسي ايڊوڪيٽ، علام احمد ذهين مگسي، آزاد انور ڪانڌڙو معصوم بخاري امتياز عادل سومرو سليم مگسي سرمد بروهي ۽ ٻيا بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: ضلعي شوريٰ جو ماهوار اجلاس، علائقائي مسئلن تي غور

ٽنڊوالهيار (د ر) پاڪستان راهہ حق پارٽي، سني رابطا ڪائونسل ۽ علما ڪميٽي ٽنڊوالهيار جي ضلعي شوريٰ جو ماهوار اجلاس صوبائي ترجمان سيد سڪندر شاهہ جي صدارت هيٺ ضلعي آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي علام حيات حيدري چيو تہ حضرت امير معاويہؓ جي يوم وفات 22 رجب، مطابق 12 جنوري بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پنگريو پرسان اولياءُ خانشاهہ جي 175 هين عرس مبارڪ تي بيلهاڙو جا مقابلا

پنگريو (ن ع) پنگريو پرسان اولياءُ خانشاهہ جي 175 هين عرس مبارڪ تي سنڌ جي مشهور راند بيلهاڙو جا مقابلا ٿيا جنهن ۾ منظور پٽي ڏاهد لنڊ سان بجلي شيدي مختيار لنجواڻي سان خالد خاصخيلي ڏاڪر ملڪ سان قاسم خاصخيلي لالا عرفان پٽي سان حسينين شاهہ امين پرڳڙي سان وحيد دلواڻي رجب پنهور سان مڪڙي شيدي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ شخص گهوٽ جي ڪاڄ لاءِ ڪار سنگهاري رهيو آهي

حيدرآباد: ساليائي بندي جي موقعي تي ڪجهہ نوجوان پنجاري سان مڇي ماري رهيا آهن

شهيد بينظير آباد پوليس جي ساليائي ڪارڪردگي رپورٽ جاري

سال 2025 دوران قتل جا 59 ڪيس داخل ڪيا ويا، جن ۾ 183 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

سال جي عرصي دوران پوليس جا 100 مقابلا ٿيا، 6 ڏوهاري مارجي ويا، 71 زخمي حالت ۾ گرفتار

نوابشاهہ (س ر) شهيد بينظير آباد پوليس جي ساليائي ڪارڪردگي رپورٽ جاري، 2025 دوران ڏوهن خلاف وڏيون ڪاميابيون بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سانگهڙ ۾ پ پ سان لاڳاپيل عنصر امن و امان خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو پيا: سردار عبدالرحيم

ايم ايس ايف صدر محسن قادر هنگورو سميت 80 نوجوانن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

داخل ڪيس ختم نہ ٿيا تہ فنڪشنل ليگ پاران ڀرپور نموني احتجاج ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم سانگهڙ ٿاڻي ۾ ايم ايس بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

بلوچستان ۽ سنڌ جا ڏک هڪجهڙا آهن ۽ عوام بنيادي حقن کان محروم آهي: عبدالمجيد باديني

پنهنجي حقن لاءِ عوام کي جاڳڻو پوندو، سڙيل نظام ۽ قيادت جي تبديلي سان ئي بهتري اچي سگهجي ٿي

نظام کي تبديل ڪرڻ جو نعرو هاڻي ماڻهن جي دلين جي آواز بڻجي چڪو آهي: ايم پي اي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

راڻيپور لڳ جتوئي ۽ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار جو نبيرو، 60 لک رپيا ڏنڊ مقرر

راڻيپور دستگير هائوس تي پير سورج دستگير ۽ پير سيد فياض حسين شاهہ جيلاني جي سرپرستي ۾ فيصلو ٿي گذريو

ناريجا ڌر تي مجموعي طور تي 60 لک ڏنڊ مقرر ڪيو ويو، ٻئي ڌريون کير ڪنديون

راڻي پور (ن ع) جتوئي ۽ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو راڻيپور دستگير هائوس تي پير سيد سورج دستگير شاهہ جيلاني ۽ پير سيد فياض حسين شاهہ جيلاني سردار معظم خان بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: حضرت علي عہ سلام جي ولادت جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

سکر ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ حسين لاشاري ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ تاج محمد لاشاري قتل ٿي ويو

برادري جي ماڻهن گهر تي حملو ڪري تاج محمد لاشاري کي قتل ڪيو آهي:وارث

سکر(بيورو رپورٽ)سکر جي ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ حسين لاشاري ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ڳوٺاڻو تاج محمد لاشاري قتل ٿي ويو،مقتولن جي وارثن موجب برادري جي ماڻهن گهر تي حملو ڪري تاج محمد لاشاري کي قتل ڪيو آهي،پوليس موجب قتل ٿي ويل تاج محمد لاشاري کي پوئين پاسي کان مٿي ۾ گوليون لڳل آهن پوليس لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو.

ڪبيروالا روڊ حادثو: خيرپور واسي ٻيو ڄڻو بہ فوت

گمبٽ کان پنجاب ويندڙ واپارين سان حادثي ۾ فوتين جو انگ ٻہ ٿي ويو

زخمي غلام مصطفيٰ عرف خضر ناريجو اسپتال ۾ دم ڏني لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

خيرپور(د ر) گذريل ڏينهن پنجاب جي علائقي ڪبير والا ۾ روڊ حادثي ۾ وڌيڪ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو فوتين جو انگ وڌي ٻہ ٿي ويو گمبٽ کان پنجاب واپار جي سلسلي ۾ ويندڙن سان گذريل ڏينهن روڊ حادثو پيش ٿيو هيو جنهن دوران جي ڊي اي اڳواڻ حاجي امان الله ناريجو موقعي تي فوت ٿي ويو هيو ٻہ ڄڻا زخمي ٿي پيا هيا زخمين مان هڪ ڄڻو غلام مصطفيٰ عرف خضر بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين: شهري اتحاد جي نئون چونڊيو عهديدارن جو گروپ فوٽو

ڳڙهي ياسين شهري اتحاد جا نئين سال 2026 لاءِ عهديدار چونڊيا ويا

بابر خان پٺاڻ چيئرمين، وفا عباسي صدر، ممتاز علي سومرو جنرل سيڪريٽري مقرر

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين شهري اتحاد جي نئين سال 2026 لاءِ عهديدار چونڊيا ويا چيئرمين بابر خان پٺاڻ صدر وفا عباسي، سينئر نائب صدر سيد اياز علي شاهہ، نائب صدر فقير شهاب الدين مهر جنرل سيڪريٽري ممتاز علي سومرو،ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبد الخالق مهر رابطہ سيڪريٽري جانشير ملڪ خزانچي انيس الرحمان چنہ پريس بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: نالي وارو اسٽيج ڊراما ڊائريڪٽر جي آر پنهور لاڏاڻو ڪري ويو

غلام رسول پنهور ڪجهہ وقت بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو

مرحوم کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

شهدادپور (ن ع) نالي واري هدايتڪار ڊائريڪٽر اسٽيج ڊرامن جي دنيا جو بادشاهہ جي آر پنهور المعروف غلام رسول پنهور ڪجهہ وقت بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ جوڻيجا ۽ ڪوسا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، احتجاج

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد جي جوڻيجا برادري جي سجاد علي نادر علي طالب علي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو تہ گذريل ڏينهن ڪوسا برادري بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪپرو لڳ ويگن ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ ٽڪر، واپاري فوت

ڪپرو(ن ع) ڪپرو ميرپورخاص روڊ تي ويگن ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر لڳڻ سبب ڳوٺ بالاچ بگٽي واسي چوپائي مال جو واپاري رضامحمد بگٽي زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال ڪپرو آندو ويو جتان وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد نيو پيو ويو تہ رستي ۾ فوت ٿي ويو فوتي جو مڙهہ گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

باڊهہ کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو

شهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

ٽٽل روڊ، صاف پاڻي، صحت ۽ تعليم جهڙين سهولتن اڻاٺ، باڊهہ انتظامي طور لاوارث آهي: مظاهرين

باڊهہ (ن ع) "حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو باڊهہ کي تعلقو ڪيو" لاڙڪاڻي ضلعي جو آبادي ۽ ايراضي جي لحاظ کان ٻيو نمبر وڏو شهر باڊهہ سالن کان تعلقي جي درجي لاءِ جدوجهد ڪرڻ باوجود اڄ بہ حڪمرانن جي بي حسي، واعدي خلافين ۽ نظرانداز جو شڪار بڻيل آهي حڪمرانن جي مسلسل ڪن لاتار خلاف شهري هڪ ڀيرو ٻيهر سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي نڪري آيا، جتي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهہ تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڈہ تحصیل کا نوٹیفکیشن جاری کرو
BADAH TALUKA MOVEMENT
WE WANT BADAH AS TALUKA

باڊهہ: تعلقي موومينٽ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٿرپارڪر: ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 40 ڏينهن احتجاج جاري

ڪامريڊ دليپ ڪمار ماروي ڪولهي ۽ مقامي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ بک هڙتال ڪئي وئي

جبلن جي بچاءُ لاءِ مقامي آبادي هر فورم تي آواز اٿاريندي: مظاهرين

ٿرپارڪر(ن ع) ڪارونجهر سڄاڳ فورم طرفان ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 40هين ڏينهن بہ احتجاج جاري، ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو ڪوسو غلام مصطفيٰ دل جي اڳواڻي ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 40هين ڏينهن بہ بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو احتجاجي ڪئمپ تي ،ڪامريڊ دليپ ڪمار ،ماروي ڪولهي سجاد ڪوسو ،زوار ڪوسو سميت بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

مسڻ وڏي: نصير ڪئنال مان نڪرندڙ ناڳناهہ شاخ جي پوڇڙ مان گهارو، فصل پاڻي هيٺ

پير حاجن شاهہ جي زرعي زمين وٽان شاخ پلٽي وڃڻ سبب ناڳناهہ شاخ ۾ گهارو پئجي ويو

ڪڻڪ ۽ ڪمند جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويا، مقامي زميندارن کي نقصان جو خدشو

مسڻ وڏي(ن ع) پرسان يوسي دريا خان مري ۾ نصير ڪئنال مان نڪرندڙ ناڳناهہ شاخ جي پوڇڙ کان گهارو پئجي ويو ڪڻڪ سميت ڪمند جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو رپورٽ ٽنڊوالهيار جي نصير ڪئنال مان نڪرندڙ ناڳناهہ شاخ جي پوڇڙ پير حاجن شاهہ جي زرعي زمين وٽان گهارو پئجي ويو يوسي پاڪ سنگهار يوسي ڪامارو شريف، يوسي بيگن جروار يوسي مسڻ ۽ يوسي دريا خان مري جي زرعي زمينن کي پاڻي فراهم ڪندڙ ناڳناهہ شاخ جي پوڇڙ يوسي دريا خان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪيٽي بندر ويجهو ٻڏي ويل نوجوان جو لاش هٿ

ڳوٺ ابو جت واسي نوتڪ جت پير ترڪڻ سبب سمنڊ ۾ ڪري پيو

ريسڪيو ٽيم ۽ ڳوٺاڻن 36 ڪلاڪن بعد لاش هٿ ڪري ورتو

گاڙهو (ن ع) 36 ڪلاڪ پهرين ڪيٽي بندر جي پوري بيٽ وٽان ڳوٺ ابو جت جو رهواسي نوتڪ جت گهر لاءِ ٻارڻ جون ڪاٺيون ميڙڻ ويو تہ پير ترڪڻ وڃڻ سبب گهري سمنڊ ۾ ڪري ٻڏي ويو ريسڪيو ٽيم ۽ ڳوٺاڻن پاران 36 ڪلاڪ جي ڳولا بعد سنڌس لاش هٿ ڪيو ويو جنهن مقامي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو آهي سنڌس وارثن ڪنهن تي بہ شڪ ظاهر ناهي ڪيو

بهاولپور: نوجوان روڊ ڪناري روائيتي راند کيڏي رهيا آهن

سکر ۾ جي يو آءِ ضلعي سکر جو اهم اجلاس، تربيتي ڪنوينشن ۽ امن تحريڪ جو فيصلو

4يا 5 فيبروري 2026 تي ٻہ ڏينهن وارو ضلعي تربيتي ڪنوينشن منعقد ڪرڻ جو متفق فيصلو

سکر ۾ وڌندڙ بدامني چورين ۽ ڦرن تي سخت ڳڻتي، امن امان لاءِ تحريڪ هلائڻ جو اعلان

سکر (بيورو رپورٽ)جمعيت علماءِ اسلام ضلع سکر جي مجلس عامله ۽ ضلعي جي سمورين تعلقن جي اميرن ۽ نظماءِ عام جو گڏيل ۽ اهم اجلاس جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن حماديہ، پيٺارو واهہ روهڙي ۾ منعقد ٿيو اجلاس جي صدارت جمعيت علماءِ اسلام ضلع سکر جي امير حضرت مولانا محمد صالح انڍڙ ڪئي جڏهن تہ اجلاس جي ڪارروائي سيڪريٽري جنرل حافظ عبدالحميد مهر هلائي اجلاس دوران حافظ عبدالحميد مهر تنظيمي ايجنڊا پيش ڪندي ضلعي جي تنظيمي صورتحال موجوده حالتن ۽ مستقبل جي لائحہ عمل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ملتان: وڏي انگ ۾ ڪبوتر داڻو چڳي رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ تيز رفتار مسافر وين ڪلٽي، هڪ نينگري فوت، 14 مسافر زخمي

سکر ويندڙ مسافر وين ٽول پلازه پرسان ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي ڪري پئي

حادثي جي نتيجي ۾ نينگري هانيہ، زينب، محمد رفيق لهڙ، خادم سميت 15 مسافر زخمي ٿيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي نينگري زينت ڪوسو زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد ۾ تيز رفتار مسافر وين ڪلٽي، هڪ نينگري فوت، 14 مسافر زخمي، مسافر زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل خبر موجب: جيڪب آباد کان سکر ويندڙ مسافر وين آباد ٿاڻي جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مورو:زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

مورو ويجهو جهيڙو عورت سميت چار ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

مورو (ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ ٽيال ۾ جهيڙو هڪ عورت سميت چار ڄڻا عمران علي ڪامران علي رحمان علي ۽ ارمان علي ماڇي زخمي ٿي پيا جن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران طبي امداد ڏني وئي ان موقعي تي عبدالوحيد بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ شخص سائيڪل تي ٿيلين مان ٺاهيل استعمال جون شيون وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

پنوعاقل لڳ پرائمري اسڪول ڪيترن ئي سالن کان بند، احتجاج

ڪڏهن ڪڏهن استاد اچن ٿا، پر باقاعده تعليمي عمل شروع ناهي ٿيو: ڳوٺاڻا

فوري نوٽيس وٺي اسڪول کولرايو وڃي ۽ استاد مقرر ڪيا وڃن

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي ڪچي واري علائقي ۾ جام خضر ڳوٺ سميت ڀرپاسي جي ڏهن کان وڌيڪ ڪچي جي ڳوٺن جو مين پرائمري اسڪول ڪيترن ئي سالن کان بند پيل آهي، جنهن سبب معصوم ٻار تعليم جي زيور کان محروم بڻيل آهن علائقي واسين موجب اسڪول ۾ مقرر استاد ڊيوٽي تي حاضر نٿا ٿين جڏهن تہ ٽي اي او ايجوڪيشن مبينا طور ماهوار عيوض وٺڻ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ ادبي تقريب قبيلائي دهشتگردي خلاف احتجاج ۾ تبديل

شاعرن اديبن بدامني ۽ قبيلائي دهشتگردي ۾ انتظاميا ۽ بااثر ماڻهن کي ذميوار قرار ڏنو

نسيم بخاري جي سالگرهہ تقريب دوران امن، شعور ۽ سماجي ذميواري بابت ڪيل ڳالهيون

شڪارپور (د ر) شڪارپور ۾ ادبي تقريب قبيلائي دهشتگرديءَ خلاف زبردست احتجاج ۾ تبديل ٿي وئي شاعرن اديبن ۽ ڪالم نگارن قبيلائي دهشتگردي، بدامني ۽ ٻين سماجي ڏوهن ۾ ضلعي انتظاميا، چونڊيل نمائندن ۽ علائقي جي بااثر ماڻهن کي ملوث قرار ڏئي ڇڏيو شاعر اديب ۽ ڪالمسٽ نسيم بخاريءَ جي سالگرهہ جي تقريب قبيلائي دهشتگرديءَ خلاف زبردست بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ رولو ڪتن جو آزار، ٻن ٻارن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

خيرپور(د ر) خيرپور ۾ ڪيترن ئي عرصي کان ڪتا مار مهم شروع نہ ٿيڻ سبب رولو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: جتوئي برادري جي ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران نوجوان قتل

پير شير ايت عاقل ٿاڻي جي حد ڳوٺ پيربخش جتوئي ۾ فائرنگ، ٻہ ڄڻا زخمي ٿي پيا

17 ورهين جو عبدالغفار جتوئي ٽراما سينٽر ۾ زخمن جي سٽ نہ سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

نوجوان ڌرين کي ڇڏائڻ جي ڪوشش دوران گولي لڳڻ سبب مارجي ويو آهي: وارث

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور جهيڙي دوران گوليون لڳڻ سبب نوجوان قتل ان ڏس ۾ ڪالهہ لاڙڪاڻي جي پير شير ايت عاقل ٿاڻي جي حد ڳوٺ پيربخش جتوئي ۾ جتوئي ذات جي ٻن ڌرين ۾ مبينا طور جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب 17 سالا نوجوان عبدالغفار پٽ عبدالستار جتوئي ۽ سنڌس سئوٽ محمد عيسيٰ پٽ عبدالقيوم جتوئي سخت زخمي ٿي پيا، جن بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڏوڪري مست غلام نبي شاهہ محلي جي مين گهٽي نالين جو گندو پاڻي بيٺل احتجاج

انتظاميا جي لاپرواهي سبب برساتي پاڻي ۽ نالن جو گندو پاڻي بيهڻ معمول آهي: رهواسي

پي پي قيادت، چونڊيل نمائندن ۽ وزيراعليٰ سنڌ معاملي جو نوٽيس وٺي

ڏوڪري (ت ر) ڏوڪري شهر جو مين پاڙو مست غلام نبي شاهہ محلا نظر انداز مسلسل انتظاميہ جي ڪن لاڪان روڊ رستا ناڪاره بيٺل علائقي ۾ سهولتون نہ هئڻ سبب علائقي واسين ۾ مايوسي پکڙيل پي پي قيادت کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل تفصيل موجب ڏوڪري شهر جو مين پاڙو مست غلام نبي شاهہ محلا ترقياتي ڪم نہ ٿيڻ ڪري علائقي واسين ۾ مايوسي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڏوڪري: شهر جي گلين ۾ گندو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

نوابشاهہ ۾ سڪرنڊ واسي پيرسن جو بااثرن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

نوابشاهہ(س ر) تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ صاحب خان جمالي جو رهواسي پيرسن پورهيت غلام مصطفيٰ جمالي نوابشاهہ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪرڻ بعد احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي تہ سال 2023ع ۾ ڳوٺ جي ٻن بااثر ماڻهن مظفر جمالي ۽ زاهد جمالي منهنجي پٽ کي سرڪاري نوڪري ڏيارڻ جي نالي تي 6 لک روپيا ٺڳي ورتا غلام مصطفيٰ جمالي ٻڌايو تہ جوابدارن دعويٰ ڪئي هئي تہ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

نيڙهي شهر ۾ مٺو پاڻي اڻلڀ، 6 فلٽر پلانٽ غير فعال، شهري پريشان

رهواسي شهر کان پري علائقن تائين وڃڻ يا مهانگي اگهہ تي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور بڻيل

ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تعمير ڪيل اهي فلٽر پلانٽ ٺهڻ شرط ئي غيرفعال ٿي ويا:شهري

اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي غيرفعال فلٽر پلانٽن کي ترت فعال ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

خيرپور(د ر) خيرپور لڳ نيڙهي شهر ۾ صاف ۽ مٺو پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ بڻجي ويو شهر اندر لڳل مٺي پاڻيءَ جا 7 فلٽر پلانٽ موجود هجڻ باوجود 6 مڪمل طور غيرفعال آهن فلٽر پلانٽن جي بند هجڻ سبب بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ بحران معاشي نہ پر سياسي آهي: مولا بخش چانڊيو

سياسي پارٽين کي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن

پ پ پنهنجي جرنل جي تعريف ڪئي آهي اها ڪا خراب ڳالهہ ناهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ مولابخش چانڊيو چيو آهي تہ ملڪ ۾ بحران معاشي نہ پر سياسي آهي سياسي پارٽين کي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن مخالف ڌر کي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهہ نون چونڊيل حيدرآباد پريس ڪلب جي عهديدارن کي مبارڪ ڏيڻ دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو مولابخش چانڊيو چيو تہ صرف صدر آصف علي زرداري ئي ملڪ جو بحران حل ڪري سگهي ٿو هو مفاهمت جو بادشاهہ آهي سياسي پارٽين بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪمال ڏيرو پرسان چورن جي مال جي واڙي تي ڪاهہ، 7 ڇيلا چوري

ڪمال ڏيرو(ن ع)ڪمال ڏيرو پرسان ڪچي جي علائقي ٻڪري ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ چتو سولنگي ۾ نامعلوم چور ڳوٺاڻي خادم حسين سولنگي جي اوطاق تي مال واڙي تي ڪاهہ ڪري واڙي تي سٺل همراهہ کي يرغمال بڻائي . پلوڙ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڳاڙهو: فوتي شخص جو لاش گاڏي ۾ پيل آهي

يوم ولادت باسعادت حضرت علي عہ جي موقعي تي شاندار تقريبون

امام بارگاهہ قصر حسيني لقمان، هاشميہ امام بارگاهہ لقمان، امام بارگاهہ قصر حسيني سيده ۾ تقريبون منعقد

ذاڪرين ۽ مولانا غلام شبير حيدري، سيد ظهير شاهہ، علامہ انصار ثقلين جعفري، سيد عباس جعفري ۽ ٻين جي شرڪت

خيرپور (د ر) حضرت عليؑ ڪرم الله وجہ جي ولادت باسعادت جي موقعي تي خيرپور جي مختلف علائقن ۾ شاندار تقريبون منعقد ڪيون ويون جشن جي موقعي تي آتشبازي جا زبردست مظاهرا ڪيا ويا ۽ ڪيڪ ڪٽيا ويا امام بارگاهہ قصر حسيني لقمان هاشميہ امام بارگاهہ لقمان ۽ امام بارگاهہ قصر حسيني سيده ڳوٺ ۾ جشنِ مولودِ ڪعبہ حضرت عليؑ ڪرم الله وجہ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو تقريبن جي صدارت مولانا غلام شبير حيدري ڪئي جڏهن تہ سيد ظهير شاهہ سميت ڪيترن ئي معزز شخصيتن شرڪت بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ناميناري شاعر بيخود بلوچ جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب "اڳتي وڌو" جي رونمائي تقريب

سوڀهن پبليڪيشن پريالوءِ طرفان ڇپايل ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ بامقصد نظم ۽ گيت شامل

ٻاراڻي ادب جي چاهيندڙن ۽ ٻارن کي اهو ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ گهرجي تہ جيئن ٻاراڻي ادب کي هٿي ملي: بيخود بلوچ

پنوعاقل (ن ع) پنو عاقل ۾ ناميناري شاعر ٻالڪ ادب جي سگهاري نالي بيخود بلوچ جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو ٻيون مجموعو "اڳتي وڌو" سوڀهن پبليڪيشن پريالوءِ طرفان ڇپجي پڌرو ٿي ويو آهي ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ بامقصد نظم ۽ گيت شامل آهن ڪتاب جو مهاڳ سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر ۽ محقق اختر درگاهي لکيو آهي جڏهن تہ بيڪ ٽائيٽل سنڌ جي باڪمال شاعر ادل سومري لکيو آهي، هي ڪتاب سنڌ جي هر بڪ اسٽال تي موجود آهي بيخود بلوچ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار پوليس ڪارروائي،خام مال ۽ گهٽڪو ٺاهڻ جون مشينون هٿ، 2 ڄڻا گرفتار

ٽنڊوالهيار(د ر) ٽنڊوالهيار جي ايس ايس پي سيد سليم شاهہ جي حڪم تي ٽاسڪ فورس ايس ايڇ او پيارولنڊ مظهر مهندي . وڏو منشي محمد بخش خاصخيلي جي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سنڌ آبادگار بورڊ جو اجلاس، آبادگارن لاءِ زمين جي رڪارڊ ڪمپيوٽرائيزيشن ۽ زرعي مسئلن تي ڳڻتي ظاهر

ريونيو عملي جو ڪردار گهٽايو وڃي ۽ زمين جي رڪارڊ جي ڪمپيوٽرائيزيشن جلد مڪمل ڪئي وڃي:محمود نواز شاهہ

آبادگار خبردار ڪن ٿا تہ سورج مکي جي پيداوار ۾ گهٽتائي ۽ وڌندڙ خرچ سبب پوک تي اثر پئجي رهيو آهي

زرعي قرض، سيل سرٽيفڪيٽ ۽ دستاويزن ۾ ڏکيائين سبب ننڍا آبادگار وڌيڪ وياج تي قرض وٺڻ تي مجبور آهن

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ آبادگار بورڊ ريونيو کاتي ۾ ڪورنٽس جي ڪوٽ ۽ نا اهلي سبب ننڍن آبادگارن لاءِ وڌندڙ مسئلن تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي مطالبو ڪيو آهي تہ زمين جي رڪارڊ جي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سکر: قديمي پيرمراد شاهہ جي قبرستان ۾ گٽر جو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

سرهاڙي پرسان لنڊو شاخ مان نوجوان جو ڳريل لاش هٿ، سڃاڻپ نہ ٿي سگهي، اسپتال منتقل

شهدادپور (ن ع) سرهاڙي پرسان لنڊو شاخ مان نوجوان جو ڳريل حالت ۾ لاش هٿ آئي جنهن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي لنڊو شاخ مان هڪ هٿ آيل نوجوان جو ڪيڙن کان آجو ۽ ڳريل حالت ۾ لاش هٿ آيو ڳوٺاڻن جي اطلاع تي سرهاڙي پوليس بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ اياز لطيف پليجو سان عالمي سنڌي وفد ملاقات ڪئي

آمريڪا، برطانيہ، جاپان، فلپائن ۽ ڪينيڊا کان آيل وفد سان عالمي صورتحال تي ڳالهہ ٻولهہ

دنيا ۾ پکڙيل سنڌي پنهنجو حصو وٺائي رهيا آهن، امن ۽ محبت جو پيغام پهچائين ٿا: اياز پليجو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد: قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو سان سنڌس رهائش گاهہ تي آمريڪا، برطانيہ، جاپان، فلپائن ۽ ڪينيڊا کان آيل سنڌين جي وفد ملاقات ڪئي وفد ۾ ساڻا جو صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جو صدر ايوب مهر لنڊن کان پروفيسر لال چند لوهاڻو اوساڪا جاپان کان نثار مهر ڪينيڊا بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

راڻي پور جي صحافي فاروق احمد دايو جو والد محمد بخش دايو لاڏاڻو ڪري ويو

راڻي پور(ن ع) راڻي پور پريس ڪلب جي سينيئر صحافي فاروق احمد دايو جو والد محمد بخش دايو مختصر علالت بعد گمبٽ جي گمس اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سنڌس جي جنازي نماز عيسو لاکو امام بارگاهہ ۾ ادا ڪئي وئي، سنڌس جي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ خودڪشي ڪندڙ ڳورڌن ميگهواڙن جي وارثن سان سريندر ولاسائي جي تعزيت

پي پي اڳواڻ، سابق سينيٽر ۽ ٽائون ڪاميٽي چيئرمين وارثن سان همدردي جو اظهار ڪيو

ڳوٺ امن آباد ۾ ماستر جيرام داس جي ديهانت تي پڳ ٻڌڻ تي تعزيت ڪئي وئي

مٺي (د-ر) پ پ پ ايم پي اي سريندر ولاسائي، سابق سينيٽر پ پ اڳواڻ انجنيئر گيان چند ايسراڻي، ٽائون ڪاميٽي چيلهار جي چيئرمين ٻهاري لال راٺوڙ ڪامريڊ ٽيڪم داس، ميونسپل ڪاميٽي مٺي جي وائيس چيئرمين سمترا منجيانڻي، اشوڪ چوهاڻ، ٺارومل ترڪيہ ڪامريڊ ڳورڌن، سينيئر صحافي نندلال لوهاڻو صحافي نانڪرام ميگهواڙ نواز لنڊ، ادريس لنڊ، بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

سکر پريس ڪلب، ڪئميرامين ۽ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد جو سلسلو جاري

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب، ڪئميرامين ۽ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي نون چونڊيل عهديدارن بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.